ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 26 جون 2026ع 10 محرم الحرام 1448ھ صفحا 06 - ملهه 30 وپيه شمارو (310)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Friday 26th June 2026
Daily Ibrat Karachi
سال (18) جمعو 26 جون 2026ع 10 محرم الحرام 1448ھ صفحا 06 - ملهه 30 وپيه شمارو (273)

پاڪستان کي معاشي طاقت بڻائينداسين، ڪير ميري نظر سان ڏسندو ته ان جون اکيون ڪڍي ڇڏينداسين: نائب وزيراعظم

پاڪستان آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ تاريخي ثالث جو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ٻنهي ملڪن کي هڪ ئي ميز تي گڏ ڪري خطي ۾ امن لاءِ هڪ نئون رستو هموار ڪيو آهي

هاڻي پاڪستاني پاسپورٽ جي پوري دنيا ۾ عزت ڪئي ويندي آهي، خدا جو شڪر آهي جو سپهه ڪان پهرين ٻه ملڪ هڪ اهڙي ميز تي گڏ ٿيا جتي اهي پاڻ ڪڏهن به نه ويٺا هئا

47 سالن کان پوءِ ايران ۽ آمريڪا هڪ ميز تي گڏ ٿيا. ٻنهي ملڪن جي معاملي ۾ اسان جو ڪم سهولت فراهم ڪرڻ هو، معاهدي تي صحيحون ٿي چڪيون آهن

اسان هڪ امن پسند ملڪ آهيون. پلي اهو ڪيترو به ننڍو هجي يا وڏو جيڪڏهن ڪو پاڪستان کي خراب نظر سان ڏسڻ جي غلطي ڪندو ته اسان ان جون اکيون ڪڍي ڇڏينداسين

پاڪستان، جنهن کي سفارتي طور تي الڳ ڪيو ويو، چيو ويندو هو. اسان کي دهشتگرد ملڪ سڏيو ويندو هو. اڄ اسان کي سڄي دنيا ۾ هڪ پرامن ملڪ طور سڃاتو وڃي ٿو

پگهاردار طبقي ۽ واپارين کي رليف ڏنو ويو آهي. وزيٽي ۾ ملبيل حڪومت خراب صورتحال ۾ هئي: اسحاق ڊار جون داتا دربار جي 983 هين ساليانو غسل تقريب ۾ شرڪت ڪان پوءِ ميڊيا سان ڳالهيون

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان کي معاشي طاقت بڻايو ويندو ۽ جيڪڏهن ڪو به نظر بد لڳائيندو ته ان جون اکيون ڪڍي ڇڏيندو. داتا دربار جي 983 هين ساليانو غسل تقريب ۾ شرڪت ڪان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي اسحاق ڊار بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ايم او يو بابت آمريڪا جا متضاد بيان سامهون اچي رهيا آهن: ايراني ترجمان

آمريڪا کي مفاهمتي يادداشت جي واضح متن جي ابتڙ تشريحون ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي

تهران (ن ر د) ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو آهي ته مفاهمتي يادداشت بابت آمريڪا جا متضاد بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: 9 محرم الحرام جو مرڪزي جلوس پنهنجي روايتي رستن تان گذري منزل ڏانهن وڃي رهيو آهي

وينزويلا ۾ هڪٻئي پٺيان ٻه زلزلا، 10 هزار کان مٿي ماڻهن جي فوت ٿيڻ جو خدشو، هزارين زخمي

وينزويلا ۾ آيل ٻن طاقتور زلزلن وڏي تباهي مچائي ڇڏي، سڄي ملڪ ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪئي وئي، 167 ڄڻا فوت ۽ 900 کان وڌيڪ شهري زخمي ٿيڻ جي تصديق

گادي واري شهر ڪاراڪاس ۽ سامونڊي شهر لا گوئيرا ۾ وڏي پيماني تي تباهي جون خبرون مليون آهن، جنهن ڪانپوءِ حڪومت ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي

بچاءَ وارين ٽيمون ڪاراڪاس ۾ ملبي هيٺان ڦاٿل ماڻهن جي ڳولا ۾ مصروف، ڪيترن ئي هنڌن تان مدد لاءِ رڙين ۽ سڏن جون آوازون ٻڌڻ ۾ اينديون رهيون

زلزلن جا جهٽڪا پاڙيسري ملڪن ڪولمبيا ۽ برازيل جي ڪجهه علائقن ۾ پڻ محسوس ڪيا ويا. ڪجهه سيڪنڊن جي وقفي سان پهرين 7.1 ۽ پوءِ 7.5 شدت جا زلزلا رڪارڊ

ڪاراڪاس (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وينزويلا ۾ آيل ٻن طاقتور زلزلن وڏي تباهي مچائي ڇڏي آهي، جنهن سبب 10 هزار کان وڌيڪ ماڻهن جي فوت ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته سڄي ملڪ ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪئي وئي آهي هڪ ٻئي پٺيان آيل ٻن شديد زلزلن جي نتيجي ۾ هينئر تائين 167 ڄڻا فوت ۽ 900 کان وڌيڪ زخمي ٿي چڪا آهن. گادي واري شهر ڪاراڪاس ۽ سامونڊي شهر لا گوئيرا ۾ وڏي پيماني تي تباهي جون خبرون مليون بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪاراڪاس: وينزويلا ۾ آيل زلزلي سبب ٿيل تباهي جو ڏيک

عاشوري جو ڏينهن اسان کي صبر جو درس ڏي ٿو: صدر آصف زرداري

هي ڏينهن اسان کي ڪيترن ئي اهم تاريخي واقعن جي ياد تازي ڪري ٿو

ڪربلا واقعو رڳو هڪ تاريخي سانحو نه آهي پر هڪ دائمي پيغام آهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته عاشوري جو ڏينهن اسلامي تاريخ جو هڪ عظيم ۽ بامعنيٰ ڏينهن آهي جيڪو اسان کي صبر، استقامت، ايمان، حق گوئي ۽ اصولن تي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

عاشوره اسان کي ايثار ۽ حق تي ثابت قدم رهڻ جو درس ڏئي ٿو: حنيف عباسي

حضرت امام حسين رض ظلم ۽ جبر آڏو سر نه جهڪائي مسلم امت لاءِ عظيم مثال قائم ڪيو

الله تعاليٰ اسان کي ڪربلا جي واقعي جي حقيقي پيغام کي سمجهڻ جي توفيق ڏي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو آهي ته عاشورن جو ڏهاڙو اسان کي صبر استقامت ايثار ۽ حق تي ثابت قدم رهڻ جو درس ڏئي ٿو حضرت امام حسين رض ۽ اهلِ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايران جي ٽرانسپورٽ واري وزير فرزانه صادق وفاقي وزير عليم خان سان ملاقات ڪري رهي آهي، وفاقي وزير جام ڪمال ۽ حنيف عباسي پڻ موجود آهن

اسلام آباد مفاهمتي يادداشت ايراني قوم جي مزاحمت ۽ طاقت جي علامت آهي: باقر قاليباف

مفاهمتي يادداشت دٻاءُ يا جبر جو نتيجو ناهي، اها آمريڪا جي شڪست جو اعلان بڻجي وئي آهي

خطي جا ملڪ پنهنجي علائقائي سلامتي پاڻ يقيني بڻائين، ٻاهرين مداخلت کي رد ڪن

ايران پاڙيسري ملڪن سان خودمختياري جي احترام جي بنياد تي سهڪار لاءِ تيار آهي

تهران (ن ر د) ايران جي ڳالهين واري چيف محمد باقر قاليباف آذربائيجان ۾ آواءِ سي پارليامنٽري يونين جي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته اسلام آباد مفاهمتي يادداشت دٻاءُ يا جبر جو نتيجو ناهي، هن چيو ته اسلام آباد مفاهمتي يادداشت ايراني قوم جي مزاحمت، ثابت قدمي ۽ طاقت جي علامت آهي ۽ اها آمريڪا جي شڪست جو بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

آبناءِ هرمز مان گذرڻ لاءِ نئين رستي جو اعلان خطرناڪ هوندو: پاسداران انقلاب

محفوظ گذر فقط انهن مخصوص رستن ذريعي ممڪن آهي جيڪي ايران طرفان باقاعدي مقرر ڪيا ويا آهن

آبناءِ هرمز مان گذرڻ لاءِ پاسداران انقلاب جي بحريه سان رابطي ۽ هم آهنگي لازمي آهي: ايراني فورسز

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پاسداران انقلاب چيو آهي ته ايران سان رابطي کان سواءِ آبناءِ هرمز لاءِ ڪنهن به نئين سامونڊي رستي جو اعلان ناقابل قبول ۽ انتهائي خطرناڪ آهي. پاسداران انقلاب موجب آبناءِ هرمز مان محفوظ گذر فقط انهن مخصوص رستن ذريعي ممڪن آهي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ايران جنگ ۾ آمريڪا کي مدد فراهم ڪرڻ تي نيٽو ملڪن کان وضاحت طلب ڪري ورتي

نيٽو جي سيڪريٽري جنرل پنهنجي بيان ۾ واضح طور اٽلي ۽ رومانيا جا نالا ورتا آهن

بيان اهو اعتراف آهي ته نيٽو گڏيل قومن جي هڪ خودمختيار ميمبر ملڪ خلاف غيرقانوني جنگ ۾ حصو ورتو

انهن ملڪن کي جوابده قرار ڏنو وڃي. ڪين عالمي برادري ۽ پنهنجي قوم آڏو وضاحت پيش ڪرڻ گهرجي

تهران (ن ر د) ايران آمريڪا کي جنگ ۾ مدد فراهم ڪرڻ تي نيٽو ملڪن کان وضاحت طلب ڪئي آهي ايراني پرڏيهي وزارت جي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائيءَ جو رجحان برقرار

واشنگٽن (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڏکڻ لبنان جي ڪجهه علائقن جو ڪنٽرول لبناني فوج حوالي ڪيو ويندو: اسرائيلي عملدار

آمريڪي سهڪار سان ٻنهي ملڪن ۾ هڪ آزمائشي منصوبي تي ڳالهيون جاري آهن

لبناني فوجين کي آمريڪا تربيت ڏيندو منصوبي باوجود اسرائيلي فوج بفر زون ۾ موجود رهندي

تل ابيب (ن ر د) اسرائيلي عملدارن موجب آمريڪي سهڪار سان اسرائيل ۽ لبنان وچ ۾ هڪ آزمائشي منصوبي تي ڳالهيون بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پنجاب ۾ مڪاني چونڊون ڪرائي عوام کي انهن جو آئيني حق ڏنو وڃي: شرجيل ميمڻ

پنهنجي صوبي ۾ مڪاني چونڊن کان پاسو ڪندڙ ن ليگ ڪراچي جي جمهوري عمل تي تنقيد ڪري پئي

ڪراچي ۾ مڪاني چونڊون آئين ۽ قانون موجب ٿيون، عوام پنهنجا نمائندا چونڊيا ۽ جمهوري عمل مڪمل ٿيو

خواجا سعد رفيق کي عوام جي فيصلي تي اعتراض ڪرڻ بدران جمهوري روايتن جو احترام ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ خواجا سعد رفيق جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته خواجا سعد رفيق صاحب کي صلاح آهي ته پهريان پنجاب ۾ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

لاهور: 9 محرم الحرام جي ماتمي جلوس ۾ ٻارڙا زنجيرن ۽ ڇرين سان ماتم ڪري رهيا آهن

اسلام آباد: جرمني جي پاڪستان ۾ مقرر سفير اينا ليپيل وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال سان ملاقات ڪري رهي آهي

سادا 500 سالا قديمي ۽ تاريخي روهڙيءَ جو شمع گل وارو ماتمي جلوس برآمد، گرمي سبب 4 عزادار فوت

شمع گل ڪرڻ بعد قديمي ۽ تاريخي 9 ڏال تعذيي وارو ماتمي جلوس شاهه عراق امام بارگاهه مان برآمد ٿيو، جنهن ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لکين عزادارن شرڪت ڪري زيارت ڪئي

اڄ عاشور واري ڏينهن منجهند 9 ڏال واري زيارت وارو ماتمي جلوس پيهر ڪڍيو ويندو، شهيدن واري قبرستان وٽ امام حسين ع سان محبت، عقيدت رکندڙ هزارين عزادارن جي اکين اکين سان نهر ٿيندو

ماتمي جلوس جي سيڪيورٽيءَ لاءِ 2000 کان وڌيڪ پوليس آفيسر ۽ جوانن مقرر ڪيا ويا آهن. 150 رينجرس جا آفيسر ۽ جوان به سيڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏيندا

سکر(رپورٽ: خالد ٻانبڻ) صبح جو آذان وقت شمع گل ڪرڻ بعد قديمي ۽ تاريخي 9 ڏال تعذيي وارو ماتمي شاهه عراق امام بارگاهه مان برآمد ٿيو جنهن ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لکين عزادارن شرڪت ڪري زيارت ڪئي عوام پيهه ۽ گرمي سبب چار عزادار عمران شيخ، نويد شيخ، شفقت عباس ڪانهر ۽ نعمت الله عرف حالي سومرو فوت ٿي ويا. جڏهن ته ڪيترائي عزادار بيهوش ٿي ويا جن ڪئمپ توڙي اسپتال منتقل ڪيو ويو بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سکر: روهڙي جي شمع گل واري تاريخي ماتم دوران گرمي ۽ ساهه ٻوساٽجڻ سبب حياتيون وڃائيندڙ عزادارن جا فوٽو ٻئي طرف زخمين کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

ڪربلا جي قرباني، صبر، استقامت ۽ وفاداري جو داستان قيامت تائين انسانيت جي رهنمائي ڪندو رهندو: وڏو وزير

حضرت امام حسين ع ۽ ڪربلا جي شهيدن جون عظيم قربانيون امتِ مسلم جو لازوال سرمايو آهن

ڪربلا جي شهيدن پنهنجي پاڪ رت سان اسلام جي آبياري ڪندي حق ۽ انصاف جو علم بلند ڪيو

سنڌ ڌرتيءَ سدائين اهلِ بيت سان محبت ۽ عقيدت کي پنهنجي سڃاڻپ بڻايو آهي: پيغام ۾ اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عاشوري ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ڪربلا جي شهيدن جي عظيم قربانين کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو آهي ته سلام آهي ان حسين عليهم السلام تي جنهن دين محمد ﷺ جي سربلندي ۽ اسلام جي بقا لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو هن چيو ته ڪربلا جي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

لاهور: عزادار ناريون ماتمي جلوس ۾ شريڪ آهن

پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ گڏيل ٽرانسپورٽ ڪميٽي کي فعال ڪرڻ تي اتفاق

مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان سان ايراني وزير فرزانه صادق ملاقات ڪئي

ٻنهي ملڪن وچ ۾ زميني رابطن جي مضبوطيءَ سان واپاري موقعا وڌندا: وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان سان پاڪستان جي ڏوري تي آيل ايراني ٽرانسپورٽ واري وزير فرزانه صادق ملاقات ڪئي ملاقات دوران ريلوي وارو وفاقي وزير محمد حنيف عباسي، واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال خان ۽ سامونڊي معاملن وارو وفاقي وزير بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ جرمني پاران تعليم، پائيدار ترقي، ثقافتي مٽاسٽا تعاون وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم

وفاقي وزير احسن اقبال سان جرمني جي سفير جي ملاقات، گڏيل دلچسپيءَ وارن معاملن تي ڳالهيون

اعليٰ تعليم، فيڪلٽي ڊولپمينٽ، تحقيقاتي تعاون، وظيفن ۽ تعليمي مٽاسٽا جي پروگرامن بابت تعاون تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته اعليٰ تعليم فيڪلٽي ڊولپمينٽ، تحقيقاتي تعاون، وظيفن ۽ تعليمي مٽاسٽا جي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ايران خلاف جنگ ۾ نيٽو ۽ يورپ آمريڪا کي ڏاڍو مايوس ڪيو: صدر ٽرمپ

ايران معاهدي جي نتيجي ۾ تمام وڏيون رعايتون ڏئي رهيو آهي ۽ آمريڪا ڪاميابي حاصل ڪري رهيو آهي

برطانيا، فرانس، جرمني، اسپين ۽ اٽلي کان مايوس آهيان، ان هوندي به حالتون تمام سٺي نموني هلي رهيون آهن

ايران آمريڪي هارين کان خوراڪ خريد ڪري ۽ ان جي ادائيگي منجمد اثاثن مان ڪري: آمريڪي صدر جون ميڊيا سان ڳالهيون

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته ايران معاهدي جي نتيجي ۾ تمام وڏيون رعايتون ڏئي رهيو آهي ۽ آمريڪا ڪاميابي حاصل ڪري رهيو آهي نيٽو بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سينيٽ چيئرمين پاران وينزويلا ۾ زلزلن سبب ٿيل جاني ۽ مالي نقصان تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني وينزويلا ۾ آيل بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سميت مختلف شهرن ۾ ايندڙ ٽن ڏينهن ۾ تيز هوائن ۽ رسڪاري جي اڳڪٿي

آسمان جزوي طور ڪڪرن سان ڍڪيل رهڻ ۽ موسم گرم توڙي گهميل رهڻ جو امڪان

جيڪب آباد، دادو، قمبر شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ۾ به برسات پوندي: موسميات کاتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ايندڙ ٽن ڏينهن دوران آسمان جزوي طور ڪڪرن سان ڍڪيل رهڻ ۽ موسم گرم توڙي گهميل بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪي پي ڪي جي گورنر سان نويد قمر جي ملاقات، گڏيل دلچسپيءَ وارن معاملن تي ڳالهيون

پشاور ۾ ٿيل ملاقات ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

وفاقي سطح تي ڪي پي ڪي جا مسئلا اجاگر ڪرڻ تي گورنر جي ڪردار کي خراج تحسين پيش

پشاور (اي پي پي) ڪي پي ڪي جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مرڪزي اڳواڻ سيد نويد قمر ملاقات ڪئي گورنر هائوس مان جاري بيان موجب هلال احمر ڪي پي ڪي جو بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ امن لاءِ سنڌ پوليس جون خدمتون قابل تحسين آهن: مرتضيٰ وهاب

ڪراچيءَ جي ميئر پاران سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي جو دورو ڪري آءِ جي سنڌ سان ملاقات ڪئي

محرم الحرام جي مرڪزي جلوس، مجلسن ۽ حساس هنڌن تي لڳل ڪيمرائن، جديد مانيٽرنگ سسٽم بابت بريفنگ

سيف سٽي قدمن، سرويلنس سسٽم ۽ بين الاداره جاتي رابطن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار جي خاطري

ڪراچي (اي پي پي) ڪراچيءَ جي ميئر مرتضيٰ وهاب خميس ڏينهن سينٽرل پوليس آفيس ڪراچيءَ جو دورو ڪيو آءِ جي سنڌ جاويد اوڊو سان ملاقات ڪئي ۽ سينٽرل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

شهيدن جون قربانيون ايندڙ نسلن لاءِ روشن مثال آهي: اياز صادق

عاشوره قرباني، صبر، استقامت، حق ۽ انصاف لاءِ ثابت قدمي جو درس ڏئي ٿو

موجوده چئلينجز جو مقابلو اتحاد، بصيرت ۽ گڏيل جدوجهد سان ئي ممڪن آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏوهٽي حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه ۽ ڪٽنبن سميت ڪربلا جي شهيدن کي خراج بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

پشاور: 9 محرم جي مرڪزي جلوس دوران عزادار شبيه ذوالجناح جي زيارت ڪري رهيا آهن

پاڪستان مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير جي عام چونڊن 2026ع لاءِ وڌيڪ 5 ٽڪن تي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان مسلم بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر پاران وينزويلا ۾ زلزلن سبب ٿيل جاني ۽ مالي نقصان تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: 9 محرم الحرام جي جلوس ۾ باهه تي ماتم ڪيو پيو وڃي

يوم عاشورہ اسلام جي سربلندي، حق ۽ سچائي جي فتح جو ڏينهن آهي: رياض شاهه شيرازي

حضرت امام حسين ع ۽ سندن ساٿين اسلام جي بقا، عدل انصاف ۽ انسانيت جي تحفظ لاءِ قربانيون ڏنيون

ڪربلا جي قرباني انسان کي حق جو ساٿ ڏيڻ ۽ ظلم خلاف مقابلو ڪرڻ جو درس ڏئي ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اوقاف، مذهبي معاملن زڪوات ۽ عشر واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي يوم عاشوره جي موقعي تي پنهنجي خصوصي پيغام ۾ حضرت امام حسين عليه السلام بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پنوعاقل پرسان بيهل ٽرالر سان ٽرالر جو ٽڪر، ڊرائيور فوت

فيصل آباد واسي ڊرائيور غلام حيدر سخت زخمي ٿيڻ بعد دم ڏئي ڇڏيو

پوليس ۽ امدادي ٽيمون موقعي تي پهچي لاش وارثن حوالي ڪيو

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل سانگي ٿاڻي جي حد ۾ افسوسناڪ روڊ حادثو پيش آيو ٽرالر ڊرائيور فوت، جتي روڊ ڪناري بيهل ٽرالر کي هڪ ٻي تيز رفتار ٽرالر اچي ٽڪر هنيو حادثي جي نتيجي ۾ ٽرالر ڊرائيور غلام بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جو سکر ۽ روهڙي جو دورو، محرم سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو

مرڪزي جلوسن، مجلسن ۽ تاريخي نو ڏالا تعزيي جي فضائي ۽ زميني نگراني، فول پروف سيڪيورٽي جون هدايتون

سمورا پوليس آفيسر ۽ اهلڪار چستي ۽ پيشي وارانه ذميواري جو مظاهرو ڪن: ضياء الحسن لنجار

محرم تقريبن جي پرامن انعقاد تي اطمينان. ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف ڪارروائين ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ڪوشش جي تصديق

سکر(بيورو رپورٽ) صوبائي گهرو وزير سنڌ ضياء الحسن لنجار 9 محرم الحرام جي موقعي تي سکر ۽ روهڙي جو دورو ڪندي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سيناريجا لڳ ويگو جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، ٻه ڄڻا فوت، هڪ زخمي

مهراڻ هاءِ وي تي پيپر ٻيڙو اسٽاپ وٽ تيز رفتار ويگو جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا زخمي، اسپتال ۾ نويد ڪيمتيو ۽ عطا محمد جروار زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويا

سيناريجا (ن ع) سيناريجا پرسان مهراڻ هاءِ وي تي پيپر ٻيڙو اسٽاپ وٽ المناڪ روڊ حادثو ۾ ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا جڏهن ته هڪ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

قاسم آباد ۾ عزادارن پاران رت جو عطيو ڏئي ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش

امام بارگاهه امام سجاد عليہ السلام ۾ نائين محرم تي هزارين عزادارن جي شرڪت

اماميه ۽ امام سجاد اسڪائوٽس پاران سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) امام بارگاهه امام سجاد عليہ السلام قاسم آباد ۾ عزادارن رت جو عطيو ڏئي ڪربلا جي شهيدن کي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ معصوم نينگري پراسرار نموني گم ٿي وئي، وارث سخت پريشان

نظر محلا مان 12 ورهين جي ثنا ڌيءَ شمس الدين سومرو گهران نڪرڻ بعد گم ٿي

مختلف هنڌن تي ڳولا باوجود هن وقت تائين ڏس پتو نه پئجي سگهيو، وارث پريشان

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي رحمت پور ٿاڻي جي حد نظر محلا مان گذريل ڏينهن 12 ورهين جي نينگري ثنا بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران وينزويلا ۾ شديد زلزلي سبب قيمتي انساني جانين جي زيان تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري وينزويلا ۾ ايندڙ شديد زلزلي جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانين جي زيان ۽ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

موڪل جو اعلان

عاشوره محرم الحرام جي سلسلي ۾ روزاني عبرت جون آفيسون جمع 26 جون 2026ع تي بند رهنديون جنهن ڪري ڇنڇر 27 جون تي اخبار نه اينديون، اخبار بيهر آچر 28 جون تي اوهان جي هٿن ۾ هونديون، ايجنٽ ۽ نمائندا نوٽ ڪن

-ادارو

سينٽ پيٽرس برگ: سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس يحيٰ آفريدي، آئيني عدالت جو چيف جسٽس امين الدين خان پاڪستان جي سفير فيصل نياز ترمذي سان گڏ بيٺل آهن

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ اڄ عاشوره ڏهاڙي تي مجلسن ۽ جلوسن بابت هيلٿ ايمرجنسي لاڳو

عزادارن کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ صحت کاتي پاران جامع پلان تيار ڪيو ويو

سمورين اسپتالن ۽ ننڍن وڏن صحت مرڪزن ۾ 24 ڪلاڪ ايمرجنسي ڊيوٽيون مقرر ڪيون ويون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ضلعي صحت آفيسر لاڙڪاڻو ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو چيو آهي ته 10 محرم الحرام جي سلسلي ۾ عزادارن کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ صحت کاتي پاران ضلعي انتظاميا، پيپلزپارٽي جي اعليٰ قيادت، ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو طارق منظور چانڊيو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوالهيار ۾ اڄ 2 وڏا مرڪزي ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويندا

امام بارگاهه حيدري تان امداد حسين حيدري ۽ سخي موج دريا درگاهه تان زاهد شاهه رضوي جلوس برآمد ڪيو ويندو

مقامي انجمنون نوحا خواني ڪري سينا زني ۽ زنجير زني جو ماتم ڪنديون

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ عزاداري جو سلسلو جاري آهي انهي حوالي سان ضلعي جي ڪنهين تعلقن جهنڊو مري . چمبڙ ۽ ٽنڊوالهيار ۾ مجلس عزا . ماتمي جلوس ۽ تازيا ڪڍيا پيا وڃن جڏهن ته اڄ 10 محرم الحرام يوم عاشور تي ٽنڊوالهيار شهر مان 2 وڏا ماتمي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: عزادار ناريون محرم الحرام جي جلوس ۾ شريڪ آهن

ڏگهڙي ۾ هيڊ ماستر اوچتي چڪر اچڻ سبب موٽرسائيڪل سان ڪري فوت

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول مڪراڻي ڪالوني جي هيڊ ماستر ۽ يوسف آباد واسي الطاف حسين بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: 9 محرم الحرام جي رات جو نياز لاءِ ديڳون تيار ڪيون پيون وڃن

ڪراچي ۾ نائين محرم الحرام جو مرڪزي ماتمي جلوس برآمد، سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت

نشترپارڪ مان برآمد ٿيل مرڪزي جلوس روايتي رستن کان ٿيندو حسينيه ايرانيان امام بارگاهه ڪارادر پهچي ختم ٿيو

پوليس رينجرز پاران به سيڪيورٽي جا غير معمولي ۽ فول پروف انتظام ڪيا ويا. وڏي تعداد ۾ اهلڪار مقرر

جلوس جي رستي جا ٻئي ڪنارا ڪنٽينر لڳائي سيل ڪيا ويا، بلند عمارتن تي به خاص نگراني جا انتظام ڪيا ويا

ڪراچي (اي پي پي) 9 محرم الحرام جو مرڪزي ماتمي جلوس سيڪيورٽي جي سخت انتظامن هيٺ خميس ڏينهن نشترپارڪ مان برآمد ٿيو ان کان اڳ نشتر پارڪ ۾ مجلس منعقد ڪئي وئي جنهن بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان خلاف دهشتگرديءَ ۾ ملوث فتنه الخوارج کي افغان طالبان رجيم جي پٺڀرائي حاصل آهي: برطانيا

فتنه الخوارج هڪ دهشتگرد گروهه آهي ۽ ان کي افغانستان کان حمايت ملي رهي آهي: خصوصي نمائندو رچرڊ لنڊسي

پاڪستان ۾ سيڪيورٽي آپريشنز کان بچيل دهشتگردن لاءِ افغانستان محفوظ پناهگاهه بڻيل آهي

ڪابل ۽ قنڌار ۾ طالبان رجيم جي عملدارن کي فتنه الخوارج خلاف فيصلائتن قدمن جي ضرورت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان خلاف دهشتگرديءَ ۾ فتنه الخوارج کي افغان طالبان رجيم جي پٺڀرائي حاصل آهي افغانستان ۾ برطانيه جي خصوصي نمائندي رچرڊ لنڊسي پرڏيهي ميڊيا کي انٽرويو ۾ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

روزاني عبرت

بقايا | 1 | روزاني عبرت

بيان سامهون اچي رهيا آهن. هن چيو ته اهڙا بيان ايراني عوام جي بي اعتمادي گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. آمريڪا کي مفاهمتي يادداشت جي واضح متن جي ابتڙ تشريحون ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجون ذميواريون ۽ واعدا پورا ڪرڻ گهرجن.

بقايا | 2 | روزاني عبرت

آهن، جنهن ڪانپوءِ حڪومت ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي آهي. بچاءَ وارين ٽيمون ڪاراڪاس ۾ ملبي هيٺان ڦاٿل ماڻهن جي ڳولا ۾ مصروف آهن، جڏهن ته ڪيترن ئي هنڌن تان مدد لاءِ رڙين ۽ سڏن جون آوازون ٻڌڻ ۾ اينديون رهيون. ساموئيڊي شهر لا گوئيرا ۾ به عمارتن ۽ بنيادي ڍانچي کي سخت نقصان پهتو آهي. وينزويلا جي قائم مقام صدر Delcy Rodr□guez زلزلن سبب 167 فوتگين جي تصديق ڪئي آهي. هن ٻڌايو ته 971 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا آهن، جڏهن ته ڪاراڪاس ۽ لا گوئيرا ۾ ڪيترن ئي عمارتن کي سخت نقصان پهتو آهي. مائيڪيتيا ۾ واقع مرڪزي هوائي اڏو به سخت متاثر ٿيڻ سبب بند ڪيو ويو آهي. زلزلن جا جهٽڪا پاڙيسري ملڪن ڪولمبيا ۽ برازيل جي ڪجهه علائقن ۾ پڻ محسوس ڪيا ويا. ڪجهه سيڪنڊن جي وقفي سان پهرين 7.1 ۽ پوءِ 7.5 شدت جا زلزلا رڪارڊ ڪيا ويا، جڏهن ته United States Geological Survey 10 هزار کان وڌيڪ فوتگين جو خدشو ظاهر ڪيو آهي. قائم مقام صدر ڊيلسي روڊريگيز موجب 7.2 ۽ 7.5 شدت وارن [illegible]

[illegible]

امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه، اهل بيت ۽ انهن جي ساٿين جي وفا جي ان عظيم قرباني سان آهي جيڪا 61هجري ۾ ڪربلا جي ميدان ۾ پيش آئي. خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران عاشوري جي ڏينهن جي موقعي تي جاري پنهنجي پيغام ۾ صدر آصف علي زرداري چيو ته ڪربلا واقعو رڳو هڪ تاريخي سانحو نه آهي پر هڪ دائمي پيغام ۽ هڪ زندهه درسگاهه آهي. حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي عمل سان مسلمان امت کي اها تعليم ڏني ته حق، عدل، ديانت ۽ انساني وقار جي تحفظ جي لاءِ هر قسم جي قرباني ڏئي سگهجي ٿي پر باطل، ظلم ۽ ناانصافي آڏو ڪنڌ نه ٿو جهڪائي سگهجي. صدر چيو ته انهن جي جدوجهد جو مقصد امت جي اصلاح ۽ دين محمدي ﷺ جي حقيقي قدرن جو تحفظ هو اڄ اسان کي بطور قوم اهو وچن ڪرڻ گهرجي ته اسان حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه جي سيرت سان حق پسندي، اخلاقي جرئت، صبر ۽ تحمل، ايثار ۽ خدمت خلق جي اوصاف کي پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي جو حصو بڻائينداسين. صدر آصف علي زرداري چيو ته هو سمورن پاڪستانين کي اپيل ڪري ٿو ته عاشوري جي ڏينهن امن، ڀائيچاري، بين المسالڪ احترام ۽ ڀائيچاري جي فضا کي فروغ ڏين، افواهن ۽ اشتعال انگيز روين کان پاسو ڪن ۽ قومي وحدت ۽ يڪجهتي جي استحڪام جي لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن. هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ اسان کي ڪربلا جي واقعي جي حقيقي پيغام کي سمجهڻ، ان مان رهنمائي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي زندگين کي حق، عدل، صبر ۽ تقويٰ جي اصولن موجب قائم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا | 4 | روزاني عبرت

بيت جي عظيم قرباني اسلام جي حقيقي قدرن جي تحفظ جو روشن مثال آهي. ڪربلا جو واقعو حق ۽ باطل وچ ۾ هڪ ابدي ويڇو آهي جيڪو هر دؤر جي انسان کي رهنمائي فراهم ڪري ٿو. عاشورن جي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ محمد حنيف عباسي چيو آهي ته حضرت امام حسين رضه ظلم، جبر ۽ ناانصافيءَ آڏو سر نه جهڪائي مسلم امت لاءِ عظيم مثال قائم ڪيو. عاشورن جو ڏهاڙو اسان کي سچائي، انصاف ۽ انساني وقار جي تحفظ لاءِ هر قربانيءَ جو پيغام ڏئي ٿو. قوم حضرت امام حسين رضه جي سيرت مان صبر، تحمل، اخلاقي جرائت ۽ خلق خدمت جا گڻ اختيار ڪري. محمد حنيف عباسي چيو ته ڪربلا جي شهيدن جون عظيم قربانيون حق، عدل ۽ اصول پسنديءَ جون لازوال علامتون آهن. عاشورن جي موقعي تي اتحاد، رواداري، بين المسالڪ هم آهنگي ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ جي اڳ کان وڌيڪ ضرورت آهي. وفاقي وزير چيو ته افواهن ۽ ڇڙ ڏيارينڌڙ ۽ نفرت انگيز روين کان پاسو ڪرڻ قومي يڪجهتيءَ لاءِ اٽل آهي. پوري قوم ڪربلا جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪري ٿي. محمد حنيف عباسي چيو ته حضرت امام حسين رضه جي قرباني قيامت تائين حق ۽ صداقت جو روشن مينار بڻيل رهندي. عاشورن جي ڏهاڙي ۾ امن امان، مذهبي هم آهنگي ۽ قومي وحدت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هر فرد پنهنجو ڪردار ادا ڪري. هن چيو ته ڪربلا جي شهيدن جي عظيم قرباني مسلم امت لاءِ اتحاد، اخوت ۽ استقامت جو لازوال پيغام آهي. الله تعاليٰ اسان کي ڪربلا جي واقعي جي حقيقي پيغام کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

بقايا | 5 | روزاني عبرت

اعلان بحجي وئي آهي. باقر قاليباف وڌيڪ چيو ته خطي جا ملڪ پنهنجي علائقائي سلامتي پاڻ يقيني بڻائين، ٻاهرين مداخلت کي رد ڪن ۽ ايران پاڙيسري ملڪن سان خودمختياري جي احترام جي بنياد تي سهڪار لاءِ تيار آهي.

بقايا | 6 | روزاني عبرت

جيڪي ايران طرفان باقاعدي مقرر ڪيا ويا آهن. هنن خبردار ڪيو آهي ته آبناءِ هرمز مان گذرڻ لاءِ پاسداران انقلاب جي بحريه سان رابطي ۽ هم آهنگي لازمي آهي، جڏهن ته هدايتن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ جهازن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا | 7 | روزاني عبرت

سربراهه سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي ٽرمپ چيو ته نيٽو ايران خلاف جنگ ۾ اسان کي مايوس ڪيو. يورپ به اسان جو ساٿ نه ڏنو. ايران واري معاملي تي مان برطانيا، فرانس، جرمني، اسپين ۽ اٽلي کان مايوس آهيان. صحافين سان مختصر ڳالهه ٻولهه دوران هن بنا وضاحت جي چيو ته حالتون تمام سٺي نموني هلي رهيون آهن ۽ اسان ايران خلاف جنگ کٽي رهيا آهيون. ٽرمپ اهو به چيو ته جيڪڏهن ايران پاران آبناءِ هرمز مان ٽول ٽيڪس نه وٺڻ بابت خبرون ڪوڙيون آهن ته پوءِ ڳالهيون فوري طور ختم سمجهيون وڃن. هن ايران جا منجمد اثاثا جاري ڪرڻ جي ڳالهه به رد ڪندي چيو ته ايران آمريڪي هارين کان خوراڪ خريد ڪري ۽ ان جي ادائيگي منجمد اثاثن مان ڪري.

بقايا | 8 | روزاني عبرت

زلزلن جي نتيجي ۾ جاني ۽ مالي نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي متاثر ڪٽنبن سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو آهي. سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري بيان موجب سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان جو عوام ۽ پارليامينٽ ان مشڪل گهڙيءَ ۾ وينزويلا جي حڪومت ۽ عوام سان مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار ڪري ٿي. هن زلزلن ۾ فوت ٿيلن جي ڪٽنبن سان دلي تعزيت ڪندي چيو ته پاڪستاني قوم وينزويلا جي عوام جي غم ۾ برابر جي شريڪ آهي. سيد يوسف رضا گيلاني زلزلن ۾ زخمي ٿيلن جي جلد ۽ مڪمل صحتيابيءَ لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي چيو ته پاڪستان هر مشڪل وقت ۾ وينزويلا جي عوام سان گڏ آهي ۽ ان قدرتي آفتن کان متاثرن جي ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهي ٿو.

بقايا | 9 | روزاني عبرت

رهڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب ڪراچي ۾ ايندڙ ٽن ڏينهن دوران تيز هوائون به هلي سگهن ٿيون، جڏهن ته رات ۽ صبح جي وقت ڪجهه هنڌن تي هلڪي بوندا باندي جو به امڪان آهي. شهر جو گرمي پد 34 کان 36 ڊگري سينٽي گريڊ رهڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته سنڌ جي ساموندي پٽي تي به جزوي طور ڪڪر ڇانيل رهندا، تيز هوائون هلنديون ۽ هلڪي بوندا باندي جو امڪان آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي. ان کانسواءِ جيڪب آباد، دادو، قمبر شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ۾ آنڌاريون (مٽيءَ واريون هوائون) هلڻ سان گڏ هلڪي برسات به ٿي سگهي ٿي.

بقايا | 10 | روزاني عبرت

مرڪزي جلوسن، مجلسن ۽ سيڪيورٽي انتظامن جو فضائي ۽ زميني جائزو ورتو. انهيءَ موقعي تي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه، ترجمان سنڌ حڪومت ۽ ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ، چيئرمين ضلع ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه سميت اعليٰ پوليس ۽ انتظامي آفيسر پڻ ساڻن گڏ هئا. سنڌ جي گهرو وزير روهڙي ۾ [illegible]

رستن تي مسلسل مانيٽرنگ، سرچنگ، سوئيپنگ ۽ اسنيپ چيڪنگ جو عمل وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي جڏهن ته حساس هنڌن، امام بارگاهن ۽ داخلي رستن تي سيڪيورٽي سخت رکي وڃي. ضياءَ الحسن لنجار چيو ته سمورا پوليس آفيسر ۽ اهلڪار چستي ۽ پيشي ورانه ذميواري جو مظاهرو ڪن، سيڪيورٽي پلان تي من و عن عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي،انهيءَ سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن ڪنٽرول رومز کي مڪمل طور تي فعال رکڻ، سي ٽي وي ڪيمرائن، ڊرون مانيٽرنگ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال ذريعي نگراني جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي هدايت پڻ ڪئي. هن چيو ته محرم الحرام دوران امن امان جي قيام لاءِ پوليس، رينجرز، اسپيشل برانچ، ريسڪيو صحت کاتو ۽ ضلعي انتظاميا سميت سمورا لاڳاپيل ادارا مڪمل هم آهنگي سان فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن،جڏهن ته ايمرجنسي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري ريسپانس کي يقيني بڻايو ويو آهي. بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته سڄي صوبي ۾ جلوس ۽ مجلسون پرامن انداز ۾ جاري آهن ۽ روهڙي سميت سنڌ ۾ عزادار پنهنجا مذهبي فريضه خير و عافيت سان ادا ڪري رهيا آهن. هن چيو ته حڪومت سنڌ عزادارن جي جان و مال جي حفاظت کي پنهنجي اولين ترجيح سمجهي ٿي ۽ عوام، علماءِ ڪرام، ذاڪرين ۽ منتظمين جي سهڪار سان پوري صوبي ۾ پرامن ماحول برقرار رکيو پيو وڃي. سنڌ جي گهرو وزير سکر پوليس، ضلعي انتظاميا ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي سمورن آفيسرن کي الرٽ رهڻ جي هدايت ڪئي. ان کان اڳ سنڌ جو گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار روهڙي ۾ قصر ناصر هائوس روهڙي به پهتو جتي هن نياز نذر امام حسينؑ جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي. هن موقعي تي صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه، اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه، ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ، چيئرمين ضلع ڪونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ٻيا معززين پڻ موجود هئا. انهيءَ موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي گهرو وزير ڪچي جي علائقن ۾ امن امان جي صورتحال تي ڳالهائيندي چيو ته حڪومت جي رٽ سموري علائقي ۾ قائم آهي، ڌوهاري عنصرن خلاف ڪارروايون جاري آهن جڏهن ته پائيدار امن جي قيام لاءِ ترقياتي منصوبن ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ تي به ڌيان ڏنو پيو وڃي. هن چيو ته پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ڪوششون جاري آهن ۽ حڪومت هندو برادري سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا | 11 | روزاني عبرت

ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻو، پي پي ايڇ آءِ، ريسڪيو 1122، ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي سهڪار سان جامع پلان تيار ڪيو ويو آهي. هن چيو ته شيعا علماءِ ڪائونسل، نفاذ فقهه جعفريا ۽ مختلف امام بارگاهن جي منتظمين سان صلاح مشوري بعد محرم الحرام دوران صحت جي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ضلعي ۾ هيلٿ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو موجب لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر، ڪيولٽي، تعلقا اسپتالن، رورل هيلٿ سينٽرن ۽ ضلعي جي سمورن ننڍن وڏن صحت مرڪزن ۾ 24 ڪلاڪ ايمرجنسي ڊيوٽيون مقرر ڪيون ويون آهن. ان مقصد لاءِ 120 ڊاڪٽر، 295 پيرا ميڊيڪل اسٽاف، 45 ايمبولينسون ۽ صحت کاتي جا ٻيا ملازم مقرر ڪيا ويا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ضلع لاڙڪاڻي جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ۽ علائقن ۾ 128 ميڊيڪل ٽيمون ۽ ڪيمپون قائم ڪيون ويون آهن، جتي مجلسن ۽ جلوسن ۾ شرڪت ڪندڙ عزادارن کي فوري طبي امداد، دوائون ۽ ٻين ضروري صحت سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو. ڊي ايڇ او لاڙڪاڻو موجب ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر آفيس لاڙڪاڻو ۽ ڊي ايڇ او آفيس ۾ ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيا ويا آهن، جتان ايمبولينسز سروس، طبي امداد ۽ ٻين انتظامن جي مسلسل نگراني ڪئي ويندي. هن چيو ته صحت کاتي پاران محرم الحرام جي ڏهاڙن دوران سمورن انتظامن کي حتمي شڪل ڏني وئي آهي ته جيئن عزادارن کي ڪنهن به طبي تڪليف يا هنگامي صورتحال پيش اچڻ جي صورت ۾ فوري ۽ مؤثر طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن.

بقايا | 12 | روزاني عبرت

جلوس مرڪزي امام بارگاهه حيدري تان امداد حسين حيدري ۽ سخي موج دريا درگاهه تان زاهد شاهه رضوي جي اڳواڻي ۾ الڳ الڳ ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويندا جتي مقامي انجمنون نوحا خواڻي ڪري سينا زني ۽ زنجير زني جو ماتم ڪنديون جڏهن ته شهر جي قلعي ايريا مان قديمي تازيا پڻ برآمد ٿيندا ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن تان ٿيندا واپسي ساڳين جاين تي ٿيندا ۽ آخر ۾ زنجير جي ماتم بعد شام غريبان پڙهي ويندي هي پاسي ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه طرفان مجلسن ۽ ماتمي جلوسن جي سيڪيورٽي لاءِ 17 سئو پوليس اهلڪارن سان گڏ 50 رينجرز جا جوان . بم ڊسپوزل ۽ ٻيو گهربل عملو الرٽ رهندو ماتمي جلوسن جي گذرگاهن جي داخلي ۽ خارجي رستن کي خاردار تارن ۽ ٻين رڪاوٽن سان بند ڪيو ويندو ماتمي جلوسن جي نگراني لاءِ ڪنٽرول روم قائم ڪري سي سي ٽي وي ڪيمرا پڻ نصب ڪيا ويا آهن جيئن ڪنهن به اڻٿيندڙ واقعي کي فوري طور تي منهن ڏئي سگهجي

بقايا | 13 | روزاني عبرت

ڪي ٽاليواري ديني عالم علامه سيد شهنشاهه حسين نقوي خطاب ڪيو. مجلس جي پڄاڻي تي مرڪزي جلوس پنهنجي مقرر رستن کان پنهنجو سفر شروع ڪيو. مرڪزي جلوس پنهنجي روايتي رستن کان ٿيندو حسينيه ايرانيان امام بارگاهه کارادر پهچي ٿيو. 9 محرم الحرام جي مرڪزي جلوس لاءِ سنڌ پوليس سان گڏ رينجرز پاران به سيڪيورٽي جا غير معمولي ۽ فول پروف انتظام ڪيا ويا. مرڪزي جلوس جي روٽ تي سيڪيورٽي ڪئميرائون سان گڏوگڏ مرڪزي جلوس جي سولجر بازار ۾ پريڊي ٿاڻي ۾ قائم ڪنٽرول رومز تان به نگراني ڪئي وئي. جلوس جي لنگهه جا هٽي ڪنارا ڪنٽينر لڳائي سيل ڪيا ويا، جڏهن ته بلند عمارتن تي به خاص نگراني جا انتظام ڪيا ويا. ايم اي جناح روڊ 9 محرم الحرام جي مرڪزي جلوس سبب ٽريفڪ لاءِ بند جڏهن ته ٽريفڪ جي رواني کي يقيني بنائڻ لاءِ ڪراچي ٽريفڪ پوليس پاران ٽريفڪ کي اعلانيل متبادل رستن ڏانهن روانو ڪيو ويو. شهرين کي اپيل ڪئي وئي آهي ته هو جلوس دوران ٽريفڪ پلان تي عمل ڪن ۽ غيرضروري سفر کان پاسو ڪن.

بقايا | 14 | روزاني عبرت

وسيع پئماني تي ٿيندڙ تباهي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان ۾ صدر فوت ٿيندڙن جي گهروارن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪندي وينزويلا جي حڪومت ۽ عوام سان هن مشڪل گهڙيءَ ۾ همدرديءَ ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان جي عوام وينزويلا جي عوام جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي ۽ انهن جي ڏک کي پنهنجو [illegible]

[illegible]

ڏيءِ شمس الدين سومرو پراسرار نموني گم ٿي وئي جنهن جي وارثن مختلف هنڌن تي ڳولا باوجود هٿ نه اچي سگهي وارث پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا. ان حوالي سان ٽينگري جي وارثن جو چوڻ آهي ته گذريل ڏينهن شام جو ٽنا گهران ٽڪري وئي آهي جنهن جي مختلف هنڌن تي ڳولا باوجود هن وقت تائين ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي جنهن سبب سمورا گهر ڀاتي پريشان ٿي ويا آهن. هنن پوليس اختيارين سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته ٽينگري جي ڳولا ۾ مدد ڪري پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا | 16 | روزاني عبرت

حيدر ولد حمايو رهواسي ٿرل ويڙل ضلع فيصل آباد، تعلقو ٽانڊلا، سخت زخمي ٿي پيو جيڪو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. حادثي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي. مرحوم جي اوچتي وفات تي علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئيل آهي.

بقايا | 17 | روزاني عبرت

اهلبيت ۽ شهداءِ ڪربلا کي عقيدت جو نذرانو پيش ڪندي چيو آهي ته يوم عاشوره اسلام جي سربلندي، حق ۽ سچائي جي فتح ۽ عظيم قربانين جي ياد تازو ڪرڻ جو ڏينهن آهي. هن چيو ته اسان جي رسول جي نواسي (ڏوهٽي) حضرت امام حسين عليه السلام دين اسلام جي بقا، عدل ۽ انصاف جي قيام ۽ انسانيت جي تحفظ لاءِ پنهنجي جان، پنهنجي اهل خانه ۽ جانثار ساٿين جون قربانيون پيش ڪيون. ميدان ڪربلا ۾ حضرت امام حسين عليه السلام يزيد جي جابرانه حڪمراني ۽ باطل قوتن جي سامهون حق، سچ ۽ انصاف جو جهنڊو بلند رکيو ۽ رهندي دنيا تائين ظلم ۽ جبر خلاف مزاحمت جو هڪ روشن مثال قائم ڪيو صوبائي وزير چيو ته ڪربلا جو واقعو صبر، استقامت، ايمان، قرباني، حريت ۽ انساني وقار جي هڪ لازوال داستان آهي، جيڪا هر دور جي انسان کي حق جو ساٿ ڏيڻ ۽ ظلم خلاف مقابلو ڪرڻ جو درس ڏئي ٿي. حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت آزادي، حق پسندي ۽ انصاف جي تلاش ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ هميشه مشعل راهه رهندي. سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته شهداءِ ڪربلا جون قربانيون اسلام جي حقيقي روح، اعليٰ اخلاقي قدرن ۽ انساني عظمت جي روشن علامت آهن. يوم عاشوره اسان کي صبر، برداشت، ڀائيچاري، رواداري، قرباني ۽ انسانيت جي خدمت جو سبق ڏئي ٿو هن چيو ته حضرت امام حسين عليه السلام جو پيغام ڪنهن هڪ قوم يا ملت تائين محدود ناهي، پر پوري انسانيت لاءِ هدايت، عدل ۽ حق پسندي جو سرچشمو آهي. جيڪڏهن اسان شهداءِ ڪربلا جي تعليمات کي پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگين جو حصو بڻائي ڇڏيون ته هڪ پرامن، متحد، مستحڪم ۽ فلاحي معاشري جي تشڪيل ممڪن آهي. صوبائي وزير چيو ته سنڌ حڪومت محرم الحرام دوران عزادارن ۽ زائرين جي سهولت لاءِ سيڪيورٽي، طبي امداد، صفائي سٿرائي، ٽريفڪ مئنيجمينٽ، پيئڻ جي پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جا اثرائتا انتظام يقيني بڻايا آهن ته جيئن عقيدتمند پنهنجا مذهبي فرض پرامن ماحول ۾ ادا ڪري سگهن. هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ اسان کي حضرت امام حسين عليه السلام ۽ شهداءِ ڪربلا جي تعليمات تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ پاڪستان کي امن، استحڪام، ترقي، خوشحالي ۽ قومي يڪجهتي جي نعمتن سان مالامال ڪري.

بقايا | 18 | روزاني عبرت

عقيدت پيش ڪندي چيو ته ڪربلا جو واقعو تاريخ اسلام جو هڪ عظيم باب آهي جيڪو حق، انصاف، حريت، صبر ۽ اصولن تي ثابت قدم رهڻ جو ابدي درس ڏئي ٿو حضرت امام حسين رضه ۽ جانثار رفيقن اسلام جي سربلندي، انساني وقار عدل ۽ انصاف جي تحفظ لاءِ عظيم قربانيون پيش ڪيون ۽ باطل قوتن آڏو سر جهڪائڻ بدران حق ۽ صداقت جو علم بلند ڪيو. عاشوري جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ سردار اياز صادق چيو ته ڪربلا جي شهيدن جون قربانيون قيامت تائين ايندڙ نسلن لاءِ جرائت، عزم ۽ استقامت جو روشن مثال آهن. اسپيڪر چيو ته اسوه حسيني اسان کي اهو درس ڏئي ٿو ته هڪ مهذب، پرامن ۽ ترقي يافته معاشري جي بنياد انصاف، رواداري، اخوت ۽ برداشت تي ٻڌل هوندي آهي. هن دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ عدم برداشت جهڙن چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ قومي اتحاد ۽ گڏيل ڪوششن جي ضرورت تي زور ڀريو. هن فلسطين ۽ جمون ڪشمير جي مظلوم عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته فلسطين ۽ جمون ڪشمير جو عوام پنهنجي خوداراديت واري حق ۽ انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل قربانيون پيش ڪري رهيا آهن، سندن جرائت، استقامت ان آفاقي پيغام جي ياد ڏياري ٿي جيڪو حضرت امام حسين رضه ۽ ڪربلا جي شهيدن پنهنجي عظيم قربانين ذريعي انسانيت کي ڏنو هن چيو ته ظلم، جبر ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف آواز بلند ڪرڻ، حق ۽ صداقت جي اصولن تي ثابت قدم رهڻ ئي پيغام ڪربلا جو حقيقي روح آهي. اسپيڪر مسلمان امت وچ ۾ اتحاد، هم آهنگي ۽ گڏيل احترام کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو ته موجوده چئلينجز جو مقابلو اتحاد، بصيرت ۽ گڏيل جدوجهد سان ئي ممڪن آهي. هن عوام کي اپيل ڪئي ته عاشوري جي موقعي تي صبر، تحمل، برداشت ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيندي حضرت امام حسين رضه ۽ ڪربلا جي شهيدن جي تعليم کي پنهنجي زندگيءَ جو عملي حصو بڻائين. ان موقعي تي قومي اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه به حضرت امام حسين رضه، اهل بيت ۽ ڪربلا جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته ڪربلا جو واقعو حق، انصاف، حريت ۽ انساني وقار جو آفاقي پيغام آهي. هن چيو ته حضرت امام حسين رضه جو ايمان قرباني ۽ ثابت قدميءَ وارو جذبو هر دؤر ۾ انسانيت لاءِ مشعل راهه رهندو. ڊپٽي اسپيڪر چيو ته ڪربلا جو واقعو اسان کي حق ۽ سچ خاطر هر مشڪل آڏو ثابت قدميءَ سان بيهڻ جو درس ڏئي ٿو. هن عوام تي زور ڀريو ته هو حسيني پيغام کي پنهنجين زندگين ۾ اختيار ڪندي اتحاد، اخوت ۽ گڏيل احترام کي هٿي ڏين.

بقايا | 19 | روزاني عبرت

چيئرمين فرزند علي وزير ڊويزنل صدر مصباح الدين، سينيئر اڳواڻ خواجه ياور نصير ۽ پ پ ڊيرا اسماعيل خان جو ضلعي صدر ملڪ فرحان افضل به ان موقعي تي موجود هئا. گورنر هائوس پشاور ۾ ٿيل ملاقات ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ٻنهي اڳواڻن ڪي پي ڪي ۾ امن امان جي صورتحال، صوبائي حڪومت جي خراب پاليسين ۽ ان حالتن ۾ صوبي جي سياسي پارٽين جي ڪردار تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. سيد نويد قمر وفاقي سطح تي ڪي پي ڪي جا مسئلا اجاگر ڪرڻ جي حوالي سان گورنر جي ڪردار کي خراج تحسين پيش ڪيو. هن صوبائي اسيمبليءَ ۾ پ پ جي پارلياماني ليڊر احمد ڪندي جي اڳوائيءَ ۾ صوبي جي ڪيس جي حوالي سان سندن ڪردار کي ساراهيو [illegible]

[illegible]

تعليم، سياحت، ثقافت، معاشي سڌارن ۽ سيڙپڪاريءَ کي هٿي ڏيڻ ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٻه طرفي تعاون کي وڌائڻ هو. ٻنهي ڌرين پاڪستان ۽ جرمنيءَ جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ گڏيل دلچسپيءَ جي شعبن ۾ گڏيل فائديمند حصيداريءَ کي هٿي ڏيڻ جي عزم کي ورجايو ويو ملاقات دوران وفاقي وزير احسن اقبال، سفير کي پاڪستان جي معاشي بحالي ۽ سڌارا جاتي ايجنڊا کان آگاهه ڪيو جنهن ۾ معاشي استحڪام ۾ بهتري، مهانگائيءَ ۾ گهٽتائي، پاليسي ريٽ ۾ گهٽتائي ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ بحاليءَ کي نمايان ڪيو ويو. هن حڪومت طرفان عوامي شعبي جي گورننس کي جديد بڻائڻ، ترقياتي منصوبا بندي جي عمل کي ڊجيٽلائيز ڪرڻ، منصوبا بندي ڪميشن جي پروجيڪٽ، مئنيجمينٽ ۽ منظوريءَ جي نظام ۾ تبديلي آڻڻ جي ذريعي شفافيت، ڪارڪردگي، جوابدهي کي وڌائڻ جي ڪوششن تي زور ڀريو وفاقي وزير اعليٰ تعليم، فيڪلٽي ڊولپمينٽ، تحقيقاتي تعاون، وظيفن ۽ تعليمي متاسنا جي پروگرامن ۾ جرمنيءَ سان تعاون کي هٿي ڏيڻ ۾ پاڪستان جي دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو ته جيئن انساني سرمائي جي ترقيءَ کي مضبوط بڻائي سگهجي. وفاقي وزير جرمني کي گلگت بلتستان ۾ پائيدار ۽ ماحول دوست سياحت کي هٿي ڏيڻ ۾ تعاون جي دعوت ڏني ۽ سياحت جي منصوبا بندي، اداره جاتي ترقيءَ ۾ جرمن ماهرن جي مهارت جي آجيان ڪئي. هن ايندڙ سال علامه محمد اقبال جي 150هين سالگره جي تيارين کي به اجاگر ڪيو جنهن ۾ جرمنيءَ جي علامه اقبال جي فڪري سفر ۾ خصوصي اهميت جو ذڪر ڪيو ۽ ان موقعي تي رٿيل عالمي پروگرامن ۾ جرمنيءَ جي مضبوط شرڪت جي خواهشن جو اظهار ڪيو. سفير اٿاليبل پاڪستان جي سڌارا جاتي ڪوششن ۽ ترقياتي ترجيحن کي ساراهيو ۽ تعليم، پائيدار ترقي، ثقافتي متاسنا ۾ پاڪستان جي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي جرمني عزم کي ورجايو.

بقايا | 21 | روزاني عبرت

چيو ته پاڪستان آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ تاريخي ثالث جو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ٻنهي ملڪن کي هڪ ئي ميز تي گڏ ڪري خطي ۾ امن لاءِ هڪ ٺوس رستو هموار ڪيو آهي. هن چيو ته پاڪستان آمريڪا-ايران جنگ ۾ ثالث جو ڪردار ادا ڪيو جنهن جي ٽيم جا ڪپتان شهباز شريف ۽ سيد عاصم منير هئا. فيلڊ مارشل پنڊين ڊروازي جي سفارتڪاري ڪئي، هاڻي پاڪستاني پاسپورٽ جي پوري دنيا ۾ عزت ڪئي ويندي آهي. اسحاق ڊار وڌيڪ چيو ته خدا جو شڪر آهي جو سڀ کان پهرين به ملڪ هڪ اهڙي ميز تي گڏ ٿيا، جتي اهي پاڻ ڪڏهن به نه ويٺا هئا. 47 سالن کان پوءِ ايران ۽ آمريڪا هڪ ميز تي گڏ ٿيا. ٻنهي ملڪن جي معاملي ۾ اسان جو ڪم سهولت فراهم ڪرڻ هو معاهدي تي صحيحون ٿي چڪيون آهن ۽ ان کي ڪالهه قومي اسيمبلي جي رڪارڊ جو حصو پڻ بڻايو ويو. شهباز شريف پڻ ايران -آمريڪا معاهدي تي صحيحون ڪيون. ڊپٽي وزيراعظم چيو ته اسان هڪ امن پسند ملڪ آهيون، اسان بين الاقوامي گڏيل قومن جي چارٽر تي عمل ڪريون ٿا. اسان هر ملڪ جي سالميت جو احترام ڪريون ٿا، ڀلي اهو ڪيترو به ننڍو هجي يا وڏو. جيڪڏهن ڪو پاڪستان کي خراب نظر سان ڏسڻ جي غلطي ڪندو ته اسان ان جون اکيون ڪڍي ڇڏينداسين. هن چيو ته جڏهن 28 فيبروري تي ايران تي حملو ڪيو ويو ته پاڪستان فوري طور تي ان جي مذمت ڪئي. ڪنهن به ٻئي ملڪ آمريڪي ۽ اسرائيلي حملي جي مذمت نه ڪئي. اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان، جنهن کي سفارتي طور تي الڳ ڪيو ويو چيو ويندو هو هاڻي ڇانئي چڪو آهي ته اسان هڪ امن پسند ملڪ آهيون. اسان کي دهشتگرد ملڪ سڏيو ويندو هو اڄ اسان کي سڄي دنيا ۾ هڪ پرامن ملڪ طور سڃاتو وڃي ٿو ۽ ٻجيت بابت ڳالهائيندي هن چيو ته پگهاردار طبقي ۽ واپارين کي رليف ڏنو ويو آهي. ورثي ۾ مليل حڪومت خراب صورتحال ۾ هئي، پر اها نقصان جي مرمت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي.

بقايا | 22 | روزاني عبرت

ترجمان اسماعيل بقائي چيو آهي ته نيٽو سيڪريٽري جنرل جو بيان ان ڳالهه جو اعتراف آهي ته نيٽو گڏيل قومن جي هڪ خودمختيار ميمبر ملڪ خلاف غيرقانوني جنگ ۾ حصو ورتو. نيٽو جي سيڪريٽري جنرل واضح طور اٽلي ۽ رومانيا جا نالا ورتا آهن، جن نيٽو ملڪن ان جنگ ۾ حصو ورتو انهن کي ان جو جوابده قرار ڏنو وڃي. انهن ملڪن کي عالمي برادري ۽ پنهنجي قوم آڏو وضاحت پيش ڪرڻ گهرجي.

بقايا | 23 | روزاني عبرت

جاري آهن، جنهن تحت ڏکڻ لبنان جي ڪجهه علائقن جو ڪنٽرول لبنائي فوج حوالي ڪيو ويندو. هنن چيو ته مقرر ٿيندڙ لبنائي فوجين کي آمريڪا تربيت ڏيندو ۽ انهن جي جاچ ڪئي ويندي ته جيئن يقين ڪيو وڃي ته انهن جو حزب الله سان ڪو تعلق نه هجي. اسرائيلي عملدارن موجب ان منصوبي باوجود اسرائيلي فوج ڏکڻ لبنان جي بفر زون ۾ موجود رهندي.

بقايا | 24 | روزاني عبرت

خام تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائيءَ جو رجحان خميس تي به برقرار رهيو. عالمي رسد بابت خدشا گهٽ ٿيڻ ڪانپوءِ قيمتون جنگ کان پهرين جي سطح جي ويجهو پهچي ويون. پرڏيهي ميڊيا موجب آگسٽ ۾ فراهميءَ لاءِ برينٽ خام تيل جو وڪرو 40 سينٽ 0.54 سيڪڙو جي گهٽتائيءَ سان 73.34 ڊالر في بيرل تائين اچي ويو آهي. جڏهن ته آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ خام تيل جو وڪرو 27 سينٽ 0.38 سيڪڙو جي گهٽتائيءَ سان 70.07 ڊالر في بيرل ۾ طئي ٿيو.

بقايا | 25 | روزاني عبرت

مڪاني چونڊون ڪرائي، پنجاب جي عوام کي سندن حق ڏياري، پوءِ ٻين صوبن جي جمهوري نظام تي ليڪچر ڏي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته ڪراچي جي مڪاني نظام تي سوال اٿارڻ کان اڳ پنجاب ۾ مڪاني چونڊون نه ڪرائڻ جو سبب عوام کي ٻڌايو وڃي. حيرت جي ڳالهه آهي ته پنجاب ۾ مڪاني چونڊن کان پاسو ڪندڙ مسلم ليگ (ن) ڪراچي جي جمهوري عمل ۽ مڪاني نظام تي تنقيد ڪري رهي آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جيڪڏهن مڪاني چونڊون واقعي جمهوريت جو بنياد آهن ته پوءِ پنجاب جي عوام کي به انهن جو آئيني حق ڏنو وڃي، جو ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت اڳ ئي عوام کي سندن جمهوري حق ڏئي چڪي آهي. هن چيو ته ڪراچي ۾ مڪاني چونڊون آئين ۽ قانون موجب ٿيون، عوام پنهنجا نمائندا چونڊيا ۽ جمهوري عمل مڪمل ٿيو. خواجا سعد رفيق کي عوام جي فيصلي تي اعتراض ڪرڻ بدران جمهوري روايتن جو احترام ڪرڻ گهرجي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پيپلز پارٽي جمهوري ادارن، بااختيار مڪاني نظام ۽ عوامي مينڊيٽ تي يقين رکي ٿي، جڏهن ته ٻئي معيار واري سياست عوام جي سامهون گهڻي وقت تائين هلي نٿي سگهي.

بقايا | 26 | روزاني عبرت

ماتمي جلوس ظهر جي نماز ادا ڪرڻ بعد [illegible]

آلين اکين سان ٿهر ٿي ويندو پٺي طرف وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار روهڙي پهچي ماتمي جلوس جي سيڪيورٽيءَ جو جائزو ورتو ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ ۽ ايس ايس پي سکر اظهر مغل سيڪيورٽيءَ جي صورتحال متعلق وفاقي ۽ صوبائي گهرو وزيرن کي بريفنگ ٻڌايو ته ماتمي جلوس جي سيڪيورٽيءَ لاءِ 2000 کان وڌيڪ پوليس آفيسر ۽ جوانن مقرر ڪيا ويا آهن 150 رينجرس جا آفيسر ۽ جوان به سيڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏيندا. پاڪ آرميءَ جي ٽن ڪمپنين کي اسٽينڊ باءِ تي رکيو ويو آهي. انهيءَ موقعي تي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه، ترجمان سنڌ حڪومت، ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ، چيئرمين ضلع ڪونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه گهرو وزير سان گڏ موجود هئا. ان موقعي تي گهرو وزير محرم الحرام جي جلوسن ۽ مجلسن جي حفاظت لاءِ فول پروف سيڪيورٽي انتظام هر صورت يقيني بڻايا وڃن. هن چيو ته جلوسن جي رستن تي مسلسل مانيٽرنگ، سرچنگ، سوئيپنگ ۽ اسنيپ چيڪنگ جو عمل وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي جڏهن ته حساس هنڌن، امام بارگاهن ۽ داخلي رستن تي سيڪيورٽي سخت رکي وڃي. ضياءَ الحسن لنجار چيو ته سمورا پوليس آفيسر ۽ اهلڪار چستي ۽ پيشي ورانه ذميواري جو مظاهرو ڪن، سيڪيورٽي پلان تي من و عن عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي،انهيءَ سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن ڪنٽرول رومز کي مڪمل طور تي فعال رکڻ، سي ٽي وي ڪيمرائن، ڊرون مانيٽرنگ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال ذريعي نگراني جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي هدايت پڻ ڪئي. هن چيو ته محرم الحرام دوران امن امان جي قيام لاءِ پوليس، رينجرز، اسپيشل برانچ، ريسڪيو صحت کاتو ۽ ضلعي انتظاميا سميت سمورا لاڳاپيل ادارا مڪمل هم آهنگي سان فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن،جڏهن ته ايمرجنسي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري ريسپانس کي يقيني بڻايو ويو آهي. بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته سڄي صوبي ۾ جلوس ۽ مجلسون پرامن انداز ۾ جاري آهن ۽ روهڙي سميت سنڌ ۾ عزادار پنهنجا مذهبي فريضه خير و عافيت سان ادا ڪري رهيا آهن. هن چيو ته حڪومت سنڌ عزادارن جي جان و مال جي حفاظت کي پنهنجي اولين ترجيح سمجهي ٿي ۽ عوام، علماءِ ڪرام، ذاڪرين ۽ منتظمين جي سهڪار سان پوري صوبي ۾ پرامن ماحول برقرار رکيو پيو وڃي. سنڌ جي گهرو وزير سکر پوليس، ضلعي انتظاميا ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي سمورن آفيسرن کي الرٽ رهڻ جي هدايت ڪئي. انهيءَ موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي گهرو وزير ڪچي جي علائقن ۾ امن امان جي صورتحال تي ڳالهائيندي چيو ته حڪومت جي رٽ سموري علائقي ۾ قائم آهي، ڌوهاري عنصرن خلاف ڪارروايون جاري آهن جڏهن ته پائيدار امن جي قيام لاءِ ترقياتي منصوبن ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ تي به ڌيان ڏنو پيو وڃي. هن چيو ته پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ڪوششون جاري آهن ۽ حڪومت هندو برادري سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا | 27 | روزاني عبرت

تهيل واريءَ تي ڏنل قرباني، صبر، استقامت ۽ وفاداري جو داستان قيامت تائين انسانيت جي رهنمائي ڪندو رهندو. وزيراعليٰ هائوس مان جاري پيغام ۾ وڏي وزير چيو ته حضرت امام حسين عليهم السلام ۽ ڪربلا جي شهيدن جون عظيم قربانيون امت مسلمه جو لازوال سرمايو آهن. حضرت محمد رسول ﷺ جي ڏوهٽي امام حسين عليهم السلام باطل آڏو سر جهڪائڻ بدران سر ڪٽرائڻ قبول ڪيو ۽ پنهنجي پاڪ رت سان اسلام جي آبياري ڪندي حق ۽ انصاف جو علم هميشه لاءِ بلند ڪري ڇڏيو هن چيو ته امام حسين عليهم السلام اسان کي عزت، غيرت، صبر، استقامت ۽ باطل قوتن جي سامهون ڇپي بيهڻ جو درس ڏئي ٿو. سيد مراد علي شاهه چيو ته ڪربلا جي هر شهيد جي وفاداري، ايثار ۽ قرباني جي زندهه تشريح آهي، جڏهن ته حضرت امام حسين عليهم السلام جي شهادت انسانيت کي ظلم ۽ جبر خلاف آواز بلند ڪرڻ جو حوصلو عطا ڪيو هن چيو ته اڄ به دنيا جي مظلومن کي ڪربلا مان اميد، همت ۽ استقامت جو پيغام ملي ٿو ۽ انسانيت، انصاف، آزادي ۽ اعليٰ ڪردار جي سربلندي جي علامت حسينيت آهي. وڏي وزير چيو ته عاشوري جي ڏهاڙي تي ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ هر دل ڏکويل ۽ هر اک آلي آهي. هن چيو ته ڪربلا حق ۽ باطل جي سڃاڻپ سان گڏ حق ۽ انصاف لاءِ جدوجهد جي علامت آهي. حضرت امام حسين عليهم السلام مسلم امت کي اهو پيغام ڏنو ته حق خاطر هر قرباني ننڍي آهي ۽ ظلم ۽ جبر آڏو خاموش رهڻ اهل حق کي نٿو جڳائي. هن چيو ته سنڌ ڌرتيءَ سدائين اهل بيت سان محبت ۽ عقيدت کي پنهنجي سڃاڻپ بڻايو آهي، جڏهن ته سنڌ جي صوفين ڪربلا جي عشق، وفا ۽ قرباني جي پيغام کي نسل در نسل منتقل ڪيو آهي وڏي وزير چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ڪلام ۾ پڻ ڪربلا جو ڏک ۽ حضرت امام حسين عليهم السلام سان محبت نمايان طور تي جهلڪندي نظر اچي ٿي ۽ "ياحسين عليهم السلام" جي صدا اڄ به مظلوم انسانيت جي دلين جي ڌڙڪن بڻيل آهي. سيد مراد علي شاهه ٻڌايو ته عاشوري ڏهاڙي تي سموري سنڌ ۾ مجلسن ۽ جلوسن لاءِ فول پروف سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن ۽ سنڌ حڪومت عزادارن کي هر ممڪن سهولتون ۽ پرامن ماحول فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائي رهي آهي. هن دعا ڪئي ته ڌڻي سگهارو اسان سڀني کي حضرت امام حسين عليهم السلام ۽ اهل بيت جي تعليمات تي عمل ڪرڻ ۽ سندن نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا | 28 | روزاني عبرت

محمد جنيد انوار چوڌري به موجود هئا. مواصلات واري وزارت مان جاري بيان موجب وفاقي وزير عبدالعليم خان ايراني وفد سان ڳالهائيندي خطي ۾ امن قائم ڪرڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو وفاقي وزير فرزانه صادق سان ڳالهائيندي ايران جي عوام جي پختي عزم ۽ حمايت کي ساراهيو ۽ ان اميد جو اظهار ڪيو ته مستقبل ۾ پاڪ ايران روڊ ۽ ريل رابطا وڌيڪ مضبوط ٿيندا. عبدالعليم خان چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ زميني رابطن جي مضبوطيءَ سان واپاري موقعا وڌندا. اجلاس ۾ مختلف تجويزن جو جائزو ورتو ويو وفد پاڪ ايران گڏيل ٽرانسپورٽ ڪميٽي کي فعال ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. عبدالعليم خان ان موقعي تي چيو ته ايران ۽ پاڪستان وچ ۾ ٽرانسپورٽ مسئلن کي فوري حل ڪيو ويندو. ايراني وزير فرزانه صادق جنگبندي ۽ امن معاهدي ۾ پاڪستان جي مثبت ڪردار تي ٿورن جو اظهار ڪندي چيو ته پاڪستاني ڀائرن جي ڀرپور حمايت ۽ تعاون کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا. ايراني وزير ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٽرڪن ۽ ڪنٽينرز جي ڪليئرنس جي مسئلن جو معاملو پڻ اٿاريو ملاقات دوران ٻنهي [illegible]

[illegible]

ڪيمرائن، جديد مانيٽرنگ سسٽم، ٽريفڪ مئنيجمينٽ ۽ سيڪيورٽي انتظامن جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني. ميئر ڪراچي سينٽرل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جي قابليت، جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال ۽ محرم الحرام دوران ڪيل سيڪيورٽي قدمن جي واکاڻ ڪئي. ان موقعي تي ميئر ڪراچي ڳالهائيندي چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ امن امان جي قيام لاءِ سنڌ پوليس جون خدمتون قابل تحسين آهن. ميئر شهر ۾ سيف سٽي قدمن، سرويلنس سسٽم ۽ بين الاداره جاتي رابطن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار جي خاطري به ڪرائي. ميئر 9 محرم الحرام جي مرڪزي جلوس جو به دورو ڪيو.

بقايا | 30 | روزاني عبرت

ليگ (ن) آزاد ڪشمير جي عام چونڊن 2026ع لاءِ وڌيڪ 5 ٽڪن تي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏيا. سينيئر سياستدان ملڪ نواز خان کي به پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪئي وئي. خميس تي (ن) ليگ طرفان جاري ڪيل بيان موجب ايل اي 8 راج محل (ڪوٽلي) مان ملڪ محمد نواز خان، ايل اي 18 عباسپور مان چوڌري محمد ياسين گلشن، ايل اي 22 ٿوراڙ مان عبدالخالق وسي، ايل اي 38 جمون 3 مان محمد احسن رضا ۽ ايل اي 41 ويلي 2 مان محمد عامر شاهه کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪئي وئي آهي. ان کان اڳ (ن) ليگ 37 ٽڪن تي پارٽي ٽڪيٽس جاري ڪيا هئا. هڪ ٽڪ ۾ مسلم ڪانفرنس ۽ مسلم ليگ (ن) جو پاڻ ۾ اتحاد آهي. ايل اي ون ڊڊيال لاءِ پارٽي ٽڪيٽ اڃا تائين جاري نه ڪئي وئي.

بقايا | 31 | روزاني عبرت

جي اسپيڪر سردار اياز صادق وينزويلا ۾ زلزلن سبب ٿيل جاني ۽ مالي نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي زلزلن کان متاثر ڪٽنبن سان همدردي ۽ دلي تعزيت ڪئي. قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ مان جاري بيان موجب اسپيڪر چيو ته پاڪستان جي پارليامينٽ ۽ عوام ان مشڪل گهڙيءَ ۾ وينزويلا سان مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار ڪن ٿا. پاڪستاني قوم وينزويلا جي عوام جي غم ۾ برابر جي شريڪ آهي. هن چيو ته قدرتي آفتن کان متاثرن لاءِ عالمي سطح تي يڪجهتي ۽ تعاون جي ضرورت آهي. هن ان اميد جو اظهار ڪيو ته وينزويلا جي حڪومت ۽ عوام ان آزمائش تي حوصلي ۽ عزم سان ضابطو آڻيندي. اسپيڪر زلزلي ۾ زخمي ٿيلن جي جلد ۽ مڪمل صحتيابيءَ لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو.

بقايا | 32 | روزاني عبرت

ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو حادثي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي ۽ فوتين جي گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو ڪراچي کان سکر طرف ويندڙ هڪ تيز رفتار ويگو گاڏي پير پيڙو اسٽاپ پرسان سامهون ويندڙ موٽر سائيڪل سان زوردار ٽڪرائجي وئي. جنهن ۾ موٽر سائيڪل تي سوار 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا حادثي جي اطلاع ملندي ئي ريسڪيو 1122 جي عملي واقعي واري هنڌ پهچي امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ۽ زخمين کي ڳنڀير حالت ۾ گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو اسپتال ۾ علاج دوران زخمي نويد ڪيسٽيو ۽ عطا محمد جروار زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويا، جڏهن ته ٽئين زخمي جو علاج جاري آهي ۽ حالت به ڳنڀير ٻڌائي پئي وڃي فوتين جا لاش گهر پهچڻ تي سندن گهرن ۾ ماتم وارو ماحول پيدا ٿي ويو هوڏانهن حادثي ڪانپوءِ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ضروري ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب حادثي جو ڪارڻ تيز رفتاري ۽ لاپرواهي ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته پوليس واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪري رهي آهي. مقامي شهرين مطالبو ڪيو آهي ته مهراڻ هاءِ وي تي وڌندڙ حادثن کي روڪڻ لاءِ ٽريفڪ قانونن تي سختي سان عمل ڪرائڻ سان گڏ حفاظتي انتظام وڌيڪ بهتر بڻايا وڃن ته جيئن قيمتي انساني جانيون بچائي سگهجن

بقايا | 33 | روزاني عبرت

ڀيٽا پيش ڪئي، مجلس عزا، ماتم داري جو سلسلو جاري. تفصيل موجب امام بارگاهه امام سجاد عليه السلام قاسم آباد پاران گلستان سجاد ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ پهرين محرم الحرام کان شروع ڪيل مجلس عزا ۽ ماتم داري جو سلسلو ڪالهه نائين محرم الحرام تي به جاري رهيو جتي هزارين عزادارن پاران ڏهه ئي ڏينهن ڪربلا جي ياد ۾ رت جو عطيو ڏئي پرسو پيش ڪيو جڏهن ته اوشاق علي آمر ۽ علامه □ محمد مصطفيٰ شاهه موسوي ڏهه ئي ڏينهن مجلس کي خطابت جو شرف حاصل ڪيو. نوحه خواڻي اڪرام □ شيخ ۽ محترم فراز ڪربلائي ڪئي. جڏهن ته سيڪيورٽي انتظام ترجمان امام بارگاهه ڪميٽي ۽ چيف اسڪائوٽ غياث سولنگي جي زير نگراني امام سجاد ۽ اماميه اسڪائوٽس سنڀالي رهيا آهن.

بقايا | 34 | روزاني عبرت

آرائين گذريل رات ديهه 170 سي ۾ واقع پنهنجي زرعي زمينن تان موٽر سائيڪل تي واپس ڏگهڙي اچي رهيا هئا ته رستي ۾ مبينا طور حادثي جو شڪار ٿي ويا يا اوچتو چڪر اچڻ سبب موٽر سائيڪل تان ڪري پيا.رستي تان گذرندڙ ماڻهن کين فوري طور تعلقي اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن جاچ بعد سندن موت جي تصديق ڪئي.مرحوم الطاف حسين آرائين جي نماز جنازي خميس ڏينهن ڏگهڙي پبلڪ پارڪ ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ مائٽن، استادن، سياسي، سماجي ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. بعد ۾ کين ديهه 170 سي ۾ واقع اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.مرحوم جي وفات تي ڏگهڙي جي مختلف سياسي ۽ سماجي شخصيتن سندن پٽ ماسٽر علي رضا آرائين سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت ۽ بلند درجن لاءِ دعا گهري.

بقايا | 35 | روزاني عبرت

چيو ته فتنه الخوارج هڪ دهشتگرد گروهه آهي ۽ ان کي افغانستان کان حمايت ملي رهي آهي. فتنه الخوارج جي قبائلي سرحدي علائقي ۾ ڪيترائي ئي خانداني رابطا ۽ حمايت به موجود آهي. رچرڊ لنڊسي چيو ته ڪابل ۽ قنڌار ۾ طالبان رجيم جي عملدارن کي فتنه الخوارج خلاف فيصلائتن قدمن جي ضرورت آهي. فتنه الخوارج جي سپورٽ بابت سوال افغان طالبان کان پڇڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته افغانستان ۾ فتنه الخوارج لاءِ تربيتي ڪيمپس موجود آهن ۽ هٿيار استعمال ٿي رهيا آهن ۽ مالي مدد فراهم ڪئي پئي وڃي. پاڪستان ۾ سيڪيورٽي آپريشنز کان بچيل دهشتگردن لاءِ افغانستان محفوظ پناهگاهه بڻيل آهي. فتنه الخوارج طرفان خطي ۾ عدم استحڪام سبب پاڪستان طرفان فوجي ردعمل سامهون اچي رهيو آهي. دفاعي تجزيي نگارن موجب افغانستان ۾ دهشتگرد گروهن جي موجودگي ۽ انهن جي نيٽ ورڪس خطي جي مجموعي سيڪيورٽي لاءِ مسلسل خطرو بڻجي چڪيون آهن. ماهرن چيو ته دهشتگردن جي مالي مدد، تربيت ۽ هٿيارن جي فراهميءَ جو نتيجو آپريشن غضب الحق جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو.

لاڙڪاڻو پوليس سيڪيورٽي پلان کي حتمي شڪل ڏني، سيڪيورٽي آرڊر جاري

پاڪ فوج ۽ سنڌ رينجرز جا آفيسر ۽ جوان به پنهنجا فرض سرانجام ڏيڻ لاءِ هر وقت موجود رهندا

صورتحال جي نگراني لاءِ ايس ايس پي آفيس ۾ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيو ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس محرم الحرام جي حوالي سان سيڪيورٽي پلان کي حتمي شڪل ڏئي سيڪيورٽي آرڊر جاري ڪري ڇڏيو آهي ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو ته سيڪيورٽي آرڊر موجب سڄي ضلعي ۾ 159 ماتمي جلوسن ۽ 181 مجلسن جي سيڪيورٽي لاءِ لاڙڪاڻو پوليس جا 3 هزار 300 کان وڌيڪ پوليس آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويندا، جنهن ۾ 200 عورت اهلڪار به شامل آهن. جاري ڪيل سيڪيورٽي آرڊر موجب محرم الحرام جي شروعات کان پڄاڻي تائين 8 ڊي ايس پيز 14 انسپيڪٽر 105 سب انسپيڪٽر 395 اي ايس آئين 482 جمعدار ۽ 2 هزار 306 اهلڪار مختلف امام بارگاهن ۽ ماتمي جلوسن جي رستن تي پنهنجا فرض انجام ڏيندا. جڏهن ته پاڪ فوج ۽ سنڌ رينجرز جا آفيسر ۽ جوان به پنهنجا فرض سرانجام ڏيڻ لاءِ هر وقت موجود رهندا. ڪنهن به اڻٿيندڙ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس هيڊ ڪوارٽر لاڙڪاڻو ۾ اينٽي رائيٽ رزرو پلاٽونز کي به اسٽينڊ باءِ رکيو ويو آهي مرڪزي ماتمي جلوسن جي گذرگاهن تي ايندڙ وڏين عمارتن تي جديد دوربينن سان ليس ماهر اسنائپرز به ڊيوٽي تي مقرر هوندا. سموري صورتحال جي نگراني لاءِ پوليس ۽ سول انتظاميه جو گڏيل ڪنٽرول روم سان گڏ ايس ايس پي آفيس لاڙڪاڻو ۾ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي لاڙڪاڻو موجب سمورين مجلسن ۽ ماتمي جلوسن جي سي سي ٽي وي ۽ وڊيو رڪارڊنگ کي يقيني بڻائڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن. عارضي رهائشي ايڪٽ تحت ڏڦيلاڻ ڪندڙ ماڻهن هوٽلن مسافر خانن ۽ اوطاقن تي ترسيل يا ٻاهريان آيل مهمانن جي ويجهن ٿاڻن تي داخلا يقيني بڻائڻ جا حڪم پڻ جاري ڪيا ويا آهن داخلا نه ڪرائيندڙ ماڻهو پاڻ ذميوار هوندا. ايس پي لاڙڪاڻو لائوڊ اسپيڪر جي ناجائز استعمال کي روڪڻ ڇڙ ڏيارينڌڙ وال چاڪنگ ۽ بينر هٽائڻ لاءِ مذهبي اڳواڻن سان مسلسل رابطي ۾ رهڻ جا حڪم پڻ جاري ڪري ڇڏيا آهن.

لاڙڪاڻي ۾ هر سال جيان هندو پنچائت طرفان نياز جو اهتمام ڪيو ويو

پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو، ايم پي اي جميل احمد سومرو ۽ ٻين شخصيتن جي شرڪت

سنڌ ڌرتي هميشه محبت ورواداري آهي، انسانيت کان وڌيڪ ڪو مذهب ناهي: هندو پنچائت اڳواڻ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ هر سال [illegible] طارق محمود دراني جوائنٽ سيڪريٽري رشيد سمون خزانچي ظهير احمد ابڙو هندو پنچائت جي چيئرمين هريش لال ايڊووڪيٽ ڪلپنا ديوي، ڊاڪٽر امبرت لال سميت ڊاڪٽرن پروفيسرن استادن سياسي سماجي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن سميت مختلف مڪتبه فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم پي اي جميل احمد سومرو چيو ته هندو برادري طرفان هر سال نياز جو اهتمام ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ هندو مسلمان عيسائي سميت هر مسلڪ سان واسطو رکندڙ ماڻهو شرڪت ڪندا، لاڙڪاڻو پوليس طرفان محرم الحرام جي حوالي سان سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا آهن. پوليس، رينجرز ۽ انتظاميه جي عملدارن گڏجي سيڪيورٽي جي نگراني ڪندي امام بارگاهن جا دورا به ڪيا آهن هن چيو ته بدقسمتيءَ سان سنڌ ۾ پريا ڪماري جهڙا [illegible] هميشه محبت ورواداري آهي هن ڌرتيءَ تي انسانيت کان وڌيڪ ڪو مذهب ناهي ۽ اهو ئي پيغام ڪربلا جي ميدان جو هو ۽ ڪربلا جي واقعي ان پيغام کي هميشه لاءِ امر ڪري ڇڏيو اڄ شمر يزيد ۽ راوڻ ڪنهن کي ياد ناهن پر جيڪي امر ڪردار آهن اڄ به انهن جون روايتون هلن پيون پريا ڪماري بابت پڇا ڪيل هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اهو سوال مون کان نه پر اقتدار ۾ ويٺلن کان پڇا ڪرڻ گهرجي ته آخر انهن جا هٿ ڪٿي ڪٿيل آهن ۽ انهن جي ڳچين تائين اهي هٿ ڇو نه ٿا پهچن جن پريا ڪماري کي اغوا ڪيو آهي. هن چيو ته هي سنڌ جي ڌرتي آهي جتي ڀٽائيءَ جون سورميون ان دور ۾ محفوظ هيون پر اڄ هڪ نياڻي گم آهي ۽ ڪيترين ئي نياڻين ڪاري ٿي مرن ٿيون ۽ انهن جون عزتون پامال ٿيون ٿيون، آخر ڪٿي ناڪامي آهي اهو اقتدار ۾ ويٺلن کان منهنجو سوال آهي.

ڏوڪري ۾ "ڪربلا جي شهيدن" کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مک ماتمي جلوس برآمد

مرڪزي امام بارگاهه مان زوار وحيد علي، امداد ڪولاچي، منظور جلباڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جلوس نڪتو

شهر جي مين حيدر چوڪ تي ماتمي ڪيمپ لڳايو ويو ۽ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي

ڏوڪري (ن ع) ڏوڪري ۾ هر سال وانگر هن سال به "ڪربلا جي شهيدن" کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ 9 محرم الحرام جو مک ماتمي جلوس الحسيني مرڪزي امام بارگاهه مان زوار وحيد علي، امداد علي ڪولاچي، منظور علي جلباڻي، آغا فرمان علي قاضي، زيب علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ماتمي جلوس بر آمد ڪيو ويو ان سلسلي ۾ شهر جي مين حيدر چوڪ تي هڪ وڏو ماتمي جلوس پهتو جتي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي مجلس عزا کي سيد توقير رضا شاهه، مولانا ظهير عباس قمي، مولوي ظهور روحاني، قمر عباس نجفي، عرفات علي عرفاني ۽ ٻين خطاب ڪيو جڏهن ته شهر جي مختلف داخلا ۽ هنڌن تي سبيل نگر نياز جا ڪئمپ لڳايا ويا ۽ شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو ماتمي اجتماع کي خطاب ڪندي معين ذاڪرن چيو ته ڪربلا جي شهيدن جي قرباني اسلام جي شان جي اعليٰ ترين مثال آهي ۽ ڪربلا جي شهيدن اسلام کي زنده ڪرڻ لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون ان موقعي تي مومنن ڪربلا جي شهيدن جي عظيم قرباني کي خراج تحسين پيش ڪيو اهل بيت (ع) جي فضيلت ۽ مصيبتن کي بيان ڪيو ويو محرم الحرام جي حوالي سان سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن ۽ اضافي اهلڪار طلب ڪيا ويا آهن انهي سان گڏ ايمبولينس ذريعي فوري طبي امداد فراهم ڪئي وئي آهي اجتماع کان پوءِ عزادارن تاريخي زنجيرن چاقن گرزن تلوارن سان سينازني ڪئي بعد ۾ ماتمي جلوس شهر جي مختلف رستن کان ٿيندو مرحوم غلام اڪبر خان جوڻيجو جي حسن المجتبيٰ امام بارگاهه پهتو جتي هڪ وڏو اجتماع منعقد ٿيو جنهن کان بعد ڊاڪٽر امجد علي شاهه پاران مجلس عزا منعقد ڪئي جنهن علامه خطاب ڪيو بعد ۾ ماتمي جلوس مقرر ڪيل رستن کان ٿيندي رات دير سان مرڪزي الحسيني امام بارگاهه ڏانهن واپس آيو

لاڙڪاڻي ۾ درگاهه حضرت مشوري شريف طرفان اڄ شهداءِ ڪانفرنس تياريون مڪمل

جماعت اهلسنت قاسميه پاران 10 محرم الحرام جي ڏينهن مک جناح باغ ۾ ڪانفرنس ٿيندي

ڪربلا جي شهيدن جي بي مثال ۽ لازوال قرباني ڏئي، دين اسلام کي زنده رکيو: عبدالعزيز قاسمي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ جماعت اهلسنت قاسميه درگاهه حضرت مشوري شريف طرفان اڄ 10 محرم الحرام جي ڏينهن منعقد ٿيندڙ شهداءِ ڪانفرنس جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن ان سلسلي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي ناليواري درگاهه حضرت مشوري شريف جي پريس ترجمان شيخ عبدالعزيز قاسمي چيو ته جماعت اهلسنت قاسميه پاران 10 محرم الحرام جي ڏينهن شهر جي مک جناح باغ ۾ منعقد ٿيندڙ 149 هين شهداءِ ڪانفرنس جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن، جنهن جي صدارت درگاهه حضرت مشوري شريف جو سائين پروفيسر منظور احمد مشوري ڪندو جڏهن ته هن ڪانفرنس ۾ سنڌ جا مشهور عالم دين حضرت علامه پير محمد مثل ڪرمي نقشبندي، مولانا خليل احمد قاسمي، مولانا محمد ياسين قاسمي سميت ٻيا علماءِ ڪرام شرڪت ڪري خطاب پڻ ڪندا. ان حوالي سان سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا آهن جڏهن ته جماعت اهلسنت قاسميه جا ڪارڪن ۽ سنڌ پوليس جا جوان گڏجي اها ذميواري سنڀاليندا. هن چيو ته ڪربلا جي شهيدن جي بي مثال ۽ لازوال قرباني ڏيئي دين اسلام کي زنده رکيو جڏهن ته ڪربلا جي واقعي مان اسان مسلمانن کي يڪجهتي امن ۽ سلامتي جو درس ملي ٿو جڏهن ته موجوده حالتن ۾ اسان مسلمانن کي پاڻ ۾ ايڪي ٻڌي ۽ منظم ٿيڻ جي ضرورت آهي هن وڌيڪ چيو ته شهداءِ ڪانفرنس جي شروعات 10 محرم الحرام جي ڏينهن صبح 9 وڳي ٿيندي جڏهن ته جمعي جي نماز 2 وڳي ڪانفرنس واري پنڊال ۾ ادا ڪئي ويندي، جنهن ۾ درگاهه حضرت مشوري شريف جا عقيدت مند توڙي عام شهري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا.

لاڙڪاڻي جي اسڪول مان بجلي جا 4 پکا، بورڊ ۽ تارون چوري، جاچ شروع

گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول شاهو ٻورواهو جي ڪلاسن جا ڪلا ڀڃي واردات ڪئي

واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي واقعي بابت تفصيل وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي رحمت پور ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم چورن گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول شاهو ٻورواهو جي ڪلاسن جا ڪلا ڀڃي 4 پکا، بجلي جا بورڊ ۽ تارون چوري ڪري فرار ٿي ويا، اهڙي واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي واقعي بابت تفصيل وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ان حوالي سان اسڪول جي هيڊماسٽر جمعو خان چانڊيو ٻڌايو ته مختلف وقتن تي اسڪول مان سولر پليٽون، پاڻي وارو موٽر سميت ٻيو قيمتي سامان چوري ٿيندو رهيو آهي. گذريل رات دير سان نامعلوم چورن اسڪول جي ڪلاس جا ڪلا ڀڃي 4 پکا، بجلي جا بورڊ ۽ تارون چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن. اهڙي واقعي جو اطلاع حد جي ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو ۽ پوليس هن وقت تائين چورن جو پتو نه لڳائي سگهي آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ڪئي ته چوري ۾ ملوث چورن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل پکا ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي.

گهوٽڪي ۾ شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ 57هون ساليانو جلسو منعقد

مدرسه انوار الاسلام غوثيه فريديه ۾ منعقد جلسي ۾ عالمن مشائخن ۽ شهرين جي شرڪت

مقررن حضرت امام حسينؓ ۽ سائين جي لازوال قربانين کي انسانيت لاءِ مشعل راهه قرار ڏنو

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي مدرسه انوار الاسلام غوثيه فريديه مسجد نور ۾ 57هون ساليانو جلسو شهداءِ ڪربلا علامه مولانا قاري محمد طحه سعيدي جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جلسي ۾ سيد امام الدين شاهه جيلاني سيد عبدالرحيم شاهه سيد عاشق رسول شاهه سيد زاهد شاهه علامه محمد احمد چشتي استاد عبدالحليم خان سعيدي، مولانا عبدالعزيز سڪندري، مفتي محمد ثقلين، رئيس نبي بخش چاچڙ محمد بخش چشتي، مولانا علي نواز حسيني، رئيس رفيق احمد چاچڙ مولانا سعيد احمد سعيدي، حافظ پير بخش، حافظ رفيق احمد ڪلوڙ عبدالرشيد نوناري سميت عالمن مشائخن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جلسي جي شروعات قاري محمد ياسين سعيدي، قاري محمد پنل سڪندري ۽ قاري محمد نثار چاچڙ قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي جڏهن ته مشهور نعت خوان محمد انور نواب خان چاچڙ روشن علي ۽ صداقت علي حضور پاڪ جي بارگاهه ۾ نعتن جو نذرانو پيش ڪيو جلسي کي خطاب ڪندي مولانا محمد طاهر حسيني چيو ته واقعو ڪربلا حق سچائي صبر ۽ استقامت جو عظيم درس ڏئي ٿو حضرت امام حسينؓ ۽ سندس جانثار ساٿين دين اسلام جي سربلندي لاءِ جيڪا لازوال قرباني ڏني، اها رهندي دنيا تائين انسانيت لاءِ مشعل راهه رهندي هن چيو ته نوجوان نسل کي شهداءِ ڪربلا جي قربانين مان سبق حاصل ڪري اسلامي تعليمات تي عمل ڪرڻ گهرجي هن چيو ته محرم الحرام اسان کي اتحاد، ڀائيچاري، برداشت ۽ دين خاطر هر قرباني ڏيڻ جو پيغام ڏئي ٿو جلسي جي پڄاڻي تي مولانا قاري محمد طحه سعيدي پاران ملڪ جي سلامتي امن استحڪام ۽ امت مسلم جي ڀلائي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

DAILY IBRAT HYD
روزاني عبرت
جمعو 26 جون 2026ع

فرمانِ امام الانبياءؑ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآليه وسلم

حُسينٌ مِنّي وَاَنَا مِنْ حُسَين

ڪَڪرا ڪربلا جا مادر ٿي مَيڙياس

تحرير: زوار عبدالستار درس

ڪائنات ۾ قرآنِ حڪيم کان وڏو ڪو بہ زندگيءَ جو آئين نہ آهي. ان قرآنِ حڪيم ۾ فرمانِ خداوندي آهي تہ "اي رسول صہ، مون توکي عالمين جي لاءِ رحمت بنائي اُماڻيو آهي". قرآنِ حڪيم ۾ اهو فرمانِ خداوندي بہ موجود آهي تہ "منهنجو رسول صہ تہ منهنجي وحيءَ کان سواءِ ڪجهہ ڳالهائي ئي نٿو". جيڪو رسول صہ، الله تعاليٰ جي وحيءَ کان سواءِ ڪجهہ ڳالهائي ئي نٿو ان رسول صہ فرمايو تہ "حُسين عہ مون مان ۽ آئون حُسين عہ مان آهيان، هن جو رت منهنجو رت ۽ هن جو گوشت منهنجو گوشت آهي". رسولِ اڪرم صہ جو اهو فرمان ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ جهڙي طرح رسولِ اڪرم صہ جن پاڪ آهن اهڙي طرح امام حُسين عہ بہ پاڪ آهي ۽ جهڙي طرح رسولِ اڪرم صہ جن رحمت للعالمين آهن اهڙي ئي طرح امام حُسين عہ امام العالمين آهن. جهڙي طرح رسول اڪرم صہ جن هدايت جو چراغ ۽ نجات جو سفينو آهن، اهڙي ئي طرح رسولِ اڪرم صہ جي فرمان موجب امام حُسين عہ بہ هدايت جو چراغ ۽ نجات جو سفينو آهي. حضرت نوح عہ پنهنجي هٿن سان ڪاٺيءَ جو هڪ ٻيڙو ٺاهيو ۽ ان کي پنهنجي اُمت جي لاءِ نجات جو سفينو قرار ڏنائين تہ ڪاٺيءَ مان ٺاهيل اهو ٻيڙو سندس اُمت لاءِ نجات جو سفينو بنجي ويو. حضرت نوح عہ هڪ نبي هو ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صہ سمورن نبين جا امام آهن. افسوس آهي انهن ماڻهن تي جيڪي هڪ نبيءَ جي فرمان تي تہ مڪمل ايمان رکن ٿا، پر امام الانبياءُ جي فرمان تي شَڪَ ۾ مُبتلا آهن. هڪ نبيءَ جي فرمان کي مڃيندي ڪاٺيءَ مان ٺاهيل ٻَيڙي کي تہ نجات جو سفينو تسليم ڪيو وڃي ٿو، پر امام الانبياءُ جي فرمان موجب جنت جي جوانن جي سردار کي نجات جو سفينو تسليم ڪرڻ بابت امام الانبياءُ جي پنهنجي اُمتَ اڄ بہ ٻُڏتر جو شڪار آهي، جيڪا هن اُمتَ جي بدنصيبي آهي. نہ صرف اهو پر جنهن امام الانبياءُ جي لاءِ قُرآنِ حڪيم ۾ اها گواهي موجود آهي تہ "منهنجو رسول صہ منهنجي وحيءَ کان سواءِ ڪجهہ ڳالهائي ئي نٿو". ان امام الانبياءُ پنهنجي اهلِ بيت علهم السلام ۽ بالخصوص امام حُسين عہ جي باري ۾ اهو بہ فرمايو تہ "آئون توهان وٽ بہ شيون ڇڏي وڃي رهيو آهيان، جن ۾ هڪ قرآن ۽ ٻيا منهنجا اهلِ بيت عليهم السلام آهن، انهن سان تمسڪ رکجو. آئون پنهنجي اهلِ بيت اليهم السلام جي باري ۾ توهان کي خدا جو خوف ڏياريان ٿو. حَسنؑ ۽ حُسينؑ جنت جي جوانن جا سردار آهن. اي الله آئون هِنَ حُسينؑ سان محبت رکان ٿو، تون بہ هن سان محبت رک ۽ جيڪو بہ هن سان محبت رکي ان سان محبت رک. هن حُسينؑ جي روئڻ سان مون کي دلي اَذيتَ پهچي ٿي. جيڪو بہ مون سان محبت رکي ٿو ان کي گهرجي تہ منهنجي هِنَ حُسينؑ سان محبت رکي. هي حُسينؑ منهنجو فرزند آهي، هن کي ڏِسو ۽ سُڃاڻي وٺو، هِيءُ جڏهن بہ مصائبن ۾ مبتلا ٿئي تہ هن جي نُصرت ڪجو. حُسينؑ منهنجو فرزند ۽ دنيا ۾ منهنجي خوشبوءِ آهي. منهنجي دل ۾ حُسينؑ جي لاءِ ڪيتري محبت آهي ان جو ڪير بہ اندازو ئي نٿو ڪري سگهي. حُسينؑ اهو آهي جنهن تان مون پنهنجي فرزند ابراهيمؑ کي بہ قربان ڪري ڇڏيو. جيڪو حُسينؑ سان محبت رکندو جهنم جي باهہ ان جي چهري تائين نہ پهچي سگهندي. حُسينؑ الله تعاليٰ جي نشانين مان هڪ وڏي نشاني آهي. گذريل نبين جي اولادن مان ڪنهن بہ نبيءَ جي اولاد کي ايتري فضيلت حاصل نہ آهي جيتري فضيلت منهنجي هِنَ حُسينؑ کي حاصل آهي. اگر حَسنينؑ جي لُڙڪن مان هڪ لُڙڪ بہ زمين تي ڪِريو تہ منهنجي اُمتَ جي ٻُڪَ ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي".

امام الانبياءُ تہ پنهنجي اُمتَ کي هڪ هڪ شيءِ واضح ڪري ٻُڌائي پر افسوس جو اُمتَ سندن انهن فرمانن کي ياد ئي نہ رکيو جنهن جو نتيجو اهو نِڪتو جو رسولِ اڪرمؐ جي دنيا مان پردو مٿائڻ کان صرف 50 سال پوءِ امام حُسينؑ کي خدا جي وحدانيت ۽ محمدؐ جي شريعت کي بچائڻ لاءِ پنهنجي ئي ناني جي اُمتَ جي هٿان مجبور ٿي مدينو ڇڏي ڪربلا جي رِڻَ کي آباد ڪرڻو پيو ۽ نيٺ ان رِڻَ ۾ پنهنجي ئي ناني جي اُمتَ هٿان پنهنجي سڄي ڪُٽنبَ سميت ڪُسجڻو پئجي ويو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ ڪربلا جي رِڻَ ۾ اُنَ ذبحِ عظيم جو نقشو چٽيندي فرمائي ٿو تہ،

ڏاڙهي رَتَ رَتياس، ڏندَ تہ موتين ڳُتياس
چوڏهينءَ ماهَ چندَ جيئن، پڙَ ۾ پَيشانياس
سِيماهُم فِي وَجوهِهُم، مُنهن ۾ مَڻ ڳُتياس
الله نورالسماوات والارض، جلُوو زمينياس
ڪڪرا ڪربلا جا، مادر ٿي مَيڙياس
ڦٽن تان رَتَ ڦڙا، عليؑ ٿي اَگهياس
اُمتَ تي احسانَ سِين، ٿيندي شفاعتَ سَندياس
مِڙئي معاف ڪَياس، خالقَ بدلي خُونَ جي

ابنِ عباسؓ کان روايت آهي تہ، مون عاشُور واري شب حضور ڪريمؐ جن کي خوابَ ۾ ان حالت ۾ ڏٺو جو سندن سِر مبارڪ ۾ خاڪَ، اکين ۾ ڳوڙها، گِريبان چاڪ ۽ ٻانهُون ڪُنجهيل هُيون. سندن هٿن ۾ تِيرن سان پَروڻ ٿيل ۽ رَتَ ۾ ٻُڏل ڪُرتو هو ۽ پاڻ فرمائي رهيا هئا تہ "الله تعاليٰ کي ظالمن جي عملَ کان غافل نہ سمجهندا ڪريو"

قُرآنِ حڪيم ۾ اهو فرمانِ خداوندي بہ موجود آهي تہ "بيشڪ جيڪي ماڻهو الله ۽ اُنَ جي رسولؐ کي اَذيتَ ڏين ٿا انهن تي خدا دنيا ۽ آخرت "ٻنهي" ۾ لعنتَ فرمائي آهي ۽ انهن جي لاءِ رُسوا ڪندڙ عذاب تيار ڪري رکيو آهي"

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 26 جون 2026ع

شهادتِ حضرت امام حسين عليه السلام: حق، انصاف ۽ اصولن جي فتح

محرم الحرام جي ڏهين تاريخ اسلامي تاريخ جو اهڙو باب آهي، جيڪو صديون گذرڻ باوجود اڄ به انسانيت کي حق، انصاف، جرئت ۽ قرباني جو درس ڏئي رهيو آهي. ڪربلا جو واقعو فقط هڪ تاريخي سانحو نه پر هڪ فڪر، هڪ پيغام ۽ هڪ دائمي جدوجهد جو نالو آهي، جنهن جو مرڪز امام حسين عليه السلام ۽ سندن وفادار ساٿين جون بي مثال قربانيون آهن. نبي پاڪ ﷺ جي پياري ڏهٽي حضرت امام حسين عليه السلام 10 محرم 61 هجري تي پنهنجي اهلِ بيت ۽ ساٿين سان گڏ جيڪا عظيم قرباني پيش ڪئي، اها اسلامي تاريخ جو اهڙو روشن باب بڻجي وئي آهي، جنهن تي اڄ ڪي چوڏهن صديون گذرڻ کان پوءِ به محسوس ڪيو وڃي ٿو. ڪربلا جي واقعي کي مختلف زاوين کان ڏٺو وڃي ٿو، ڪجهه ماڻهن ان کي هڪ ظالم حڪمران خلاف مزاحمت جي علامت سمجهن ٿا. جڏهن ته حقيقت ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جي جدوجهد جو مقصد گهڻو وسيع ۽ گهرو هو. اهو صرف هڪ فرد يا حڪمران جي مخالفت نه هئي پر اسلامي رياست جي ان بنيادي روح جي حفاظت لاءِ جدوجهد هئي، جيڪا رسول اڪرم ﷺ قائم ڪئي هئي. اسلام جو تصور ان اصول تي ٻڌل آهي ته حاڪميت جو اصل حق صرف الله تعاليٰ کي حاصل آهي. حڪمران عوام جو مالڪ نه پر سندن خادم هوندو آهي، جيڪو الله جي آڏو جوابده هوندو آهي. جڏهن حڪمراني کي موروثي بنيادن تي منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته حضرت امام حسين عليه السلام ان ۾ مستقبل لاءِ هڪ وڏو خطرو ڏٺو. سندن بصيرت کين ٻڌائي رهي هئي ته جيڪڏهن هن تبديليءَ کي بنا مزاحمت قبول ڪيو ويو ته ايندڙ نسل شايد اسلامي رياست جي سياسي نظام ۽ بادشاهت جي وچ ۾ فرق کي سمجهي نه سگهندا. ان ڪري حضرت امام حسين عليه السلام حق جي حمايت ۽ اصولن جي حفاظت لاءِ اهو رستو اختيار ڪيو جيڪو ظاهري طور انتهائي ڏکيو ۽ قربانين سان ڀريل هو.

ڪربلا جي ميدان ۾ حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندن وفادار ساٿين جي شهادت حق جي دائمي فتح ثابت ٿي. طاقت، لشڪر ۽ حڪومت وقت جي حڪمران هٿ ۾ هئا، پر تاريخ اهو ثابت ڪيو ته اخلاقي فتح هميشه اصولن سان گڏ هوندي آهي. حضرت امام حسين عليه السلام پنهنجي عمل سان اهو پيغام ڏنو ته جڏهن ظلم ۽ باطل آمهون سامهون هجن ته خاموش رهڻ بدران حق جو ساٿ ڏيڻ ئي مؤمن جي ذميواري آهي. اڄ جڏهن دنيا مختلف سياسي، سماجي ۽ اخلاقي بحرانن کي منهن ڏئي رهي آهي، تڏهن ڪربلا جو پيغام وڌيڪ اهميت اختيار ڪري وڃي ٿو. حضرت امام حسين عليه السلام جي زندگي ۽ شهادت اسان کي سيکاري ٿي ته اصولن، انصاف ۽ سچائيءَ تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪرڻ گهرجي. سندن قرباني صرف مسلمانن لاءِ نه پر پوري انسانيت لاءِ آزادي، عزت ۽ حق جي علامت آهي. ڪربلا جي واقعي جو سڀ کان وڏو سبق اهو آهي ته ظلم ڪيترو به طاقتور ڇو نه هجي، ان جي عمر محدود هوندي آهي، جڏهن ته سچائي هميشه زنده رهندي آهي. حضرت امام حسين عليه السلام پنهنجي خاندان ۽ ساٿين جي قربانين ذريعي ثابت ڪيو ته اقتدار ڪڏهن به اصولن کان وڌيڪ اهم ناهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته جبر ۽ طاقت ذريعي ضمير کي دٻائي نٿو سگهجي. حضرت امام حسين عليه السلام جو نالو اڄ به زنده آهي، جڏهن ته ظلم ۽ جبر جون علامتون تاريخ جي اونداهين ۾ گم ٿي چڪيون آهن. اهو ئي سبب آهي جو هر سال محرم جو مهينو اسان کي ياد ڏياريندو آهي ته حق جي راهه تي ثابت قدم رهڻ ئي اصل ڪاميابي ۽ دائمي زندگيءَ جو راز آهي.

مديني شريف ۾ امام حسين ع جي ياد!


ذوالفقار خاڪي

مديني شريف ۾ زندگيءَ جا چار ڏهاڙا گهارڻ جو موقعو رب سائين عطا ڪيو. تڏهن هن شهر جي ماڻ متاثر ڪندڙ لڳي. رستن تي هلندي گاڏين جو ڪو الڪو محسوس نه ٿيو چاڪاڻ ته مسجد نبوي ﷺ ڏانهن ويندي، اسان ڪي ڪڏهن به ڪ گهڙيون بيهڻ يا گاڏيءَ واري جي لنگهي وڃڻ جو انتظار ڪرڻو نٿي پيو. ايئن جو گاڏي وارا اسانکي ڏسي پاڻ بريڪ لڳائي بيٺا ٿي، جيئن سهڻي نبي ﷺ جا زيارتي پهرين آرام سان بيڪٽڪا روڊ پار ڪري وڃن. عزيزن واري علائقي مان مسجد نبوي ﷺ ڏانهن ويندي هڪ ڏينهن به رستا نظر آيا، جيڪي صحابي رسول اڪرم ﷺ جناب سعد بن ابي وقاص رضه ۽ جوانن جي سردار حضرت حسن ابن علي عليه السلام جي نالن تي هئا. اهي به بورڊ پڙهي اندازو ٿيو ته رسول اڪرم ﷺ جي وفات بعد مسجد نبوي ﷺ ۾ توسيع بعد ٿي سگهي، انهيءَ پاسي حضرت سعد بن ابي وقاص پڻ اچي قيام پذير ٿيا هجن. جيڏانهن مولا علي عليه السلام جو گهر هجي، تڏهن ئي انهن رستن جا نالا مولا علي عليه السلام جي وڏي فرزند امام حسن عليه السلام ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص رضه جي نالن پٺيان رکيا ويا هجن. واضح هجي ته يزيد ابن معاويه جي لشڪر ۾ هڪ سردار جو نالو عمر سعد هو جيڪو حضرت سعد ابن ابي وقاص جو فرزند هو پر يزيدي لالچ ڪيس امام حسين عليه السلام سان جنگ تي آماده ڪيو هو. مديني شريف ۾ جڏهن به انهن رستن جا بورڊ پڙهندو هئس، تڏهن امام حسين عليه السلام جي ياد دل کي ورائي ويندي هئي، چاڪاڻ ته ذاڪر پڙهندا آهن ته جڏهن ڪربلا ۾ امام حسين عليه السلام جي مٿان شمر ملعون خنجر سان وار ڪري ڳلو ڪپي رهيو هو تڏهن امام حسين عليه السلام جي همشيره سيده زينب بنت علي عليه السلام حيرت منجهان عمر سعد کي چئي رهي هئي ته 'اي عمر سعد تون ڏسين پيو ۽ شمر ملعون خنجر سان منهنجي ڀاءُ حسين ع تي وار ڪري رهيو آهي پر افسوس عمر سعد ڪربلا ۾ امام حسين عليه السلام سان سان بهتر ٻاڙيسري جهڙو پڻ ورتاءُ نه ڪيو.'

مدينو شريف سن 60 هجريءَ تائين امام حسين عليه السلام جو پڻ شهر رهيو. تاريخي رڪارڊ موجب پاڻ سن 3 شعبان 4 هجري تي مديني ۾ پيدا ٿيا. امام علي ابن ابي طالب عليه السلام سندن والد ۽ بي بي فاطمه زهرا والده ماجده آهن. رسول اڪرم ﷺ امام حسين عليه السلام جي نانا جان پنهنجي پياري ڏوهٽي جو نالو 'حسين' رکيو.

مديني شريف ۾ اسين جڏهن گيٽ نمبر 310 وٽان مسجد نبوي ﷺ جي وسيع اڱڻ طرف وڪون وڌائيندا رهيا هئاسين، تڏهن سامهون جنت البقيع جو اهو قبرستان پڻ نظر آيو، جيڪو سيده فاطمه زهرا سلام الله عليها ۽ امام حسن عليه السلام سميت حضرت علي ابن الحسين زين العابدين اسير ڪربلا، امام باقر ابن علي زين العابدين عليه السلام ۽ امام جعفر صادق عليه السلام جي پڻ آخري آرام گاهه جو هنڌ آهي پر انهن قبرن تي ڪارڻ ڀٿرن مان ڏسبو ته جهڙوڪر امام حسين عليه السلام جي ياد ۾ اداس هجن.

رسول اڪرم ﷺ جي روضي تي جڏهن به سلام لاءِ باب السلام مان داخل ٿيندا هئاسين، تڏهن نبي پاڪ ﷺ جي پياري ڏوهٽي امام حسين عليه السلام جي ياد ۾ اداس ٿيڻ بعد هن رستي کي چمڻ لاءِ دل چوندي هئي، جيڪو رستو ضرور امام حسين عليه السلام جي اچ وڃ جو پڻ رستو رهيو هوندو. جڏهن ته رياض الجنه ۾ رسول اڪرم ﷺ جي منبر ۽ سندس حجري مبارڪ جي وچ ۾ پل ڪن لاءِ جڏهن تصور ڪبو هو ته 'حسين' 'حسين' جا ننڍڙا پيرڙا جهڙوڪر ڪنن تي پوندي محسوس ٿيندا هئا، چاڪاڻ ته هتي ئي نبي پاڪ ﷺ جي حجري پرسان سيده فاطمه زهرا سلام الله عليها جي گهر جي ديوار هئي، جيڪو گهر اڄ به محفوظ آهي. چون ٿا ته سيده جي گهر جو هڪ در ڪلندو ئي مسجد ۾ هو امام حسين ع جڏهن چاهيندا هئا، وڃي پنهنجي نانا رسول اڪرم ﷺ جي هنج مبارڪ ۾ رونق افروز ٿيندا هئا. رياض الجنه جي سامهون مسجد نبوي ﷺ جي ديوارن تي جڏهن امام علي ع ۽ سندس فرزندن امام حسن عليه السلام ۽ امام حسين عليه السلام سميت سمورن امامن جا نالا لکيل نظر آيا، تڏهن ايئن محسوس ٿيو جڻ ته مسجد نبوي ﷺ کي امام حسين عليه السلام ياد آهي، جيڪو 61 هجريءَ ۾ ڪربلا ۾ شهيد ٿي اتي ئي آرامي ٿيو هو. هاڻ سندس روضي مبارڪ پرسان چوڌاري هڪ وڏو شهر 'ڪربلا' آباد آهي، جتي لکين زائرين 'ياحسين ڪربلا' جون صدائون بلند ڪري ماتم حسين ع ۾ مصروف آهن. مديني شريف ۾ هڪ اهڙي ڊٺل مٽيءَ جي جاءِ پڻ نظر آئي، جيڪا امام حسين عليه السلام جي نياڻي بي بي فاطمه صغرا جي انتظارگاهه ٻڌائي وئي.

بي بي صغرا جي هن انتظار گاهه جي پرسان پڻ هڪ جاءِ قديمي طرز تعمير جي موجود آهي، جيڪا ڪنهن جوائي بيت الحزن واري جاءِ آهي، جتي رسول ﷺ جي بعد وفات سيده فاطمه زهرا سلام الله عليها پنهنجي بابا کي روئي روئي ياد ڪندي هئي، جو ته سيده جڏهن روضه رسول پرسان ﷺ واقع پنهنجي گهر ۾ پنهنجي بابا رسولِ خدا ﷺ جي وڇوڙي سبب پار ڪڍي روئيندي هئي، تڏهن پرياسي جون عورتون به روئڻ لڳنديون هيون. ايئن پاڙي جي ڪجهه ماڻهن چيو ته فاطمه ع جي روئڻ سان اسان جي رات جي ننڊ ڦٽي پوي ٿي، اهڙي شڪايت بعد مولا علي عليه السلام اهو بيت الحزن تعمير ڪرايو. جتي ڪربلا جي واقعي بعد امام زين العابدين عليه السلام پنهنجي بابا حسين عليه السلام ۽ پنهنجن ڀائرن ۽ ٻين شهيد عزيزن جي ياد ۾ روئيندا هئا. هن گهر جي چوڌاري لوهي جاريون ڏنل آهن، جيئن ڪوبه اندر داخل نه ٿي سگهي.

محرم موٽي آيو موٽيا نانءَ امام (شاهه لطيف)

'شامِ غريبان'

جابر عباس ملاح

ڪربلا ۾ نبي اڪرم ﷺ جي اولاد تي 10 محرم الحرام جي رات گذري وئي چڙهي پيو آسمان تي 10 محرم الحرام جو دردن ڀريو ڳاڙهو سج جنهن جي هڪ ٿي پهر ۾ ظهر کان عصر تائين حضرت علي ع جو ڀريل گهر ويران ٿي ويو حضرت علي ع جي نياڻي سائڻ زينب (س) جا 72 قضيا ٿي ويا..! اهو دنيا جو دستور آهي جڏهن ڪنهن گهر ۾ قضيو ٿي پوندو آهي ته ٽن ڏهاڙن تائين انهيءَ جي چلهه نه ٻرندي آهي همدرديءَ طور ان ڏکايل خاندان کي ٽن ڏهاڙن تائين پاڙي وارا کاڌو پهچائيندا آهن ڪربلا ۾ ٽن ڏهاڙن جي اڄ ۽ ٻک تي رهڻ 72 قضين کانپوءِ به علي ع جي اولاد کي پرچائڻ ۽ کاڌو کارائڻ بدران ناني نبي ﷺ جي امت دين بچائڻ جي ڏوهه ۾ خيمن کي باهه ڏني شهادتِ امام حسين عليه السلام کانپوءِ سيدن جي خيمن کي چئني طرفن کان يزيدي فوج باهه ڏني جنهن وقت ٻرندڙ باهه جا شعلا خيمن کي ساڙڻ لڳا ته مائرن جي جهولين مان معصوم ٻار اٿين ويڙهي ويا، جيئن ڪنهن نمازيءَ جي هٿن مان تسبيح جي ٽٽڻ کانپوءِ ان جا موتي وکري ويندا آهن اهلبيت تي ڪربلا ۾ هر ظلم آزمايو ويو ظلم جو اهو ڪوبه انداز باقي نه بچيو هو جيڪو علي ع جي اولاد تي نه آزمايو ويو هجي امام حسين ع اهي سڀ تڪليفون صبر سان برداشت ڪيون، اهڙي صبر تي اڄ سڄي ڪائنات حيران آهي

حسين ابن علي ع ناني نبي ﷺ جي دين ۽ الله جي وحدانيت کي بچائڻ خاطر يزيد (لعين) جي هر ظلم کي صبر سان سٺو ۽ پنهنجي ڀريل ويڙهي يعني 'گهر' کي ناني جي دين تان قربان ڪري ڇڏيو حسين ع جي ڏکن جي ڀائيوار ڀيڻ سائڻ زينب سلام الله عليها تي امام حسين ع جي شهادت کانپوءِ ڏکن جا پهاڙ ڪيرايا ويا، جن کي ان ڪربلا جي شيردل خاتون صبر سان برداشت ڪيو. حضرت علي ع جي وڏي ڌيءَ سائڻ زينب سلام الله عليها ڀا ڀاءُ جي مقتل ۾ اچان پيرئي رکيو هو ته سندس لاءِ هڪ ٻيو مقتل شروع ٿي ويو سائڻ زينب سلام الله عليها ٻرڪندڙ باهه جي شعلن مان امامت جي سلسلي کي جوڙيندڙ هڪ ڪڙي امام سجاد (ع) کي ٻرندڙ باهه جي شعلن کان بچائي باهر ڪڍيو ته ٻئي طرف مائرن جهوليءَ کان وڇڙيل ٻارڙن کي ٿي ڳوليائين سادات جي خيمن کي ساڙيندڙ باهه جڏهن ماٺي ٿي ۽ خيما خاڪ ٿي ويا ڪربلا ۾ ظلم جي انتها اها هئي جو سادات جي خيمن کي خاڪ جي ڍير ۾ تبديل ڪرڻ کانپوءِ به لشڪرِ يزيد جي اندر مان انتقام جي باهه ختم نه ٿي ظلم سادات جي خيمن کي شامِ غريبان کانپوءِ به لٽيندا رهيا..! قتل حسين ع کانپوءِ هر طرف کان لشڪرِ يزيد جا سادات کي لٽڻ جا آواز ايندا رهيا.

امام حسين ع جي قتل کانپوءِ سائڻ زينب سلام الله عليها جو مقتل جڏهن شروع ٿي ويو 10 محرم الحرام کانپوءِ امام حسين ع جو محرم ۽ مقتل ختم ٿيو شام غريبان کانپوءِ سائڻ زينب سلام الله عليها جو محرم ۽ مقتل شروع ٿيو. جڏهن 11هين محرم جي رات آسمان تي پنهنجا پر پکيڙڻ لڳي ته سائڻ ڀاءُ جي يتيمن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ شروع ڪري ٿي جيڪي معصوم ٻار ملي سگهيا، تن کي سمهارڻ جي ڪوشش ڪيائين جيڪي وڃڙي ويا، تن کي بيابان مان ڳولڻ لڳي صبر ۽ سخاوت ته هن گهراڻي جي جاگير آهي اهڙي ظلم سهڻ کانپوءِ پلا اهو ڪهڙو ٻار هوندو جنهن کي ننڊ اچي سگهي؟ سو به ٽن ڏهاڙن جي اُڃ ۽ بُک واري حالت ۾! سيدن جي پياسن ٻارڙن کي سنتين محرم کان وٺي ڏهين محرم تائين پاڻيءَ جي هڪ ٻُوند (ڦڙو) به نه ملي سگهيو پر هڪ اميد زنده هئي اوستائين جيستائين حضرت عباس ع جن موجود هئا حضرت عباس ع جي شهادت کانپوءِ ٻارڙن پاڻي گهرڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن 11 محرم جي اندوهناڪ رات سيدن جي سِرن تي چڙهي آئي ته سيدن جي ٻارڙن جا ماڻ ختم ٿي ويا انهن تي يتيمي ڇانئجي وئي انهن مائرن جون جهوليون ڇڏي وارن جي ذهن تي صبر سان سمهڻ شروع ڪيو. حضرت عباس علمدار ع جي شهادت کانپوءِ سڀ ذميواريون سندس ڀيڻ سائڻ رقيه خاتون (س) سنڀالي ورتيون ۽ شهادتِ حسين ع کانپوءِ ان جون سڀ اهم ذميواريون حصي جي ڀائيوار ڀيڻ سائڻ زينب سلام الله عليها سنڀاليون حضرت امام حسين ع 6 مهينن جي ابهم علي اصغر ع 90 ورهين جي حبيب ابن مظاهر (ع) ۽ سعيد ابن عبدالله حنفيءَ جهڙا بهادر سپاهي جانثار ساٿين جي شهادت کانپوءِ پاڻ مقتل ڪربلا جي تپندڙ ڌرتيءَ تي خدا جو شڪر ادا ڪري آرامي ٿيا ته ڀيڻ زينب سلام الله عليها سڀ ذميواريون پنهنجي فوج کي سونپي ڇڏيون قافلي جي سپهه سالار جو علم سائڻ رقيه خاتون (س) کي ۽ ٻيون ذميواريون ٻين ڀيڻين کي ورهائي ڏنيون ڪربلا جي شيردل خاتون دينِ حق جو پرچم پنهنجي هٿن ۾ کڻي اهو اعلان ڪيو: 'ڀانا تو الله جي وحدانيت ۽ ناني نبي ﷺ جو دين بچايو آهي ۽ هاڻي آئون توکي بچائينديس. باطل کي حق مڃرائڻ خاطر حاڪمِ وقت جي دارالحڪومت شام وينديس. اُتي کيس اهو مڃرائينديس ته حق حسين ع آهي ۽ باطل يزيد ملعون آهي حسين ع زنده آباد ۽ يزيد مرده باد آهي' جتي حسين ع جي مقصد جي پڄاڻي ٿي اتان ڀيڻ ڀاءُ کي بچائڻ خاطر انقلاب جي ابتدا ڪري ٿي اڄ کان حسيني فوج جي سپهه سالار سائڻ رقيه خاتون (س) بڻي جنهن شامِ غريبان کان پهرو ڏئي حسين ع جي يتيمن کي عباس ع جي لهجي ۾ صدائون ڏئي آرام ڪرايو ڪربلا جي انقلاب ۾ جتي مردن جي عظيم قرباني شامل آهي اتي عورتن جي قربانين کي به وساري نٿو سگهجي انقلاب جو هڪ حصو حسين ع مڪمل ڪيو ته ٻيو بهادر ڀيڻ زينب سلام الله عليها مڪمل ڪيو. زينب سلام الله عليها جي قيد ۽ خطبن باطل کي شڪست قبولڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

اسلام تي احسان هوءِ ڀيڻ پرا ڌل
شبير مسافر تي ٻيا، عون دي ما ڌل (جوهر شاهه)

محرم الحرام جي ڏهاڪي جي سيئي راتين کان شام غريبان واري 11هين محرم الحرام جي رات سڀ کان مشڪل رات آهي جنهن جو تصور ڪرڻ سان ئي انسان تي سڪتو طاري ٿي وڃي ٿو جنهن کي 'شام غريبان' چون ٿا ڏهين محرم جي رات ته سيئي سڄڻ موجود هئا امام حسين ع پنهنجي سٿ سميت سيئي سڄڻ سان گڏ هيو پر يارهينءَ جي رات سادات جو ڪجهه به نه رهيو ڪربلا جو بيابان بي ڪفن لاشا ٽن ڏهاڙن جا اُڃيا، ٻُکيا ۽ سڄڻن جي موت جا ماريل اهڙي گهڙيءَ پلا ڪنهن کي هوش هوندو. انهيءَ هيبتناڪ منظر کي ياد ڪندي ئي انسانيت جا هانءَ ڪنبڻ لڳن ٿا سلام آهي انهن ڀيڻين کي جن اهي منظر برداشت ڪيا مومنن کي اهو ئي ته درد آهي جيڪو سن 61 هجريءَ کان وٺي اڄ تائين هر اهلِ دل کي روئائي ٿو جنهن کي ياد ڪرڻ کانپوءِ مومن ۽ عزادار پنهنجي وس ۾ نٿو رهي ۽ پاڻ غمِ حسين ع ۾ رڱجي وڃي ٿو ۽ اندر مان 'ياحسين ع... ياحسين ع...' جون درد ڀريون صدائون بلند ٿين ٿيون جيڪي پوري دنيا جي ماحول کي سوڳوار بڻائي ڇڏين ٿيون شام شفق جا سڀ منظر اڄ به ياد ڏيارين ٿا.

شهدادپور جي قديم ڳوٺ ملدسيءَ ۾ عزاداري جي تاريخ!


نور سنڌي

اسان جو ڳوٺ ملدسي جيڪو شهدادپور کان اولهه طرف ٿو ڪلوميٽر جي فاصلي تي واقعي آهي ملدسي جيڪو ماشاالله شهر بڻجي ويو آهي ملدسي ڳوٺ ۾ عزاداري ڪڏهن شروع ٿي؟ شروعات ڪهڙن مومن ڪئي ڪا خبر نه آهي پر اسان وٽ موجود معلومات مطابق ملدسيءَ جو اوائلي علم عارب خاصخيلي جو آهي جيڪو ماضيءَ کان اڄ تائين عزاداري امام حسين ع جو مرڪز رهندو اچي جيڪو ملدسي جي وچ تي مين بازار وٽ آهي هن وقت ملدسي ۾ 4 پڙ تڪرندا آهن وڏو پڙ عارب فقير خاصخيلي جو سڏيو وڃي ٿو جيڪو ملدسي جو قديم پڙ آهي جيڪو انگريز جي دور جو آهي ان کي قائم ڪرڻ ۾ مرحوم بچل شاهه جو به هٿ هو مرحوم بچل شاهه اصل ۾ خيرپور ميرس ضلعي جو هو جيڪو وڏو عزادار هو ملدسي ۾ عزاداريءَ کي ان وڌايو اسان ته عارب فقير خاصخيلي ڏٺو نه سيد بچل شاهه پر اسان سندن قصا ۽ عزاداري جي لحاظ کان ڳالهيون ٻڌندا آهيون ملدسي ۾ ٻين پڙن ۾ ملاحن جو پڙ جيڪو تقريبن 1973ع ڌاري اسان جي چاچي محمد فقير ملاح قائم ڪيو ماضيءَ ۾ شاندار اوتارو، علم جي چوڌاري موتيا گلاب جا گل خوشبو پکيڙيندا هئا هن پڙ تي نغارا وڄندا هئا، جتي عمر علمعروف شڪرانو فقير ڪنير چاچو محمد ميربحر ان جو پٽ الله جڙيو ميربحر ۽ ٻيا نغارا وڄائيندا هئا 9 کان 10 محرم تائين ماتمي قافلو ميربحرن جي پڙ کان شروع ٿي وري هتي ئي ختم ٿيندو هو.

ماضيءَ ۾ ملدسيءَ ۾ ٻيا به پڙ مشهور هئا، جن ۾ جتي مرحوم ملوڪ خاصخيلي جو گهر آهي اتي عيسو خاصخيلي جو پڙ هوندو هو ان پڙ کي مڃائڻ ۾ مرحوم سيد بچل شاهه جو به هٿ هو ڪجهه عرصو سيد خان محمد شاهه به هن کي سنڀاليو ٻيو پڙ حاجي احمد فقير جي اوطاق، جيڪا هاڻ بابل ڏيرو ۽ پيربخش ڏيرو ۽ سڪندر خان ڏيرو جي اوطاق آهي ان جي پرسان خاصخيلين جي پاڙي ۾ الهه بخش خاصخيلي وارن جو پڙ هو، ٽيون پڙ وارث ڏنو ڏيرو وارن جي پراڻي اوطاق ويجهو جيئندي 'واڌو' خاصخيلي جي اٻين ليمن جي باغ ۾ هو سندس وفات بعد ڪجهه وقت سندس پٽ ربڏنو خاصخيلي به سنڀاليو، بعد ۾ اهو باغ ولي محمد هوٽ کي وڪرو ڪري ڏنو ويو، ان به ان پڙ جي سنڀاليو ۽ رياضت ڪئي اتي سم وڃي وئي ۽ پڙ به ختم ٿي ويو 2010ع ۾ ولي محمد هوٽ جي پٽ غلام سرور هوٽ ان هنڌ جي ويجهو علم لڳايو آهي 1977ع ۾ صابن فقير خاصخيلي به پنهنجي هٽي تي مارڪ واهه جي ڪپ تي علم لڳايو، جتي ڪافي سالن تائين عزاداري به ٿيندي هئي خير خيراتون به ٿينديون هيون ليڪن بعد ۾ اهو پڙ ختم ٿي ويو ملدسيءَ جي چاچا فقير مولا بخش ملاح ملدسي ۽ ڳوٺ لالا خان جلالاڻي جي وچ تي هاريءَ واري زمين وٽ جهنگ وڃي، اتي ته صرف علم لڳايو پر اتي وڏو اوتارو به ٺهرايو هن پڙ تي فقير فقراءَ ديسي پرديسي ايندا ويندا هئا سندس وفات بعد فقير سليمان ملاح ۽ فقير علي بخش ملاح ان پڙ کي سنڀاليو پر ان انداز ۾ نه سنڀالي سگهيا ملدسيءَ ۾ عاشوره ۾ 7 کان 10 محرم تائين ماتمي جلوس ڪڍيا ويندا آهن ماضيءَ ۾ ٻين علائقن مان به پڙ ايندا هئا پر هاڻ اهو سلسلو گهٽجندو وڃي ٿو ماتمي قافلو ملدسي چوڪ تي زنجير زني ڪندو آهي ماتمي جلوس ملاحن جي پڙ کان تڪري سيد پاڙي کان خاصخيلي پاڙي، شيخ پاڙو کان ٿيندي حاجي پير جي پڙ تي اتان يونين ڪائونسل آفيس کان شهر ۾ ويندڙ رستي کان مين بازار واپس فقير علي بخش خاصخيلي جي پڙ تي ايندو آهي جتان کان ڳوٺ هاشم خاصخيلي ملنگ ڳوٺ، ڳوٺ لال خان جلالاڻي ۽ ٻين ڳوٺن مان ايندڙ قافلا پنهنجي ڳوٺن جي پڙن ڏانهن هليا ويندا آهن پراڻي دور ۾ ملدسيءَ جي ماتمي ڪافي جو سرواڻ منهنجو سوٽ الله جڙيو ميربحر هوندو هو ان دور ۾ ملدسي ۾ وڏي ماتم داري ٿيندي هئي ۽ ملدسيءَ جي فقراءَ جا ماتمي 'قافلا ٻين شهرن يا ڳوٺن ڏانهن ويندا هئا.

امريڪا جي فضائن مان
جنگ جي شور ۾ هڪ خاموش انقلاب: بِٽ ڪوائن جي نئين عالمي راند!

راجا زاهد اختر خانزاده

(حصو ٻيو ۽ آخري) : پاڪستان ايران جو پاڙيسري آهي آمريڪا جو پراڻو سيڪيورٽي پارٽنر آهي چين جي بيلٽ اينڊ روڊ منصوبي جو مرڪز آهي ۽ اوپر جي ملڪ سان گهرا لاڳاپا رکي ٿو وزيراعظم شهباز شريف، فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ ٽيم مهينن تائين واشنگٽن ۽ تهران وچ ۾ اها پُل ٺاهي جنهن تي آخرڪار صحيحون ٿيون ڪشنر پاڪستاني ٽياڪڙيءَ کي "actually pretty epic" يعني 'حقيقتاً غير معمولي' قرار ڏنو اهي لفظ محض تعريف آهن يا ڪنهن وڏي حساب ڪتاب جو اظهار؟ پاڪستان ڪرپٽو ڪرنسي ۽ مصنوعي ذهانت جي معيشت ۾ جاءِ ٺاهڻ جي ڪوشش به شروع ڪري چڪو آهي 2025 ۾ حڪومت اعلان ڪيو ته بٽ ڪوائن مائننگ ۽ AI ڊيٽا سينٽرز لاءِ 2000 ميگاواٽ بجلي مختص ڪئي ويندي انهي دوران عالمي ڪرپٽو ڪمپني بائنانس جي باني چانگ پينگ ژائو کي پاڪستان ڪرپٽو ڪائونسل جو مشير بڻايو ويو ۽ ڪرپٽو اثاثن لاءِ قانوني فريم ورڪ به متعارف ڪرايو ويو IMF بجلي تي سبسڊيءَ جون تجويزون رد ڪري ڇڏيون آهن جنهن کانپوءِ اهو منصوبو سست رويءَ جو شڪار ٿي ويو جنگ کانپوءِ هاڻي هتي هڪ ٻيو پراڻو منصوبو ٻيهر ڌيان حاصل ڪري سگهي ٿو ايران، پاڪستان ۽ ڀارت کي ملائيندڙ IPI گيس پائپ لائن جنهن کي ڪڏهن 'امن پائپ لائن' سڏيو ويندو هو، سالن کان تعطل جو شڪار آهي ڀارت 2009ع ۾ هن منصوبي کان الڳ ٿي ويو هو جڏهن ته پاڪستان کي دير سبب ممڪن 18 ارب ڊالر ڏنڊ جو سامهون به آهي جيڪڏهن ايران تي پابنديون نرم يا ختم ٿيون ته ڇا اها پائپ لائن ٻيهر فعال ٿي سگهي ٿي؟ ڇا پاڪستان کي سستي گيس ملي سگهي ٿي؟ ۽ ڇا اهو خطي ۾ توانائيءَ جي ترسيل جو هڪ اهم مرڪز بڻجي سگهي ٿو؟ اهي ئي اهي سوال آهن جيڪي ايندڙ سالن جي سياست ۽ معيشت جو رخ متعين ڪري سگهن ٿا ٻئي طرف هتي هڪ ٻيو ڊاٽ سامهون اچي ٿو. آگسٽ 2025ع ۾ ٽرمپ پاڪستان سان ٻه طرفي واپاري معاهدي جو اعلان ڪندي اهو جملو چيو، جيڪو دنيا حيرت سان ٻڌيو: 'شايد پاڪستان هڪ ڏينهن ڀارت کي به تيل وڪڻي' ڀارت کي اهو جملو وڻيو نه دنيا جون اکيون جهڪي ويون پر ٽرمپ اڪثر اهو چئي ڇڏيندو آهي جنهن جي پٺيان ڪو حساب هوندو آهي ۽ ڪشنر جي Affinity Partners جي 6.16 ارب ڊالر جي اثاثن ۾ 99 سيڪڙو سعودي عرب، UAE ۽ قطر جي خودمختار دولت فنڊز کان آيا آهن شايد اهي محض اتفاق هجن شايد اهي سڀ الڳ الڳ واقعا هجن پر ڪڏهن ڪڏهن تاريخ به اتفاقن جي لباس ۾ سامهون اچي ٿي ڀارت کي سستي گيس گهرجي پاڪستان کي ٽرانزٽ فيس گهرجي ايران کي منڊي گهرجي آمريڪي سرمايا ڪارن کي نفعو گهرجي ۽ جيڪڏهن اهو سڀ هڪ ڳنڍجي ٿئي ته ڇا معيشت اهو ڪم ڪندي، جيڪو سياست نه ڪري سگهي؟ هاڻي هن سموري تصوير جو پسمنظر سمجهڻ ضروري آهي آمريڪا ۾ اسرائيل بابت عوام جو ڏهاڪن ۾ غير معمولي انداز ۾ بدلجي رهي آهي Gallup جي فيبروري 2026 جي سروي ۾ پهريون ڀيرو 2001ع کانپوءِ آمريڪين جي همدردي اسرائيل جي بجاءِ فلسطينين سان وڌيڪ ملي Pew Research جي اپريل 2026ع جي سروي ۾ 60 سيڪڙو آمريڪي بالغن جو اسرائيل بابت منفي تاثر سامهون آيو 18 کان 49 سالن جي عمر جا 70 سيڪڙو ماڻهو اسرائيل کي ناپسند ڪن ٿا ريپبلڪنز ۾ به اسرائيل جي حمايت 2025 کان 15 پوائنٽ هيٺ اچي هن ڏهاڪن جي سڀ کان هيٺين سطح تي پهچي وئي آهي اپريل 2026 ۾ سينيٽ ۾ 13 وچين ڊيموڪريٽس اسرائيل لاءِ هٿيارن جي وڪري خلاف ووٽ ڏنو هن سموري تصوير ۾ قطر جو ڪردار به سمجهڻ ضروري آهي باخبر سفارتي ذريعن موجب آمريڪا ايران مذاڪرات کي قطر جي فرمائش تي سوئٽزرلينڊ ۾ قطري حڪومت جي ريزارٽ تي رکيو ويو، چاڪاڻ ته قطر ملي ۽ انتظامي خرچن ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو قطر جي هيءَ حڪمتِ عملي نئين ناهي: جڏهن وڏا پاڻ ۾ وڙهن ٿا ته ننڍو پر امير ملڪ ٽياڪڙ بڻجي ٿو، خرچ ڪئي ٿو ۽ بدلي ۾ ايندڙ سرمايا ڪاريءَ ۾ حصو وٺي ٿو هاڻي هڪ لمحي لاءِ ٻيهر ۽ پڇو: جيڪڏهن ايندڙ 60 ڏينهن ۾ ايٽمي معاهدو طئي ٿي وڃي ٿو، پابنديون هٽن ٿيون، ايران عالمي معيشت ۾ واپس اچي ٿو، IPI پائپ لائن زنده ٿئي ٿي، ڪرپٽو مائنرز ۽ AI ڪمپنيون ايراني توانائيءَ طرف ڇڪجن ٿيون ۽ پاڪستان پاڻ به پنهنجي وڌيل بجليءَ کي مائننگ لاءِ استعمال ڪري ٿو ته وچ اوپر جو نقشو ڪيئن نظر ايندو؟ ۽ انهيءَ نقشي ۾ پاڪستان ڪٿي هوندو؟ پر اهو سڀ هڪ شرط تي ئي ممڪن آهي: پاڪستان کي پهريان پنهنجو گهر ٺيڪ ڪرڻو پوندو اندروني سياسي استحڪام، شفاف قانون، IMF سان اعتماد، ڪرپٽو ريگوليشن، توانائي سڌارا ۽ قانون جي بالادستي کان سواءِ اهو سڀ ڪجهه ممڪن نه هوندو ۽ اهو موقعو به گذري سگهي ٿو، جيئن ڪيترا ٻيا گذري ويا. وينزويلا جي مثال سامهون آهي: سستي بجلي هئي پر سياسي بدنظمي هر موقعو ضايع ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري ايندڙ دور صرف توپن جو نه هوندو ايندڙ دور ميگاواٽن، ڊيٽا سينٽرن، گيس پائپ لائنن ۽ بٽ ڪوائن بلاڪن جو به هوندو هاڻي دنيا ۾ جنگ جو ميدان بدلجي رهيو آهي عالمي سياست ۾ مستقبل اڪثر پهريان افواهه بڻجي ٿو پوءِ قياس آرائي پوءِ بيڪ چينل مذاڪرات، پوءِ معاهدو ۽ آخر ۾ تاريخ پاڪستان هاڻي قياس آرائي ۽ بيڪ چينل وچ ۾ بيٺل آهي جيئن ڪشنر پاڪستاني ٽياڪڙيءَ کي "actually pretty epic" يعني 'حقيقتاً غير معمولي' چيو، ڇا اها صرف هڪ تعريف آهي يا هڪ دعوت؟ تاريخ اُن قومن سان مهربان هوندي آهي جيڪا موقعي کي سڃاڻي ان کي پڪڙي ٿي ۽ تاريخ اُن قومن کي ياد ڪري ٿي جيڪي ٻين جي تاريخ جو حاشيو بڻجي وڃن ٿيون، ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجو باب لکڻ ۾ دير ڪري ڇڏينديون آهن جنگ جي شور ۾ هڪ خاموش انقلاب اچي رهيو آهي سوال اهو آهي ته ڇا اسان ان جي قدمن جي آواز ٻڌي سگهون ٿا.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڀَڄِي آئين ڀَڄِڻا، لَڄَائِي مُون مَيڻ،
وِيٺِيُون وِڃُهن وَيڻ، مُنهَن مَعَّافَان جَن جَا.

هن بيت يا شعر ۾ لطيف سائين ان تاريخي وارتا جي عڪاسي ڪندي انهن عورتن جي ترجماني ڪئي آهي جن جا مرد امام حسين ع جو ساٿ ڇڏي رات جو اونداهيءَ ۾ ڀڄي نڪتا ۽ جڏهن اهي ماڻهو جيڪي ڪربلا معلا جي ميدان ۾ امام جو ساٿ ڇڏي پنهنجي گهرن ۾ پهتا يا جن جو عيال ان وقت ڪربلا ۾ موجود هو انهن کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويا ته پوءِ اهي عورتون پنهنجي وارث مردن کي چوڻ لڳيون ته اوهان ڪهڙا مرد آهيو جو ڀڳوڙا ٿا سڏجو! اسان جا ته مٽ مائٽ (ڀيڪا) به توهان لڄائي ڇڏيا. اسان کي ته مهڻي حاب ڪري ڇڏيو اٿو جن جا مرد جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي رهبر امام سان گڏ آهن تن جي عورتن جا ڪنڌ فخر وچان اوچا آهن ۽ اسان تي فخريه انداز ۾ چٿرون ڪري رهيون آهن." مطلب ته لطيف سائين اسان کي ان مان سمجهائي ٿو ته ڏکيو وقت ڏسي گهٻرائجي ته ان کي مردانا وار منهن ڏجي، اهو ئي سورهيه جو مرڪ آهي پوءِ اهو مرد هجي يا عورت.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ..... 26 جُون

علامه سيد نجي الدين شاهه راشدي

سنڌ جي هن ناليواري ديني علم ۽ نيڪ انسان جي ولادت اڄوڪي ڏينهن تي 1893ع ۾ موجوده قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ وڳڻ ويجهو هڪ ننڍڙي ڳوٺ نورآباد ۾ ٿي سندس وڏا اصل ۾ نئين ديري تعلقي جي مشهور پير جي ڳوٺ جا رهواسي هئا هن پنهنجي علائقي جي وڏن علمن وٽ ديني تعليم حاصل ڪري روحاني رمزون حاصل ڪيون فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ هن هندستان ۽ برما جو دورو ڪيو ۽ ننڍي کنڊ جي ڪيترن ئي علمي درسگاهن جيد علمن ۽ اڪابرن سان ملاقاتون ڪيون انهيءَ دوري تان واپسيءَ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ عظيم الشان مدرسو قائم ڪري درس ۽ تدريس سان منسلڪ ٿي ويو هن پنهنجي رهائشگاهه تي هڪ وڏو ڪتب خانو پڻ قائم ڪيو. جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ديني ڪتاب ۽ ناياب قلمي نسخا موجود هئا هن پاڻ به ڪيترائي ڪتاب قلمبند ڪيائين جن ۾ "تهذيب الرجال في خير الخصال"، "ايها العلماء السواء"، "ايها العمراء"، "ايها الغرباء" ۽ "ايها المساڪين" خاص ذڪر جي لائق آهن نثر سان گڏ نظم تي به خاص ملڪو حاصل هئس سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪيائين سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ "قنديل المثل" (سنڌي شاعري) ۽ "عديم النظير (فارسي) شامل آهن انهن مجموعن ۾ پنهنجي شاعريءَ سان گڏ ڪجهه ٻين شاعرن جي شاعري به شامل ڪئي اٿس جيتوڻيڪ سياست کان پري رهيو پر خلافت تحريڪ ۾ هڪ اهم ڪارڪن طور ڀرپور ورتائين سنڌ جي هن جيد علم ۽ بزرگ 31 جنوري 1984ع تي راهه رباني ورتي هن بزرگ شخصيت جي زندگيءَ جو وڌيڪ احوال مهراڻ رسالي جي جنوري 1995ع ۽ ماهوار نئين زندگيءَ جي سيپٽمبر 1995ع واري شماري ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

گوردتداس سوڀائي

گوردتداس سوڀائي روهڙيءَ جو هڪ درويش صفت سلڪ فقير هو سندس جنم 26 جون 1902ع تي ٿيو هن عملي زندگيءَ جي شروعات تپيداريءَ سان ڪئي ۽ 1958ع ۾ انهيءَ نوڪريءَ تان رٽائر ٿيو هن کي انگريزي ۽ فارسي ٻوليءَ تي عبور حاصل هو هن بيدل فقير جي ڪلام جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ ڪجهه فارسي ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جيتوڻيڪ هو هڪ سرنديءَ وارو ماڻهو هو ۽ سندس گهر وڏو ۽ ستن ماڙين تي مشتمل هو پر پاڻ سدائين سادگيءَ ۽ فقيريءَ کي پسند ڪندو هو هو حضرت سچل سرمست ۽ بيدل فقير جو وڏو معتقد هو بيدل فقير جي مزار تي جڏهن راڳ ٿيندو هو ته پاڻ ڳائيندو به هو ته دهل به وڄائيندو هو هن 6 ڊسمبر 1983ع تي دم ڏٺيءَ حوالي ڪيو هن فقيرجي زندگيءَ جو هڪ سهڻو خاڪو فقير مٺل مسرور جي ڪتاب "مون سي ڏٺا ماڻ" ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

آخوند فضل صديق

اڄ مشهور شاعر آخوند فضل صديق جي جنم جو ڏينهن آهي هو 26 جون 1916ع تي مٽياريءَ جي هڪ زميندار خاندان ۾ پيدا ٿيو زميندار هجڻ جي باوجود هو انتهائي سادي طبيعت جو مالڪ هو هن کي ملهه راند سان گهڻي دلچسپي هئي ۽ ٿر جي ملهه پهلوانن ۾ هن جو وڏو نالو هو هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو سندس شاعريءَ ۾ غزل نعتون ٿيهه اکريون بيت ۽ ڪافيون شامل هيون شاعريءَ ۾ "فضل" سندس تخلص هو هو هڪ سٺو نعت خوان به هو سندس ڪلام جو مجموعو "ڪشڪول" قلمي صورت ۾ سندس پونئرن وٽ موجود آهي مقصود احمد قاضيءَ پنهنجي ڪتاب "تاريخ مٽياري" ۾ لکيو آهي ته 1955ع ڌاري مٽياري ڇڏي هيرا آباد ۾ وڃي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين

نور عباسي

اڄ مشهور اديب ۽ صحافيءَ نور عباسيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو پورو نالو نور محمد ولد محمد هاشم عباسي هو هن جو جنم 26 جون 1927ع تي نوشهري فيروز جي شهر پريا ۾ ٿيو سنڌي فائنل جو امتحان پريا ويجهو جلباڻين جي ملان مڪتب مان پاس ڪيائين ان کان پوءِ سندس ڪتبن لڏي وڃي نواب شاهه رهيو 1959ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين سندس شاعريءَ ۾ طنز ۽ مزاح جو عنصر نمايان هو هو هڪ سٺو ڪالم نويس ۽ ڪهاڻيڪار به هو هن جي افسانن جو مجموعو "جمڙي جا واپاري" ڇپجي چڪو آهي هو هفتيوار اخبار "آواز سنڌ" جو ايڊيٽر به رهيو هن 1982ع ۾ وفات ڪئي

اقبال شينو

اقبال شينو سنڌ جو هڪ ناليوارو شاعر هو هن ٻارن لاءِ لاجواب شاعري ڪئي جيڪا سندس ڪتابن "جهڙا گل گلاب جا" ۽ "سرها گل رابيل جا" ۾ شامل آهي هن ٻاراڻي شاعريءَ سان گڏ قومي ۽ مزاحمتي شاعري پڻ ڪئي جيڪا سندس ڪتاب "سنڌڙي ۽ سونهن" ۾ شامل آهي ان کان علاوه سندس شاعري سنڌ جي سمورن ساک وارن رسالن ۾ ڇپجي چڪي آهي هن پلوڙ شاعر 26 جون 1953ع تي دادوءَ ۾ جنم ورتو سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيائين ۽ هاءِ وي ڊپارٽمينٽ ۾ سب انجنيئر طور نوڪري ڪيائين هن کي ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ جو شوق رهيو ادبي ميڙاڪن ۽ مشاعري جي محفلن ۾ وڏي شوق سان شرڪت ڪندو هو سنڌي ادبي سنگت سان به سڄي عمر سلهاڙيل رهيو تاريخ 4 ڊسمبر 2020ع تي سندس حياتيءَ جو سفر پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو

فهد مصطفيٰ

اڄ فلم ۽ ٽيليويزن جي اداڪار ۽ ميزبان فهد مصطفيٰ جي جنم جو ڏينهن آهي هو اي آر وائي ڊجيٽل جي مشهور گيم شو 'جيتو پاڪستان' جي ميزبان طور سڄي پاڪستان ۾ مقبول آهي. فهد مصطفيٰ 26 جون 1983ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو سندس پيءُ صلاح الدين ٽُنيو به ٽيليويزن جو مشهور اداڪار آهي هن اداڪاريءَ جي دنيا ۾ 2003ع ۾ پير پاتو هن سڀ کان پهريائين ڊراما سيريل امراٺو جان ادا ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. ان بعد هن ڪيترن ئي ٻين ڊرامن ۾ اداڪاري ڪئي. انهن ڊراما سيريلس ۾ پلصراط، يي زندگي هي، مين عبدالقادر هون، مستانا ماهي ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن. فهد مصطفيٰ جن پاڪستاني اردو فلمن ۾ اداڪاري ڪئي آهي، تن ۾ نامعلوم افراد، ايڪٽر ان لا، جواني ڦر نهين آني 2، نامعلوم افراد 2 ۽ ٻيون فلمون شامل آهن. هو مشهور گيم شو جيتو پاڪستان جو 2014ع کان وٺي ميزبان آهي. اهو شو پاڪستان جي مشهور ترين گيم شوز مان هڪ آهي هن شو ۾ فهد مصطفيٰ جي ميزبانيءَ کي جيترو ساراهجي اوترو گهٽ آهي.

فياض منصور

مختيار اٿر

فياض منصور جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1991ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو سندس پورو نالو فياض علي ولد منصور سيتائي آهي. هن 2007ع کان شاعري شروع ڪئي. هن غزل، گيت، وائي ۽ نظم سميت شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعري سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي آهي. هن هڪ ڪتاب "جوڙس مينگهه ملهار" ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي.

احمد خان مدهوش

اڄ مشهور شاعر مرحوم احمد خان مدهوش جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن ناليواري شاعر 5 اپريل 1931ع تي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ سلطان خان چانڊيئي ۾ حاجي خان سومري جي گهر ۾ جنم ورتو. اڃا سال کن جو مس هو جو سندس ڪٽنب لڏي اچي جوهيءَ ۾ آباد ٿيو هن سنڌي فائنل، اديب فاضل ۽ انٽر جا امتحان پاس ڪيا. عملي زندگيءَ ۾ هو اسڪول جو هڪ استاد هو. هو هڪ قادرالڪلام شاعر هو ۽ شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن ۽ خاص طور تي غزل ۽ نظم تي طبع آزمائي ڪيائين. شاعريءَ ۾ فيض بخشاپوري سندس استاد هو. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو پڻ ميمبر رهيو. هن جي شاعريءَ جا به مجموعا "دل جون ڳالهيون" ۽ "نظر ۾ نظربند" ڇپجي پڌرا ٿيا. هن 26 جون 2010ع تي راهه رباني ورتي. جوهي شهر جو هڪ روڊ سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي.

جمال الدين فقير

اڄ مشهور صوفي راڳيءَ جمال الدين فقير جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 1952ع ڌاري سانگهڙ ضلعي جي ٻوبي اسٽيشن ويجهو ڳوٺ چٽڻ وسائڻ ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو مصري فقير هو. هو فقط پرائمريءَ جا چار پنج درجا پڙهيو. هو ننڍي هوندي کان ئي منٺار فقير جي مزار تي پابنديءَ سان حاضري ڀريندو هو. جتي صوفي راڳ جون مجلسون منعقد ٿينديون هيون. هن به انهن مجلسن ۾ ڳائڻ شروع ڪيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هو وڏو راڳي بڻجي ويو. 1988ع ۾ هو پاڪستان ٽيليويزن تي متعارف ٿيو. بعد ۾ ريڊيو جي پروگرامن ۾ به حصو وٺڻ شروع ڪيائين. هن سنڌ جي ثقافت کاتي پاران اٽلي، جنيوا، سئيٽزرلينڊ، برطانيه، بيلجيم، آمريڪا ۽ ترڪيءَ ۾ به پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. ڪيس ڪيترائي ايوارڊ مليا، جن ۾ لطيف ايوارڊ (ٻه ڀيرا)، سچل ايوارڊ، پي ٽي وي ايوارڊ (ٻه ڀيرا)، آمريڪا ۾ سانا ڪنوينشن ايوارڊ ۽ مصري شاهه ايوارڊ شامل آهن. 26 جون 2016ع تي هن جي جيون جي تند ٽٽي پئي.

حاجي منور علي عباسي

اڄ مشهور سياستدان حاجي منور علي عباسيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 30 جون 1944ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ پائليٽ سيڪنڊري اسڪول مان 1960ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. 1966ع ۾ لاڙڪاڻي مان بي اي ۽ 1979ع ۾ لا ڪاليج لاڙڪاڻي مان قانون جي سند حاصل ڪيائين. 1979ع ۾ لاڙڪاڻي جي ضلعي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ ساڳئي سال لاڙڪاڻي تعلقي ڪائونسل جو چيئرمين چونڊيو ويو. هو 1988ع کان 2007ع تائين 5 ڀيرا صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. هو سنڌ ۾ لوڪل گورنمينٽ ۽ بعد ۾ پاپوليشن ويلفيئر ۽ ٽرانسپورٽ جو وزير پڻ رهيو. 1997ع ۾ لاڙڪاڻي ميونسپالٽيءَ جو چيئرمين چونڊيو. هن عباسي ڪلهوڙا تنظيم جو بنياد وڌو ۽ انهيءَ تنظيم پاران اکين جون مفت ڪئمپون ۽ ٻيا عام ڀلائيءَ جا ڪم ڪيا. شروع ۾ هو هڪ ڊگهي عرصي تائين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان واڳيل رهيو ۽ ذوالفقار علي ڀٽي ۽ بينظير ڀٽي جي وفادار ساٿين ۾ شمار ٿيندو هو. 1973ع ۾ هو پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جو سيڪريٽري رهيو. البت 2013ع ۾ پيپلز پارٽي ڇڏي 'لاڙڪاڻو عوامي اتحاد' جو حصو ٿي ويو. سندس پٽ معظم علي عباسي گرانڊ نيشنل الائنس (جي ڊي اي) جي ٽڪيٽ تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي شڪست ڏئي صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. حاجي منور علي عباسيءَ 26 جون 2020ع تي دم ڏڻيءَ حوالي ڪيو.

حڪيم حاجي نذير احمد شيخ

حڪيم حاجي نذير احمد شيخ مٽياريءَ جو مشهور حڪيم هو. سندس جنم 25 جنوري 1943ع تي مٽياريءَ ۾ ٿيو. 1961ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ حڪمت جو پيشو اختيار ڪيائين. مٽياريءَ ۾ پهريون ميڊيڪل اسٽور به هن ئي کوليو هو. 1968ع ۾ پيٿالاجيءَ جو ڪورس پاس ڪري سعيدآباد ۾ پنهنجو دواخانو کوليائين هن هڪ دوا "بينظير ڦڪي" مارڪيٽ ۾ متعارف ڪرائي، جنهن ڄڳي مقبوليت ماڻي. بعد ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ به ڪلينڪ کوليائين. هن حيدرآباد جي هڪ نجي اخبار ۾ 1996ع ۾ سوالن جوابن جو هڪ سلسلو شروع ڪيو، جنهن جو عنوان "حڪيم نذير احمد جا طبي مشورا" هو اهي مشورا بعد ۾ هن ڪتابي صورت ۾ ڇپرايا. سندس ٻين ڪتابن ۾ "قدرتي جڙي ٻوٽيون اور قرآني آيتون ڪي ذريعي شفا بخش علاج" (اردوءَ ۾)، "بيمارين جا سبب ۽ جديد طبي علاج" ۽ "صحت ۽ ساڄاهه" شامل آهن. هن انمول انسان 26 جون 2021ع تي هن دنيا مان موڪلايو. الطاف شيخ پنهنجي سفرنامي "نيو هالا کان نيو يارڪ" ۾ لکيو آهي ته "حڪيم صاحب جو ڪتاب بيمارين جا سبب ۽ جديد طبي علاج" مون نه صرف سنڌ جي گهرن ۾ پر ملائيشيا ۽ آمريڪا جي ڪيترن سنڌي هندو ۽ مسلمانن جي گهرن ۾ پڻ انهن جي ٻورچيخاني ۾ رکيل ڏٺو آهي.

بقايا 1 "روزاني عبرت"

مامڻ هٿان نوجوان پائيجو بشيراحمد ولد ميران بخش ڪرسي قتل ٿي ويو هنهي ڌرين جو هڪٻئي مٿان اگرائي ۽ مال ڦر ڪرڻ جو الزام ڌرين پاران هڪٻئي مٿان فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻي زبان جانور ڪجهه مينهون زخمي ٿيڻ جا پڻ اطلاع ذريعن ڪان معلوم ٿيو آهي ته ناٿين محرم الحرام جي نسبت سان هٿي ڌريون پنهنجن قريبن جي قبرن تي فاتح خوانيءَ لاءِ پير شهيدن جي قبرستان تي ويا جتي پنهنجي ويجهڙي وڇل پيارن جون قبرون ۽ ڌريون اٿهون سامهون ڏسي جذباتي ٿي ويا ۽ هڪٻئي مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني فائرنگ جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب نوجوان موقعي تي قتل ٿي ويو ياد رهي ته گذريل سال هيلي ڪاتي جي زمين جي مالڪيءَ تان هنهي ڌرين جا هڪ معصوم سميت 4 نوجوان قتل ٿي ويا هئا جن جو سابقہ ايم اين اي ۽ صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر محمد ابراهيم خان جتوئي جي سرپنچيءَ ۾ صلح ڪيو ويو هو جو پائيدار ٿئي سگهيو ۽ ڌريون هڪ دفعو ٻيهر خونريزي طرف ڌڪجي ويون.

بقايا 2 "روزاني عبرت"

قاسم، هاءِ قاسم" جون صدائون گونججنديون رهيون. مهنديءَ جو خاص اهتمام اٿهن خاندان پاران ڪيو ويو هو جن جون منتون ۽ مرادون پوريون ٿيون هيون. مهنديءَ جي مختلف سڪان کي گلن، هارن ۽ روشنين سان سجايو ويو هو. ان دوران جن گهرن وٽان جهولو برآمد ٿيو ان جي مومنن پاران زيارت ڪئي وئي جلوس جي موقعي تي شرڪت ڪندڙن لاءِ لنگر ۽ سبيل جو پڻ وسيع انتظام ڪيو ويو هو جاءِ جاءِ تي پاڻي، شربت ۽ ڪاڏي جون سبيلون لڳايون ويون هيون، جتي رضاڪارن پاران عزادارن جي خدمت ڪئي وئي. اصغريه آرگنائيزيشن جي اڳواڻن علي حسن حسيني، زين العابدين خاصخيلي ۽ علي غلام سمون ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حضرت قاسم عليه السلام جي ياد ۾ مهندي جو جلوس ڪربلا جي انهن نوجوانن جي قربانين کي ياد ڏيارڻ لاءِ ڪڍيو ويندو آهي، جن حق جي راهه ۾ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا. هنن چيو ته هي مهندي غم ۽ وفا جي علامت آهي، جيڪا اسان کي پيغام ڏئي ٿي ته باطل آڏو ڪڏهن به نه جهڪجي. جلوس دوران پوليس ۽ انتظاميا پاران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا. رستن تي پوليس اهلڪار ۽ اصغريه جا رضاڪار مقرر هئا، جڏهن ته امام بارگاهن جي چوڌاري نگراني پڻ وڌائي وئي هئي. جلوس پرامن نموني پنهنجي منزل تي پهچي اختتام پذير ٿيو جنهن کانپوءِ مجلس عزا برپا ڪئي وئي ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي.

بقايا 3 "روزاني عبرت"

سبيل هلائڻ دوران پراسرار نموني اغوا ٿي وئي هئي جنهن کي اڄ پنج سال گذري چڪا آهن پر افسوس جو اڄا تائين سندس ڪو به پتو پئجي نه سگهيو آهي اڳواڻن چيو ته پريا ڪماري جي اغوا واري معاملي ملڪ اندر توڙي عالمي سطح تي پڻ ڌيان ڇڪايو مختلف ادارن ۽ جاچ ٽيمون به جوڙيون ويون پر ان باوجود هن وقت تائين ڪو به حتمي نتيجو سامهون نه اچي سگهيو آهي هنن چيو ته اها انتهائي افسوسناڪ ڳالهه آهي ته هڪ معصوم ٻارڙي جي بازيابي لاءِ ايترو ڊگهو عرصو گذرڻ باوجود وارثن کي انصاف نه ملي سگهيو آهي مظاهرين حڪومت، انساني حقن جي تنظيمن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته پريا ڪماري جي ڪيس کي ترجيحي بنيادن تي ڏٺو وڃي، جاچ جو دائرو وڌايو وڃي ۽ سندس بازيابي لاءِ موثر ۽ سنجيده قدم کنيا وڃن. هنن چيو ته جيڪڏهن پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ فوري اپاءَ نه ورتا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو.

بقايا 4 "روزاني عبرت"

ڪي چينن تي سفر ڪرڻ کان روڪي نه سگهيو. گذريل 9 ۽ 10 محرم تي، سنڌ جي مختلف شهرن مان هزارين سوگوار ٽرينن جي ڇتين تي سفر ڪيو ۽ ماتمي جلوس ۾ شامل ٿيا. ياد رهي ته محرم الحرام جي ڏينهن ۾ ٽرينن ۾ رش جي دوران، مسافر پنهنجي جان خطري ۾ وجهي ٽرين جي ڇتين تي سواري ڪندا آهن، جنهن جي ڪري ڪنهن به وقت جاني نقصان ٿي سگهي ٿو ٻئي طرف، ٽرينن جي ڇتين تي سفر ڪرڻ بابت، ريلوي ڪاتي جي عملدارن چيو ته هدايتن جي باوجود، ريلوي جي ضابطہ اخلاق تي عمل نه ڪرڻ مسافرن لاءِ معمول بڻجي چڪو آهي. شهري ۽ سماجي حلقن ۾ ان حوالي سان ڳڻتي جي لهر ڇانيل آهي ۽ انهن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 5 "روزاني عبرت"

ڪاميٽي ڪنڊيارو سيد غلام مرتضي شاه پڻ واقعي واري هنڌ پهتا جڏهن ته پنج ڪلاڪن کان مسلسل ڳولا بعد لاش هٿ آيو نوجوان جو لاش تعلقا اسپتال آندو ويو ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو مچي ويو.

بقايا 6 "روزاني عبرت"

خطاب ڪندي ڪربلا جي ميدان ۾ حضرت امام حسين ۽ ان جي جانثار ساٿين طرفان ڏنل لازوال قرباني کي ڀيٽا پيش ڪئي انهيءَ موقعي عزادارين پاران سينه ڪوبي، نوحه خواني پڻ ڪئي وئي جڏهن ته انتظامي حوالي سان اوقاف ڪاتي پاران صفائي ۽ پيئڻ جي پاڻي جو انتظام صحيح نه هجڻ ڪري عزادارن کي سخت تڪليفون [illegible]ش آيون حفاظتي پڻ انپورا هٿا مين روڊن تي گشت نظر نه آيو.

بقايا 7 "روزاني عبرت"

سروٽن جو وسڪارو لاڳي ڏنو جنهن دوران احسان، شهباز شعبان مستوئي ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا جن کي موقعي تي موجود ماڻهن چڙائي ورتو جنهن بعد زخمين کي جيڪب آباد جي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمين کي طبي امداد ڏني وئي، جڏهن ته احسان مستوئي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري ڪيس لاڙڪاڻو منتقل ڪيو ويو ته هن رستي ۾ ئي زخمن جي ست نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن بعد وارث لاش سول اسپتال ڪٺائي آيا جتي ڊاڪٽرن پاران لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي لاش ايمبولينس ذريعي سندس گهر کڻائي ويا، لاش گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو جنهن بعد مقتول جي لاش کي مقامي قبرستان ۾ آڳين اڳين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو ان سلسلي ۾ مقتول جي وارثن صحافين کي ٻڌايو ته جوابدار دين محمد، اڪبر نديم ۽ گل مستوئي وارن حملو ڪري اسان جي نوجوان کي قتل ڪيو ۽ ٻين کي زخمي ڪيو آهي، پوليس جوابدار گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪري. هوڏانهن آخري اطلاعن تائين ان جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 8 "روزاني عبرت"

عزا کي علامه مولانا مصطفيٰ علي عرفاني خطاب ڪندي واقعي ڪربلا جي فلسفي، حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندن جانثارن جي عظيم قربانين تي روشني وڌي. هن چيو ته شهيدن ڪربلا حق، صداقت ۽ دين اسلام جي سربلندي لاءِ لازوال قربانيون ڏنيون. جلوس دوران امن امان برقرار رکڻ لاءِ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا، جڏهن ته پوليس ۽ رضاڪار پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا. جلوس پرامن نموني پنهنجي منزل تي پهچي اختتام پذير

ٿيو

بقايا 9 "روزاني عبرت"

سالا ڪرشن پٽ سجڻ ڀيل بيروزگاري کان تنگ ٿي اتپ جي باغ ۾ ميبنا طور ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو اطلاع تي سلطان آباد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي سول اسپتال ٽنڊوالهيار آندو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس موجب لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرايو آهي اسان کي معلوم ٿيو آهي ته نوجوان بيمار رهندو هو ۽ بيروزگاري جي ڪري علاج به نه پئي ڪرائي سگهيو جنهن تان تنگ ٿي هن خودڪشي ڪئي آهي اسان لاش وارثن حوالي ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون ته واقعو ڪيئن پيش آيو.

بقايا 10 "روزاني عبرت"

جي ٿاڻي جهانگرو جي حد ۾ گوٺ جهانگرو واسي ياسين ولد بينگن خاصخيلي نالي نوجوان ڪندي جي وڻ ۾ رسو ٻڌي آپگهات ڪري ڇڏيو واقعي جو اطلاع ملڻ تي مقامي پوليس پهچي لاش کي ڇڪرو تان ۾ وٺڻ بعد اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ان حوالي سان پوليس جو چوڻ آهي ته وارثن پاران ڏنل ابتدائي بيان موجب فوتي نوجوان جو دماغي توازن درست نه هو جنهن ڪري هن اهڙو قدم کنيو ٻئي پاسي ذريعن موجب، گوٺ ۾ ڦهليل افواهه آهن ته فوتي نوجوان گذريل ڏينهن اسلام ڪوٽ جي مال پڙي ۾ مال وڪرو ڪرڻ لاءِ ويو هو ۽ مال وڪرو نه ٿيڻ ڪري اتان واپسيءَ گوٺ ويو جتي ان ٻئي ڏينهن صبح جو خودڪشي جو واقعو پيش آيو خودڪشي جو اصل ڪارڻ ٻيا ٿي سگهن ٿا، نوجوان ذهني طور ٺيڪ هو هوڏانهن جهانگرو پوليس نوجوان جي آپگهات ڪرڻ جا اصل ڪارڻ معلوم نه ڪري سگهي آهي جڏهن ته علائقي ۾ فوتي نوجوان جي خودڪشي بعد سوڳ وارو ماحول ڇانئيل آهي.

بقايا 11 "روزاني عبرت"

ﷺ جن فرمايو ته امام عالي مقام سيدنا حسين رضي الله عنه جنت ۾ نوجوانن جا سردار هوندا جڏهن ته اڏاوت عمر وارن جي لاءِ سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنه ۽ سيدنا امير عمر رضي الله عنه جن سردار هوندا هن وڌيڪ چيو ته آقا ڪريم ﷺ جن فرمايو ته دنيا ۾ امام حسين ۽ امام حسن رضي الله عنهم منهنجا گل آهن جنت سينگار واري جاءِ آهي جنهن جا سينگار امام حسين ۽ امام حسن رضي الله عنهم جن آهن هن چيو ته امام حسن رضي الله عنه 15 پيرا حج ڪيو ۽ هر پيري پنڌ سفر ڪيو هڪ پيري حضور ڪريم ﷺ امام حسين ۽ امام حسن کي پنهنجي ڪلهن تي سوار ڪيو ته صحابه اڪرام چيو ته امامن جي سواري ڪمال جي آهي جنهن تي آقا ڪريم ﷺ فرمايو ته اهو به ڏسو ته سوار به ڪمال جا آهن ان کان اڳ مولانا عمر دراز اخترالقادري پڻ بيان ڪيو جڏهن ته حافظ ذبير احمد عطاري آقا ڪريم ﷺ جن جي شان ۾ نعت شريف جا نذرانہ پيش ڪيا اجتماع ۾ ڪيترن ئي شخصيتن شرڪت ڪئي ان دوران حافظ غلام حسين جانڊيو ، قاضي علي رضا عطاري ۽ محبوب علي سمون آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو جڏهن ته سمورن مهمانن لاءِ نياز جو اهتمام ڪيو ويو جنهن بعد ڪربلا جي شهيدن سميت قاضي جنيد رضا عطاري ۽ نرمل عطاريه جي ايصال ثواب لاءِ اجتماعي دعا گهري وئي.

بقايا 12 "روزاني عبرت"

وئي عاشوره تائين ضلعي انتظاميا ۽ ضلعي انتظاميا شهر جي مختلف علائقن ۾ صفائي جا مناسب انتظام ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي، جن ۾ امام بارگاهن ۽ ماتمي جلوسن جا رستا شامل آهن شهر جي نالن ۽ گندي پاڻي جي صفائي نه ٿيڻ سبب شهر ۾ گندو پاڻي جمع ٿيڻ معمول بڻجي ويو آهي ۽ شهر جي مختلف علائقن ۾ پڪو ڪرڻ جو ڪم به شروع نه ٿي سگهيو آهي. ضلعي آفيسر صرف شهر جي عالمن ۽ مذهبي اڳواڻن کي محرم دوران امن امان برقرار رکڻ بابت يقين ڏيارڻ ۾ مصروف نظر اچن ٿا. سکر شهر جي ماتمي تنظيمن جي ڪمانڊرن ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته شهر ۾ صفائي جا انتظام بهتر ڪيا وڃن، جنهن ۾ محرم دوران شهر مان گذرندڙ ماتمي جلوسن جا رستا به شامل آهن، ته جيئن ماتمي جلوسن کي ماتر ۾ ڪا به ڏکيائي نه ٿئي ۽ شهرين کي آمدورفت ۾ ڪا به ڏکيائي نه ٿئي.

بقايا 13 "روزاني عبرت"

سرگرم ۽ بهادر ساٿي هو جنهن هر ڏکئي وقت ۾ پارٽي سان گڏ بيهي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته ريڊئو جت جي شهادت تي نه رڳو سندس وارث پر سموري پارٽي ڏکويل آهي ۽ اسان سڀ پاڻ کي شهيد جا وارث سمجهون ٿا هن چيو ته ضلعي پوليس پاران ڪيس جي جاچ جاري آهي ۽ هو ضلعي توڙي سنڌ سطح تي لاڳاپيل اختيارين سان مسلسل رابطي ۾ آهن هن مطالبو ڪيو ته قتل ڪيس ۾ ٿيل اڳڀرائي بابت وارثن کي اعتماد ۾ ورتو وڃي ۽ واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي عاجز ڌامره وڌيڪ چيو ته شهيد ريڊئو جت جي قتل واري معاملي بابت پارٽي جي مرڪزي ۽ صوبائي قيادت مڪمل طور آگاهه آهي ۽ سموري پارٽي ان معاملي تي گڏيل موقف رکي ٿي هن يقين ڏيارو ته ڪنهن به صورت ۾ قاتلن کي بچڻ نه ڏنو ويندو ۽ ڪيس ضرور ڪيفر ڪردار تائين پهچايو ويندو ان موقعي تي پيپلز پارٽي ضلعي انفارميشن سيڪريٽري منظور پليجو نجيب سرويچ، آفتاب عالم سومرو عبدالله خان لغاري، عرفان سومرو، شبير سمون، عباس سومرو ۽ ٻين پارٽي عهديدارن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 14 "روزاني عبرت"

لک 72 هزار 442 رپيا 95 پئسا لڳايو ويو آهي، جڏهن ته مجموعي خرچن جو اندازو 46 ڪروڙ 86 لک 47 هزار 856 رپيا آهي، جنهن سبب 24 لک 24 هزار 586 رپيا 95 پئسا سرپلس بجيٽ رهڻ جي اميد ظاهر ڪئي وئي آهي جيئرمين مير ذوالفقار علي خان ٽالپر بجيٽ جا تفصيل ٻڌائيندي چيو ته آمدني جو سڀ کان وڏو ذريعو آڪٽراءِ ضلعي ڪائونسل گرانٽ هوندي، جنهن مان 42 ڪروڙ رپيا حاصل ٿيڻ جو امڪان آهي. ان کان علاوه دڪانن ۽ شاپنگ سينٽرن جي ڪرائي مان هڪ ڪروڙ رپيا، واٽر چارجز مان 51 لک رپيا، پراپرٽي ٽيڪس مان 55 لک رپيا، تقشي جي فيس مان 15 لک رپيا، دلالي فيس مان 55 لک رپيا، سالياتي فيس مان 10 لک رپيا، جزوي فيس مان 50 لک رپيا، اشتهاري فيس مان 25 لک رپيا، پارڪنگ فيس مان 20 لک رپيا، ٽرانسفر فيس مان 8 لک رپيا ۽ ٻين بلدياتي آمدن مان به آمدني حاصل ڪئي ويندي. بجيٽ ۾ خرچن لاءِ ملازمن جي پگهارن ۽ الائونسز جي مد ۾ 3 ڪروڙ 80 لک رپيا، پينشن لاءِ هڪ ڪروڙ 40 لک رپيا، بجلي جي بلن لاءِ هڪ ڪروڙ 40 لک رپيا، صفائي سٿرائي ۽ سينيٽري خدمتن لاءِ 74 لک رپيا، مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ 70 لک رپيا، پيٽرول ۽ ڊيزل لاءِ 60 لک رپيا، اسٽريٽ لائيٽن جي سار سنڀال لاءِ 45 لک رپيا ۽ مشينري ۽ گاڏين جي مرمت لاءِ به 45 لک رپيا رکيا ويا آهن جڏهن ته دفتري، انتظامي، قانوني ۽ ٻين بلدياتي معاملن لاءِ پڻ مختلف رقمون مختص ڪيون ويون آهن ان موقعي تي جيئرمين مير ذوالفقار علي خان ٽالپر چيو ته هي بجيٽ

ڏکويل جي تاريخ جو سڀ کان وڏو بجيٽ آهي، جنهن جو مقصد شهرين کي بهتر بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ، صفائي سٿرائي جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ، بنيادي شهري مسئلن جو حل آڻڻ ۽ ترقياتي منصوبن کي تيزي سان مڪمل ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته مالي نظم ۽ ضبط کي برقرار رکندي عوامي خدمت جي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا.

بقايا 15 "روزاني عبرت"

ڪوشش ڪرڻ باوجود بچائي نه سگهيا ۽ لاش جي ڳولا ڪرڻ بعد لاش پاڻي مان ڪڍي رورل هيلٿ سينٽر محرابپور منتقل ڪري ڇڏيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته نوجوان جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ سندس امڙ کي مسلسل بيهوشي جا دورا پئجي ويا جڏهن ته واقعي سبب علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي.

بقايا 16 "روزاني عبرت"

محمد محمد اشرف مصطفيٰ ولي محمد امين محمد عاطف کان موبائيل فونون هزارين رپيه روڪ هڪ وڻ نو فائيو موٽرسائيڪل ۽ هڪ سي ڊي 70 موٽرسائيڪل سميت ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا جڏهن ته ڦرجي ويلن چوهڙجمالي پهچي سخت احتجاج ڪندي چيو ته ڦورن هلندڙ موٽرسائيڪل تي لئيون هڻي فائرنگ ڪري روڪيو ۽ اسان کي گارگند ڪئي 2 موٽر سائيڪلن سميت سڀ ڪجهه ڦري پچاڙي گهران آندل مائي پڻ ڪسي ويا ٻئي طرف چوهڙ جمالي شهر ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن ۾ پڻ ڌوهن جي وارداتن ۾ خطرناڪ حد تائين اضافو ٿي ويو آهي. ڦر چوري ۽ رهزني جي واقعن سبب واپاري، شهري ۽ مسافر ٻئي عذاب ۾ مبتلا آهن واپارين ۽ شهرين جو چوڻ آهي ته هڪ طرف روڊن تي رهزني سبب خوف پکڙيل آهي ته ٻئي طرف شهر اندر چورين ۽ ڦرن جي وڌندڙ واقعن ڪاروباري سرگرمين به متاثر ڪيو آهي جڏهن ته حد جي پوليس ڌوهارين خلاف مؤثر ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي. انهن لڳي رهيو آهي ته حد جي پوليس سندن حد ڦورن کي ٺيڪي تي حوالي ڪري ڇڏي آهي هوڏانهن شهرين، واپارين ۽ سماجي تنظيمن سنڌ حڪومت، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سجاول کان مطالبو ڪيو آهي ته چوهڙجمالي ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ وڌندڙ بدامني جو فوري نوٽيس وٺي ڌوهارين خلاف سخت آپريشن ڪيو وڃي، گشت وڌايو وڃي ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 17 "روزاني عبرت"

ڪيو ويو جنهن کي علامه علي حسنين علوي خطاب ڪيو وڏي انگ ۾ مومنن پاران مجلسن عزائن ۾ شرڪت ڪئي وئي عالمن پاران مجلسن جي موقعي تي حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين جي عظيم قربانين جو ذڪر بيان ڪيو ويو پوليس ۽ اسڪائوٽ طرفان سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا ٻي پاسي درگاه حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي تي محرم الحرام جي سلسلي ۾ ڪربلا جي 72 شهيدن جي ياد تازه ڪندي گنج شهداء سجائي 72 ڏيئا ٻاريا ويا سيج، تعزيا، الم پاڪ ،جهولا ٻه درگاه حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي تي زيارت لاءِ سجايا ويا جيڪي مرد ۽ عورت مومن جي نگاهن ۽ زيارت جو مرڪز بڻيل آهن ۽ عزاداري جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته سيڪيورٽي فورسز پاران انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا آهن

بقايا 18 "روزاني عبرت"

وفادار ساٿين ظلم، جبر ۽ باطل قوتن آڏو سر نه جهڪايو ۽ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪري امت مسلمه کي حق، صبر استقامت ۽ قرباني جو درس ڏنو هن وڌيڪ چيو ته شهداءِ ڪربلا جي بي مثال قربانين جي بدولت اڄ مسلمانن جو سر فخر سان بلند آهي ۽ اسلام جو روشن پيغام دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهتو آهي. حضرت امام حسينؑ جي قرباني هر دور جي انسانيت لاءِ مشعل راهه آهي، جيڪا اسان کي ظلم خلاف آواز بلند ڪرڻ، انصاف جو ساٿ ڏيڻ ۽ حق تي ثابت قدم رهڻ جو سبق ڏئي ٿي. غلام شبير پنهور وڌيڪ چيو ته محرم الحرام جو مقدس مهينو اسان کي اتحاد، اخوت، محبت ۽ انسانيت جي خدمت جو پيغام ڏئي ٿو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسين حضرت امام حسينؑ جي تعليمات ۽ سندن عظيم قرباني جي فلسفي تي عمل ڪندي معاشري ۾ امن، ڀائيچاري ۽ انصاف کي فروغ ڏيون. هن آخر ۾ دعا ڪئي ته الله تعاليٰ اسان سڀني کي شهداءِ ڪربلا جي نقش قدم تي هلڻ ۽ اسلامي تعليمات تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا 19 "روزاني عبرت"

۾ ماتمي جلوس بر آمد ڪيو ويو ان سلسلي ۾ شهر جي مين حيدر چوڪ تي هڪ وڏو ماتمي جلوس پهتو جتي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي، ان موقعي تي مجلس عزا کي سيد توقير رضا شاه، مولانا ظهير عباس قمي، مولوي ظهور روحاني، قمر عباس نجفي، عرفات علي عرفاني ۽ ٻين خطاب ڪيس جڏهن ته شهر جي مختلف داخلا ۽ هنڌن تي سبيل نگر نياز جا ڪئمپ لڳايا ويا ۽ شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو ماتمي اجتماع کي خطاب ڪندي مقرين ذاڪرن چيو ته ڪربلا جي شهيدن جي قرباني اسلام جي شان جي اعليٰ ترين مثال آهي ۽ ڪربلا جي شهيدن اسلام کي زنده ڪرڻ لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون. ان موقعي تي مومنن ڪربلا جي شهيدن جي عظيم قرباني کي خراج تحسين پيش ڪيو اهل بيت (ع) جي فضيلت ۽ مصيبتن کي بيان ڪيو ويو محرم الحرام جي حوالي سان سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن ۽ اضافي اهلڪار طلب ڪيا ويا آهن. انهي سان گڏ ايمبولينس ذريعي فوري طبي امداد فراهم ڪئي وئي آهي اجتماع کان پوءِ عزادارن تاريخي زنجيرن، چاقن، گرزن، تلوارن سان سينازني ڪئي، بعد ۾ ماتمي جلوس شهر جي مختلف رستن کان ٿيندو مرحوم غلام اڪبر خان جوڻيجو جي حسن المجتبي امام بارگاهه پهتو جتي هڪ وڏو اجتماع منعقد ٿيو جنهن کان بعد ڊاڪٽر امجد علي شاهه پاران مجلس عزا منعقد ڪئي جنهن علامه خطاب ڪيس بعد ۾ ماتمي جلوس مقرر ڪيل رستن کان ٿيندي رات دير سان مرڪزي الحل[illegible]ني امام بارگاهه ڏانهن واپس آيو.

بقايا 20 "روزاني عبرت"

ڪري تعلقو نارو گهڻي ياڳي ڀيلن کان محروم ٿي چڪو آهي، جنهن جو سڌو اثر موسمي شدت، گرميءَ جي خطرناڪ لهرن، بيمارين، مال مويشي جي موت ۽ خوراڪ جي کوٽ جي صورت ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي، هن وقت سنڌ جي ڪيترن علائقن ۾ گرمي پد 50 کان 51 درجا سينٽي گريڊ تائين پهچي چڪو آهي، خاص طور ڳوٺاڻن علائقن ۾ جتي نه بجليءَ جون سهولتون آهن نه ئي مناسب وسيلا اتي غريب ماڻهو شديد گرميءَ جو سڀ کان وڌو شڪار بڻجي رهيا آهن. سنڌ ۾ ٻيلي تباهيءَ جا سبب رڳو غيرقانوني ڪاٽ ڪٽائي تائين محدود ناهن، پر ان جي پويان تاريخي، انتظامي ۽ سياسي عنصر به شامل آهن، مبينا ملي ڀڳت ۽ رشوت عيوض ڪاٺ سان ڀريل ٽرڪون آساني سان گذرنديون رهن ٿيون، جڏهن ته غربت سبب ڪيترائي غريب ماڻهو وڻ ڪاٽڻ تي مجبور بڻجن ٿا، ماهرن جو چوڻ آهي ته،

ٻيلا رڳو وڻ نه، پر اهي مڪمل ماحولياتي نظام جو اهم حصو آهن. وڻ گرمي گهٽائين ٿا، هوا کي صاف ڪن ٿا، مينهن جي نظام جو بهتر بڻائيندا آهن ۽ ڌرتيءَ کي جيئڻ لائق بڻائين ٿا. جڏهن ٻيلا ختم ٿيندا ٿا ته موسم سخت ٿي وڃي ٿي، گرميءَ جون لهرون وڌيڪ خطرناڪ بڻجن ٿيون ۽ انساني زندگي متاثر ٿئي ٿي. ان سموري صورتحال جو هڪ وڏو سبب وڻن ۽ ٻيلن جي بي رحمانه ڪٽائي آهي، جيڪڏهن وڻ نه ڪٽيا وڃن ها، ۽ ٻيلا محفوظ هجن ها، ته موسم ايتري سخت نه ٿئي ها ۽ ماحول ۾ ٿڌڪار برقرار رهي ها، هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته صرف ڳالهين يا رسمي مهمن تائين محدود نه رهجي، پر عملي طور تي وڻ لڳائڻ، انهن جي حفاظت ڪرڻ ۽ ٻيلن جي ڪٽائي خلاف مزاحمت ڪرڻ لاءِ سماجي تحريڪ هلائي وڃي، هر شهري هر گوٺ ۽ هر پاڙي ۾ وڻ پوکڻ ۽ انهن کي بچائڻ کي پنهنجي ذميواري سمجهڻ گهرجي، چو ته وڻ ئي زندگي آهن، وڻ ئي ٿڌڪار آهن، ۽ وڻ ئي مستقبل جي بقا جو اهم وسيلو آهن. نارا جي سماجي رهنما حاجي خان پنهور،وحيد جانڊيو،پيرانو سائل پنهور ۽ ٻين ڊپٽي ڪمشنر خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته نارا ۾ غير قانوني وڻن جي ڪٽائي بند ڪئي وڃي ۽ جيڪي ماڻهو وڻن جي ڪٽائي ۾ ملوث آهن انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جڏهن ته فاريسٽ جا عملدار پڻ وڻن جي ڪٽائي ۾ ملوث آهن تن خلاف به وڏي پيمانی تي ايڪشن کنيو وڃي.

بقايا 21 "روزاني عبرت"

جلوس برآمد ٿيڻ سان گڏ 181 مجلسون برپا ڪيون وينديون جن جي سيڪيورٽي لاءِ 3 هزار کان وڌيڪ پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي، صحت کاتي طرفان ضلعي ۾ صحت جي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ضلعي ۾ هيلٿ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ ڪربلا جي ميدان ۾ پنهنجي باوفا ساٿين سان گڏجي لازوال قرباني ڏيندڙ نواسہ رسول حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس باوفا ساٿين کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پوري ملڪ جيان لاڙڪاڻي ۾ به يوم عاشوره جو ڏهاڙو اڄ انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي، يوم عاشوره جي موقعي تي لاڙڪاڻي ضلعي مان 179 ماتمي جلوس برآمد ٿيڻ سان گڏ 181 مجلسون برپا ڪيون وينديون جن جي سيڪيورٽي لاءِ 3300 پوليس آفيسر مرد ۽ عورت اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي گڏوگڏ رينجرز جا جوان پڻ پنهنجا فرائض سرانجام ڏيندا. لاڙڪاڻو پوليس طرفان برآمد ٿيندڙ ماتمي جلوسن جي سيڪيورٽي انتهائي سخت ڪندي جلوسن جي روٽن تي ڪنڊيدار تارون لڳائڻ سان گڏ گذرگاهن جي مختلف هنڌن تي سي سي ٽي وي ڪئمرائون لڳايون ويون آهن ماتمي جلوسن ۽ مجلسن ۾ شرڪت ڪندڙن ماڻهن جي بدن تلاشي وٺڻ سان گڏ ڪين واڪ ٿرو گيٽن کان گذاري ڪين داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني پئي وڃي. ٻئي پاسي يوم عاشوره جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ نياز امام حسين عليه السلام ورهائڻ سان گڏوگڏ ٿڌي پاڻي جون سبيلون لڳايون ويون آهن جنهن ۾ وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪري ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪري رهيا آهن.

بقايا 22 "روزاني عبرت"

ڪجهه عرصي کان عليل هئي، سکر جي هڪ خانگي اسپتال ۾ وفات ڪري وئي مرحوم جو مڙهه خانپورمهر آندو ويو جتي مهر پيٽرول پمپ وٽ سندس جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ صحافين، وڪيلن، سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتن سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن بعد مرحوم کي سندس ابائي قبرستان ۾ سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو ان موقعي تي مختلف حلقن پاران عبدالقادر سومرو ۽ عبدالحميد سومرو سان تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت ۽ بلند درجات لاءِ دعا پڻ ڪئي وئي..

بقايا 23 "روزاني عبرت"

واسي سس مسمات مديحه، ساهوري ياسين وڳڻ کي گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو واقعي کان پوءِ اطلاع ملڻ تي حد جي پوليس پهچي جوابدار اسرار هجوائي جي هٿيار سميت گرفتار ڪري ٻن عورتن سميت ٽنهي جڻن جي لاشن کي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران ٽنهي جڻن جي لاشن جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيا جيڪي ايمبولينس ذريعي لاش ديرا مراد جمالي کان جيڪب آباد ضلع ڪائونسل هال ڪالوني ڪٺائي پهتا، لاش گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو ٻن مقتولن جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد وارثن پاران جوابدارن جي گرفتاري لاءِ جيڪب آباد ۾ شهيد الله بخش سومرو پارڪ پرسان قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي مقتولن جي وارثن ڏانهينديءَ چيو ته جوابدار اسرار هجوائي ۽ سندس ساٿين مسمات ڪوئج ۽ ان جي والدين کي بيدردي سان گوليون هڻي قتل ڪيو آهي جيڪو انتهائي ڏکوئيندڙ واقعو آهي، هنن چيو ته بلوچستان حڪومت ۽ ايس ايس پي ديرا مراد جمالي اهڙي واقعي جو نوٽيس وٺي سڀني جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪري. جنهن بعد مظاهرين ڌرڻو ختم ڪري ٽنهي جڻن جا لاش ڪٺي دفنائڻ لاءِ روانا ٿي ويا.

بقايا 24 "روزاني عبرت"

چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ محلي واسي وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا، مظاهرين سيپڪو عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪندا رهيا. ان موقعي تي هنن ڏانهينديءَ چيو ته اپڊا عملدار جمس اسپتال واري پاڙي مان ٽرانسفارمر لاهي کڻي ويا آهن جنهن ڪري سخت گرمي اسان جا ٻار گهرن اندر ڏڪي رهيا آهن، اپڊا جا اعلي عملدار ۽ چونڊيل نمائنده نوٽيس وٺي ٽرانسفارمر واپس ڪرائي ڏين، ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو.

بقايا 25 "روزاني عبرت"

رهائشگاهه ٽالپر هائوس تي ميگهواڙ برادري جي وفد سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران پراڻي زميني تڪرار بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ صلاح مشوري ڪانپوءِ معاملي جي حل لاءِ قدم کنيا ويا.ان موقعي تي صوبائي وزير متاثر خاندان کي ساڳئي پلاٽ تي ٻيهر گهر تعمير ڪرائڻ جي اجازت ڏيڻ سان گڏ مالي سهائتا جو پڻ اعلان ڪيو هن چيو ته عوامي مسئلن جو منصفاڻو ۽ پرامن حل اسانجي ذميواري آهي.ميگهواڙ برادري جي نمائندن فيصلي تي خوشي جو اظهار ڪندي صوبائي وزير جا ٿورا مڃيا ۽ چيو ته هن قدم سان برادري ۾ اطمينان ۽ اعتماد پيدا ٿيو آهي.مقامي عوامي حلقن پڻ هن اڳڀرائي کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته ان سان علائقي ۾ ڀائيچاري ۽ هم آهنگي کي هٿي ملندي. جڏهن ته فيصلي ڪانپوءِ متاثر خاندان ۽شرڪت ڪندڙن پنهنجن جذبن جو اظهار ڪندي خوشي جو اظهار ڪيو ۽ خوشي ۾ جئي پٽو ۽ ميرطارق زنده باد جا نعرا پڻ هنيا.

بقايا 26 "روزاني عبرت"

لکين روپين جو نقصان ٿيو آهي واقعي کان پوءِ متاثر زميندار فيضان قريشي ۽ ڳوٺاڻن سيپڪو خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي انهن چيو ته اسان ڪيترائي پيرا بجلي جي لٽڪيل ۽ خطرناڪ هاءِ وولٽيج تارن جي هٽائڻ جون شڪايتون ڪيون

سين حيسڪو عملدارن کي پر اسائجي ڪنهن به نه ٻڌي ۽ هر وقت انساني جانين ۽ مال کي خطرو هوندو هو هنن چيو ته حيسڪو عملدارن جي مبينا غفلت ۽ نااهلي سبب اسائجون قيمتي ٽي مينهون ڪرنٽ لڳڻ سان مري ويون آهن اسائجي ٽن مري ويل مينهن جي ماليت لکين روپيا آهي اسائجو گذر سفر ڪير تي هوندو آهي ، جنهن سبب سخت معاشي نقصان پهتو آهي اسان متاثر ڳوٺاڻا انتظاميا ۽ حيسڪو اختيارين کان مطالبو ٿا ڪيون ته واقعي جي جاچ ڪرائي ملوث ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪري ۽ اسائجي مري ويل مينهن جو معاوضو ادا ڪيو وڃي.

بقايا 27 "روزاني عبرت"

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وفاقي ڌرين وچ ۾ ٿيل ملاقات ۾ اهو طئي ڪيو ويو آهي ته سنڌ جي مالي وسيلن جو هڪ حصو ٽن سالن لاءِ وفاق حوالي ڪيو ويندو سيد زين شاه چيو ته ان فيصلي کان پوءِ سنڌ جا سرڪاري ادارا مالي بحران جو شڪار ٿي ويندا ۽ صوبي ۾ تباهي جهڙي صورتحال پيدا ٿيندي. هن وڌيڪ چيو ته مصنوعي طور ڏڪار جهڙا حال پيدا ڪري پوءِ سنڌ جو انتظام وفاق حوالي ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي پئي وڃي هن سنڌ جي وسيلن کي گلگت، بلوچستان ۽ ٻين علائقن ۾ ترقياتي ڪمن لاءِ استعمال ڪرڻ تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته سنڌ جي وسيلن جو سودو صرف اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي، جيڪو افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو عمل آهي پريس ڪانفرنس دوران سيد زين شاه الزام لڳايو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم وچ ۾ گٺ جوڙ موجود آهي ۽ گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان سنڌين ۽ مهاجرن وچ ۾ اختلاف پيدا ڪري عوام جو ڌيان سنڌ جي حقيقي مسئلن کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي رهي آهي هن درياءِ جناب تي تعمير ٿيندڙ ٿئين ڊيم بابت به خدشن جو اظهار ڪندي چيو ته عوام کي اصل حقيقتن کان آگاهه نه ڪيو پيو وڃي. سندس چوڻ هو ته آئيني جي پڄڪڙي ڪندي زراعت دشمن فيصلا ڪيا پيا وڃن ۽ نهرن واري منصوبي کي ٻيهر شروع ڪرڻ جون تياريون جاري آهن سيد زين شاه سنڌ اسيمبلي ۽ پيپلز پارٽي جي ميمبرن جي ڪردار تي به تنقيد ڪندي چيو ته موجوده پاليسيون سنڌ کي نقصان پهچائي رهيون آهن. هن آخر ۾ چيو ته سندن جدوجهد جو مقصد سنڌ جي ماڻهن کي خودداري باختيار ۽ پنهنجي حقن بابت باشعور بڻائڻ آهي.

بقايا 28 "روزاني عبرت"

جهولن ۽ دلدلن جا سوين ماتمي پڻ برآمد ٿيندا. قدم گاهه مولا علي عہ تان مرڪزي ماتمي جلوس انجمن حيدري جي زير اهتمام برآمد ٿيندو جيڪو شام جو ڪربلا دادن شاه تي پهچي اختتام پذير ٿيندو جڏهن ته ٻيو مرڪزي ماتمي جلوس مرڪزي امام بارگاهه گل شاه رضويہ گاڏي ڪاتو مان انجمن رضويہ جي زير اهتمام برآمد ٿيندو هنن ٻنهي مرڪزي ماتمي جلوسن ۾ سجو ڏينهن زنجير زني، ماتمداري ۽ نوحه خوانيءَ جو سلسلو جاري رهندو ان ڪانسواءِ الهداد جنڊ گوٺ مان ڪريم بخش ميرجٽ جو پڙ سائين ڏنو ميرجٽ جو پڙ درگاهه اشرف علي شاه پڪي قلعي تان ايليڪٽ جو پڙ علي گوهر جانڊيو جي زير اهتمام، ٽنڊو مير محمود- ٽنڊو آغامان جهولي پاڪ وارو پڙ انجمن سفينہ حسيني جي زير اهتمام، اسٽيشن روڊ تان مرحوم يعقوب ڪاسائيءَ جو پڙ شهنشاه حسين پناه ۽ گلفام پناه جي زير اهتمام، درگاهه چٽن شاه بخاري تان امير شاه بخاري جو پڙ سيد بهادر شاه ۽ سيد محمود شاه بخاري جي زير اهتمام، ڪاهي روڊ تان نهال شاه جو پڙ سيد گل شير شاه جي زير اهتمام، خير شاه جو پڙ سيد مزمل عرف جاني شاه جي زير اهتمام، ولايت علي شاه جو پڙ سيد فرمان علي شاه ۽ ديدار علي شاه جي زير اهتمام، ٽنڊو ولي محمد مان ٻڌين جو پڙ نواز علي ٻڌي جي زير اهتمام، ريشم ڳليءَ مان پرور شاه جو پڙ غلام اصغر ڪيريو جي زير اهتمام، صرافہ بازار مان جسن شاه جو پڙ سيد خادم حسين شاه جي زير اهتمام، قليلي پار ڪان ڪچين جو پڙ محمد اسلم سمون وٽان ڪچين جو پڙ محمد فرخ ڪوڪر جي زير اهتمام، ٽنڊو ٺوڙهو مان مرزا عابد حسين جو پڙ ڊاڪٽر ڪاظم رضا مرزا جي زير اهتمام، لجيت روڊ تان امام علي شاه جو پڙ اسد علي شاه جي زير اهتمام، امام بارگاهه زينبيہ بلديہ ڪالوني حر ڪئمپ مان ماتمي جلوس، ڳوٺ محمد خان ٻاگرائي ديهه شاه بخاري لڳ جامشورو مان انجمن نگاه حُسين عہ جو مرڪزي قافلو امام بارگاهه جاگير علي اڪبر عہ ٽنڊو غفور شاه جهانيان' قاسم آباد مان يوم عاشور وارو پڙ حسين آباد مان قنبر علي شاه جو پڙ ڪامران شاه جي زير اهتمام، زوار نواب وارو پڙ نثار علي بالادي جي زير اهتمام، حبيب شاه جو پڙ علي رضا سولنگي جي زير اهتمام، ٽنڊو مير نور محمد لطيف آباد نمبر 4 مان ميرن جو تعزيي وارو پڙ مير احسان علي جي زير اهتمام، ٽنڊو مير غلام حسين لطيف آباد نمبر 9 مان پيرن جو پڙ پير ڪاظم شاه جي زير اهتمام، سيدن جو پڙ برڪت علي شاه جي زير اهتمام، سيد ولي محمد شاهءُ المعروف گلزار علي شاه جو پڙ ابرار علي شاه جي زير اهتمام ۽ پيرل شاه جو پڙ سندس ٽي زير اهتمام برآمد ٿيندا. جيڪي مقرر پڙن تان ٿيندا بعد نماز مغربين ساڳين پڙن تي پهچندا، جتي شام غريبان جون مجلسون برپا ڪيون وينديون.

بقايا 29 "روزاني عبرت"

2026ع لاءِ او زيڊ ٽي فنڊ فراهم ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي، جيئن ترقياتي ڪمن کي هٿي ملي ۽ شهرين کي بنيادي سهولتن جي فراهمي بهتر بڻائي وڃي. سرڪاري دستاويزن موجب ضلعي ميرپورخاص ۽ ٻرياسي جي مختلف ٽائون ڪاميٽين لاءِ پڻ فنڊ جاري ڪيا ويا آهن، جن ۾ ٽائون ڪاميٽي ٽنڊو جان محمد لاءِ 19.575 ملين رپيا، جهڏو لاءِ 26.497 ملين رپيا، نوڪوٽ لاءِ 17.853 ملين رپيا، ڪوٽ غلام محمد لاءِ 22.884 ملين رپيا، ڏگهڙي لاءِ 25.200 ملين رپيا ۽ ميرواهه گورچاڻي لاءِ 10.076 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن علائقائي واسين اميد ظاهر ڪئي آهي ته اهي فنڊ شفاف نموني استعمال ڪري روڊن جي بهتري، صفائي، نيڪال جي نظام، اسٽريٽ لائيٽن ۽ ٻين شهري سهولتن کي وڌيڪ مؤثر بڻايو ويندو.

بقايا 30 "روزاني عبرت"

ٽينگر فوت ٿي ويو فوتي ٽينگر جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو ٽينگر جو لاش گهر پهچڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هوڏانهن ٽينگر جي وارثن جو چوڻ آهي ته ٽينگر کي بروقت اسپتال پهچايو مگر ڊاڪٽرن لاپرواهي ڪندي دير سان ٽينگر جو علاج شروع ڪيو ۽ ٽيسٽون به نه ڪيون جنهن سبب ٽينگر ڊاڪٽرن جي بروقت علاج نه ڪرڻ سبب فوت ٿي ويو.

بقايا 31 "روزاني عبرت"

جي ڏينهن قبرستان ۾ ناريجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي تان جهڳڙو ٿي پيو جهيڙي دوران لٺيون ۽ سريا لڳڻ سبب ڳوٺ پير محمد ناريجو جو رهواسي علي داد ناريجو ٿڌي تي قتل ٿي ويو جڏهن ته امداد علي ناريجو سخت زخمي ٿي پيو اطلاع تي حد جي پوليس ٽنڊو مستي واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس موجب جهڳو قبرستان ۾ قبرن جي صفائي ڪرڻ [illegible]

تان ٿيو آهي وڌيڪ معملي جي جاچ ڪيون پيا ۽ ڪجهه ماڻهون گرفتار ڪيا آهن.

بقايا 32 "روزاني عبرت"

،ماتمي جلوسن جي نگراني ،سي سي ٽي وي ڪيمرائون جي ذريعي مانيٽرنگ ڪئي ويندي اهڙن خيالن جو اظهار بريفنگ وٺڻ بعد صحافين سان ڳالهائيندي چيو بريفنگ بعد اسپتال ۽ مختلف امام بارگاهن جو معائنو هوڏانهن شڪارپور، محرم الحرام جي انتظامن بابت ڊي سي آفيس ۾ اهم اجلاس شڪارپور ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو جي صدارت هيٺ ڊي سي آفيس ۾ محرم الحرام جي انتظامن بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ پ پ ايم پي اي امتياز احمد شيخ، ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم ملڪ، اي ڊي سي فيضان چيمہ، اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر عارفہ بتول راءِ، ڊي ايڇ او، ايم ايس سول اسپتال، وائيس ايڪسين ظهور ٽوناري، وائيس چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي وسيم صديقي ۽ مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.اجلاس دوران محرم الحرام جي سيڪيورٽي، صفائي سٿرائي، صحت ۽ ٻين انتظامي معاملن جو جائزو ورتو ويو.ان موقعي تي بريفنگ ڏيندي ڊپٽي ڪمشنر شڪيل احمد ابڙو چيو ته محرم الحرام جي حوالي سان سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن. هن چيو ته پوليس، هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۽ ريسڪيو ادارن جا اهلڪار هاءِ الرٽ آهن ته جيئن عزادارن کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪري سگهجي.ڊي سي موجب شهر جي امام بارگاهن ۽ اهم چوڪن چوراهن تي سي سي ٽي وي ڪيمرائون نصب ڪيون ويون آهن، جڏهن ته سيڪيورٽي ۽ ايمرجنسي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي به چوڪس رکيو ويو آهي.اجلاس ۾ محرم دوران امن امان برقرار رکڻ ۽ عزادارن کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي تي به اتفاق ڪيو ويو.

بقايا 33 "روزاني عبرت"

يعقوب چاچڙ کي زخمي ڪري ڇڏيو زخمي نوجوان کي فوري طور علاج لاءِ پنوعاقل جي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڪيس طبي امداد فراهم ڪئي وئي. زخمي يعقوب چاچڙ جي پياءُ حاجي ذڪريا چاچڙ ٻڌايو ته جوابدارن راجا، لشڪر قمرالدين، عمران، اشا ۽ جلال چاچڙ بنا جواز حملو ڪري سندس پياءُ کي سخت زخمي ڪيو آهي. هن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري متاثر ڌر کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 34 "روزاني عبرت"

وڏيٿوڙو ڊي لطيف ڏنو ٽوناري گهرو اٿبٽ تان مبينه زهريلي دوا پيءُ ڇڏي جنهن کي فوري طور تي محرابپور اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان ڪيس ڳڻتي جوڳي حالت ۾ گمس اسپتال گمبٽ ٺيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته واقعي سبب علائقي ۾ سوڳ واري لهر ڇانئجي وئي ٻئي پاسي فوتي ناري ڦهيده ٽوناري پاران ساهرن پاران مبينه هراسان ڪرڻ تي زندگي جو انت آڻڻ جو ڪارڻ جڙيل گردش ڪري رهيا آهن آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو ڪيس داخل نه ٿيو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي.

بقايا 35 "روزاني عبرت"

امام حسين عليه السلام جي ڏنل قربانين تي روشني وڌي مجلس عزا کان بعد ضرب جو ماتم ڪيو . زنجيرن . گرزن ۽ تلوارن جو ماتم ڪيو ويو ضرب م ڪترائي عزادار زخمي ٿا جن کي صحت [illegible]

بقايا 37 "روزاني عبرت"

سروڻ ڪمار مهيشوري، سيٺ چمن مهيشوري، ڊاڪٽر چمن لال چوڌري، لو ڪمار مهيشوري، پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ حاجي ڪانبهو خان چانڊيو پاڪستان پيپلزپارٽي يو سي ساماروروڊ جي جنرل سيڪريٽري فدا حسين چانڊيو عمرحيات گونڊل، سيٺ جيوراج مالهي، سيٺ واسديو مهيشوري، سيٺ ڪجورو مهيشوري، سيٺ نند لال مهيشوري، سيٺ منهوج مهيشوري، سيٺ لو ڪمار مهيشوري، جلال الدين عمراڻي، سيٺ رتن ڪمار مالهي سميت ٻين معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. احتجاج ڪندڙن صدر پاڪستان، وزيراعظم پاڪستان، وڏي وزير سنڌ، چونڊيل نمائندن ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان پُرزور مطالبو ڪيو ته مغوي هريش ڪمار مهيشوري کي فوري طور بازياب ڪرائي سنڌ ۾ رهندڙ واپارين ۽ مهيشوري برادري ۾ پکڙيل بيچيني ۽ خوف ختم ڪيو وڃي. مقررن چيو ته سنڌ امن، ڀائيچاري ۽ رواداري جي ڌرتي آهي، تنهن ڪري اهڙن افسوسناڪ واقعن جو ترت نوٽيس وٺي متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 38 "روزاني عبرت"

عزادارن روزو افطار ڪيو ان موقعي تي مومنن پاران چاقن ۽ زنجيرن سان سينہ زني ۽ ماتمداري ڪئي وئي. بعد ۾ قافلو مقرر رستن تان گذرندو مرڪزي امام بارگاهه حيدري ڏانهن روانو ٿيو جتي ان جو اختتام ٿيندو مرڪزي ماتمي جلوس رات 11 وڳي مقرر رستن تان برآمد ٿي مرڪزي امام بارگاهه حيدري تي اختتام پذير ٿيندو عزادارن جي حفاظت لاءِ پوليس پاران سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا هئا، جڏهن ته هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ طبي ايمبولينس پڻ سان موجود هئي. سيڪيورٽي سبب شهر ۾ موبائل فون سروس جا سگنل عارضي طور بند رکيا ويا هئا.

بقايا 39 "روزاني عبرت"

پٽ واري قبرستان جي مالڪي تان ڳڏائي ۽ ملڪ برادري وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ برادري جا 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو. تفصيل موجب ڳوٺ گل حسن ملڪ جا رهواسي 9 محرم الحرام جي موقعي تي پنهنجي وڏڙن جي قبرن تي فاتحہ خواني ۽ دعائن لاءِ ڳاڙهي پٽ قبرستان پهتا، جتي سندن ڳڏائي برادري جي ماڻهن سان تڪرار ٿي پيو، جيڪو بعد ۾ جهيڙي جي صورت اختيار ڪري ويو. واقعي خلاف ملڪ برادري جي ماڻهن پريس ڪلب خانپورمهر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو احتجاج جي اڳواڻي تصير احمد ملڪ، عبدالجبار ملڪ، ڪوڙو ملڪ، ڪيڙ ملڪ ۽ ٻين ڪئي. مظاهرين چيو ته هو پنهنجي وڏڙن جي قبرن تي دعائن لاءِ آيا هئا ته ڳڏائي برادري جي ماڻهن ساڻن جهيڙو ڪيو ۽ چيو ته قبرستان سندن ملڪيت آهي. هنن الزام هنيو ته جوابدارن سندن ڄڻن ماڻهن کي تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪيو. مظاهرين مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي...

بقايا 40 "روزاني عبرت"

علائقي ۾ نامعلوم ڦورن ٻن نوجوانن ماجد نوتيو ۽ ماجد جلباڻي کي مبينا طور هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي روڪ رقم ۽ موبائيل فونون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، اهڙي واقعي جو اطلاع حد جي ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو ويو جنهن تي پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ان حوالي سان متاثر نوجوانن جو چوڻ آهي ته نامعلوم چورن هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي هزارين روپيه روڪ رقم ۽ ٻه موبائيل فونون ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن. [illegible]

بقايا 41 "روزاني عبرت"

[illegible]

الڳ الڳ ڪنٽرول روم قائم ڪيا ويا آهن.

بقايا 42 "روزاني عبرت"

ذوالجناح علم پاڪ ۽ سيجون شامل آهن عزادارن پاران ڪربلا جي شهيد کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ٻي طرف مرڪزي انجمن الحسيني پاران مير جي پڙ تي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي جنهن کي علامہ شفقت عباس قمي خطاب ڪيو ۽ ڪربلا جي شهيدن جي اسلام لاءِ ڏنل قربانين تي روشني وڌي ٻي طرف ٽنڊومحمدخان ضلعي ۾ محرم الحرام دوران سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا شهر ۾ پوليس اهلڪارن سان گڏ رينجرز جا جوان به پنهنجو ڊيوٽيون سرانجام ڏيئي رهيا آهن ۽ پوري شهر اندر سي سي ٽي وي ڪيمرائون پڻ لڳايون ويون جنهن سان ماتمي جلوسن جي پڻ سخت نگراني ڪئي پئي وڃي پوري ضلعي جي مختلف ضلعن سان گنڊيل روڊن جنهن ۾ بدين سجاول ،حيدرآباد جي داخلي رستن جي چيڪنگ سخت ڪئي وئي آهي.

بقايا 43 "روزاني عبرت"

نشيو نوجوان نسل جي مستقبل لاءِ وڏو خطرو بڻجي ويو آهي گمبٽ شهرين ۽ علائقي رهواسين موجب نشي جي لت ۾ مبتلا ڪيترائي نوجوان تعليم، روزگار ۽ گهريلو ذميوارين کان پري ٿي ويا آهن.

بقايا 44 "روزاني عبرت"

سخت ڪيا ويا آهن. رڪاوٽون لڳائي روڊ بلاڪ ڪيا ويا آهن. تفصيل موجب، ملڪ جي ٻين حصن وانگر سکر ضلعي ۾ سڀائي (اڄ) يوم عاشور مذهبي جوش، عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو سکر ضلعي ۾ يوم عاشور جي موقعي تي، ضلعي جي 35 کان وڌيڪ ننڍن ۽ وڏن امام بارگاهن مان صبح جو ماتمي جلوس ڪڍيا ويندا، جيڪي پنهنجن روايتي رستن ذريعي مکيه امام بارگاهن کان نڪرندڙ مکيه ماتمي جلوس ۾ شامل ٿيندا. مکيه ماتمي جلوس امام بارگاهه غريب آباد، سکر کان ڪڍيو ويندو اهو جوشڪارپور روڊ، ٿاڻا اي سيڪشن روڊ، گهنٽا گهر گهنٽا گهر چاري، ميناري روڊ، اسٽيڊيم چوڪ، ايوب گيٽ چاري، ايوب گيٽ، دادو چوڪ، مقام روڊ، بيڪري چوڪ ۽ ٻين علائقن مان گذرندو ۽ رات دير سان مکيه امام بارگاهه غريب آباد ڏانهن موٽندو ماتمي جلوس مختلف هنڌن تي هڪ جنازي جلوس سان ختم ٿيندو جتي مذهبي عالم ۽ بزرگ خطاب ڪندا ۽ ڪربلا جي واقعن، حضرت امام حسين جي شهادت، سندس فلسفو ۽ ان کان پوءِ ٿيندڙ واقعن تي روشني وجهندا. ماتمي جلوس ۾ تعزيہ، العالم پاڪ ۽ ذوالجناح پڻ شامل هوندا. ماتمي جلوس دوران، شهري چوراهن تي سوگوارن کي چانهه، پاڻي ۽ مشروبات پيش ڪري رهيا آهن، جڏهن ته مختلف سياسي ۽ سماجي تنظيمن ۽ اسڪائوٽ تنظيمن شهيد حسين کي طبي امداد فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ ڏينهن اڳ ڪلاڪ ٽاور ۽ مختلف هنڌن تي طبي ڪئمپ قائم ڪيا آهن جڏهن ته انتظاميا عاشورا جي ڏينهن کان اڳ ئي رڪاوٽون لڳائي روڊ بلاڪ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 45 "روزاني عبرت"

محمد محمد اشرف مصطفيٰ ولي محمد امين محمد عاطف کان موبائيل فونون هزارين رپيه روڪ هڪ وڻ نو فائيو موٽرسائيڪل ۽ هڪ سي ڊي 70 موٽرسائيڪل سميت ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا جڏهن ته ڦرجي ويلن چوهڙجمالي پهچي سخت احتجاج ڪندي چيو ته ڦورن هلندڙ موٽرسائيڪل تي لئيون هڻي فائرنگ ڪري روڪيو ۽ اسان کي گارگند ڪئي 2 موٽر سائيڪلن سميت سڀ ڪجهه ڦري پچاڙي گهران آندل مائي پڻ ڪسي ويا ٻئي طرف چوهڙ جمالي شهر ۽ ان جي [illegible]

بقايا 46 "روزاني عبرت"

[illegible]

CDA CAPITAL DEVELOPMENT AUTHORITY

CAPITAL DEVELOPMENT AUTHORITY

Procurement & Contract Agreement-I

URAAN PAKISTAN

INVITATION TO e-BID

1. The **Capital Development Authority** invites electronic bids on Single Stage –Two Envelope procedure as per PPRA Rule 36 (b) from firms who are well reputed, registered with Pakistan Engineering Council having valid Registration in relevant **Category with Project Codes CE-01, CE-09, CE-10, EE-02, EE-04, EE-06, EE-07, ME-02 & ME-03** for the year **2026-27** who can prove their eligibility and qualification as mentioned in the Bidding Documents for the following projects: -

NAME OF WORK	NIT COST	BID SECURITY	Remarks
Construction of Government Officer's Residence (ICT) in Diplomatic Enclave, Islamabad (SH: Construction of Multi Story GOR Building (G+5), Infrastructure Development and Construction of Houses).	Rs. 1,351,652,000/-	Rs. 25,000,000/-	Detail of work is available in Bidding Documents.

2. Electronic Bidding Document, containing detailed requirements, terms and conditions is available for the registered bidders on EPADS at www.eprocure.gov.pk and www.ppra.org.pk.
3. Bids must be accompanied by a Bid Security in the form of **Pay Order / CDR** in favor of **DDO (Procurement & Contract), CDA** as per the specified amount. The prospective bidder shall upload scanned copy of the Bid Security on E-PADS in PDF and original will be provided on or before submission of the bid in the office of Director (P&CA-I), CDA.
4. The prospective bidders are required to submit their Bids online through E-PADS at http://eprocure.gov.pk strictly in accordance with instructions contained in Bidding Documents **on or before 16-07-2026 at 10:30 AM. Manual Bids will not be entertained.**
5. The electronic technical Bids will be opened by using EPADS publicly on the same day at **11:00 AM** in the presence of the procurement committee & Bidders' authorized Representatives who choose to attend the opening session to be held at the office of Director (P&CA-I), Room No 29, Block III, P&C Wing, CDA Secretariat, Sector G-7/4, Islamabad.
6. Notification of the GRC constituted in terms of Rule-48 of Public Procurement Rules, 2004 is provided on EPADS at www.eprocure.gov.pk.
7. Project related information may be sought from the office of Dy. Director, Work-I, CDA, Office # 22, Ground Floor, Old Naval HQ, G-6 Markaz, Islamabad (051-9201114)

Deputy Director-I (P&CA-I), CDA
P&C Wing, Room No.26
1st Floor, Block No III, CDA Secretariat, Sector G 7/4 Islamabad
Ph# 051-9252029

PID(I) 10406/25

چڪ پرسان پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪيو، مامن هٿان فائرنگ ۾ پاٽيجو قتل

بچل پيو ٿاڻي جي حد ۾ مامن ۽ پاٽيجن وچ ۾ هلندڙ تڪرار خونريز رخ اختيار ڪري ويو

قبرستان ۾ آمهون سامهون ٿيڻ بعد فائرنگ، بشير احمد ڪرسي موقعي تي مارجي ويو

گذريل سال به ساڳئي تڪرار ۾ چار ڄڻا قتل ٿيا هئا، صلح باوجود ڌريون ٻيهر آمهون سامهون

چڪ(رپورٽ: غلام رسول جتوئي) چڪ لڳ بچل پيو ٿاڻي جي حد ڪچي ڳوٺ سرڪي خان ڪرسي جتوئي ۾ مامن پاٽيجن ڪريمڏ ۽ غلام نبي ڪرسي وچ ۾ هلندڙ پراڻو تڪرار هڪ دفعو ٻيهر ڀڙڪي پيو بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: 9 محرم الحرام جو مرڪزي جلوس پنهنجي رستي تان گذري رهيو آهي (فوٽو اختر پيرزادو)

9محرم تي بي بي ماهرخ جي مزار تي هزارين عزادارن جي حاضري، پيادل قافلن جي آمد جاري

سنڌ جي مختلف علائقن مان آيل زائرين پاران نوحه خواني، مجلسن ذريعي شهداءِ ڪربلا کي پيش

عالمن ۽ ذاڪرن ڪربلا جي عظيم قربانين ۽ امام حسين جي قربانين تي روشني وڌي

گلاب لغاري (ن ع) 9 محرم الحرام جي موقعي تي ... بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو پرسان 18 ورهين جو نوجوان شاخ ۾ ٻڏي فوت

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو پرسان ... 18 ورهين جو نوجوان ... شاخ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو ... بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ سگاوتي تڪرار تان جهيڙو، نوجوان قتل، ڪيترائي زخمي

بولان پاڙي ۾ مستوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران لٺين ۽ سروٽن جو استعمال

احسان، شهباز، شعبان مستوئي ۽ ٻيا زخمي، اسپتال ۾ منتقلي دوران احسان رستي ۾ دم ڏنو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام، مقتول جي وارثن جو جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

جيڪب آباد (ڏ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد بولان پاڙي ۾ سگاوتي تڪرار تان مستوئي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جي ماڻهن هڪٻئي مٿان لٺين ۽ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

اسلامڪوٽ: اپگهات ڪندڙ نوجوان جو لاش پيل آهي

9محرم الحرام جو ماتمي جلوس مرڪزي امام بارگاهه لاٿو فقير پڙ کان برآمد

جي مختلف چوڪن، چوراهن ۽ مقرر رستن تان گذرندو حيدري چوڪ تي پهتو

جلوس ۾ وڏي انگ ۾ مومنن شرڪت، ڪربلا جي شهيدن کي پيشا پيش ڪرڻ لاءِ سينہ زني ڪئي وئي

چوهڙجمالي (ن ع) محرم الحرام جي سلسلي ۾ 9 محرم الحرام جو ماتمي جلوس مرڪزي امام بارگاهه لاٿو فقير پڙ کان برآمد ٿيو جيڪو شهر جي مختلف چوڪن، چوراهن ۽ مقرر رستن تان گذرندو حيدري چوڪ تي پهتو جلوس ۾ وڏي انگ ۾ مومنن شرڪت ڪئي ۽ شهيدن ڪربلا کي پيشا پيش ڪرڻ لاءِ سينه زني ۽ عزاداري ڪئي حيدري چوڪ تي منعقد ٿيل مجلس بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ويجهو نوجوان بيروزگاري سبب ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ٽنڊوالهيار (ڏ ر) ٽنڊوالهيار ۾ سلطان آباد ٿاڻي جي حد ڳوٺ جاڻ هنگورو ۾ 35 بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ جهانگرو ۾ 21 سالا نوجوان خودڪشي ڪري ڇڏي

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ تعلقي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

پشاور: ماتمي جلوس دوران هڪ ناري جهولي جي زيارت ڪري رهي آهي

ڏگهڙي ٽائون ڪميٽي پاران مالي سال 2026-27ع لاءِ 47 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ بجيٽ پيش

46 ڪروڙ 86 لک رپين جي خرچن مقابلي ۾ 24 لک رپين کان وڌيڪ سرپلس بجيٽ رهڻ جو امڪان

ضلعي ڪائونسل گرانٽ مان 42 ڪروڙ رپيا حاصل ٿيڻ جي توقع، مختلف فيسن ۽ ٽيڪسن مان به آمدني جو هدف مقرر

صفائي، اسٽريٽ لائيٽن، ملازمن جي پگهارن ۽ شهري سهولتن جي بهتري لاءِ وڏي پئماني تي فنڊ مختص

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين مير ذوالفقار علي خان ٽالپر مالي سال 2026-27 لاءِ شهر جي تاريخ جو سڀ کان وڏو بجيٽ پيش ڪري ڇڏيو. بجيٽ موجب ڪل آمدني جو ڪاٿو 47 ڪروڙ 10 بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

چوهڙجمالي لڳ زائرين کان موٽر سائيڪلون ۽ روڪ ڦر، احتجاج

ڦورن زائرين کي فائرنگ ذريعي روڪي 2 موٽرسائيڪلون ۽ سامان ڦري فرار

شهرين ۽ واپارين جو سنڌ حڪومت ۽ پوليس اختيارين کان سخت ڪارروائي جو مطالبو

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي ـ سجاول روڊ تي بدامني ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي، ڏينهن ڏٺي يا رات سرعام ڦرجون وارداتون معمول بڻجي ويون آهن گذريل رات روڊ موري اسٽاپ پرسان ڪراچي کان درگاهه شاهه يقيق ويندڙ زائرين کي 6 هٿياربند ڦورن روڪي سخت تشدد جو نشانو بڻائي موٽر سائيڪل سوار زائرين محمد ابراهيم لياري، عرفان احمد محمد شهير شاهه ستار بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

محرابپور ۾ 16 سالن جو نوجوان شاخ ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

محرابپور (ٽ ـ ر) محرابپور جي وارڊ نمبر هڪ واسي 16 ورهين جو نوجوان ياسين علي پٽ حاجي پريل سامٽيو محراب شاخ ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي فوت ٿي ويو اطلاع تي محرابپور پوليس ۽ شهري واقعي واري هنڌ پهچي ويا نوجوان سان گڏ وهنجندڙ مقامي نوجوانن پاران نينگر کي بچائڻ جي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

محرابپور: شاخ ۾ ٻڏي فوت ٿيل نوجوان جو لاش پيل آهي

درگاهه ڀٽائي جي صحن ۾ مجلس عزا منعقد، ياحسين ع جون صدائون بلند

انجمن غلامان اهلبيت پاران الڳ مجلس عزا جو اهتمام ڪيو ويو

عالمن پاران حضرت امام حسين ع ۽ سندس ساٿين جي عظيم قربانين جو ذڪر بيان

ڀٽ شاهه (ن ع) حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي نگري ڀٽ شاهه ۾ 9 ۽ 10 محرم الحرام جي سلسلي ۾ مجلس عزائون بريا ڪيون ويون درگاهه ڀٽائي جي صحن ۾ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي جنهن کي علامه جميل حيدر آف لاهور ۽ علامه عاشق حسين منتظري خطاب ڪيو جڏهن ته درگاهه ڇاڙهي پليٽ فارم تي انجمن غلامان اهلبيت پاران الڳ مجلس عزا جو اهتمام بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ اڄ يوم عاشوره تي 179 ماتمي جلوس ۽ 181 مجلسون، سيڪيورٽي انتهائي سخت

ماتمي جلوسن ۽ مجلسن جي سيڪيورٽي لاءِ 3 هزار کان وڌيڪ پوليس آفيسر مرد ۽ عورت اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو

جلوسن جي روٽن تي ڪنڊيدار تارون لڳائڻ سان گڏ مختلف هنڌن تي سي سي ٽي ڪئمرائون لڳايون ويون

سموري شهر ۾ نياز امام حسين ع ورهائڻ سان گڏوگڏ ٿڌي پاڻي جون سبيلون لڳايون ويون

لاڙڪاڻو(رپورٽ: منير سومرو) سنڌ جي ٻين شهرن جيان لاڙڪاڻي ۾ به اڄ يوم عاشوره جي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ 179 ماتمي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر جي صحافي عبدالقادر سومرو جي والده وفات ڪري وئي

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر جي سينيئر صحافي عبدالقادر سومرو ۽ وڪيل عبدالحميد سومرو جي والده ماجده جيڪا بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڊيرا مراد جمالي ۾ جوابدارن هٿان قتل ٿيل زال، سس ۽ سهري جا مڙهه جيڪب آباد پهتا

ٻه ڏينهن اڳ جوابدار اسرار هجوائي پنهنجي زال ڪونج، سس مسمات مديحه، سهري ياسين کي گوليون هڻي قتل ڪيو هو

ٽنهي قتل ٿيلن جي لاشن جي پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد ڊيرا مراد جمالي مان جيڪب آباد ضلعي ڪائونسل هال ڪالوني پهتا

مقتولن جي وارثن پاران شهيد الله بخش سومرو قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو ويو، ٽريفڪ معطل

بلوچستان حڪومت ۽ ايس ايس پي ڊيرا مراد جمالي اهڙي واقعي جو نوٽيس وٺي سڀني جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪري:مظاهرين

جيڪب آباد (ڏ ر) ٻه ڏينهن اڳ بلوچستان جي ڊيرا مراد جمالي جي سٽي ٿاڻي جي حد اقبال ڪالوني ۾ جوابدار مڙس اسرار هجوائي مبينه گهرو اڻبڻت تان پنهنجي نوجوان گهرواري مسمات ڪونج ۽ جيڪب آباد بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سکر: گهرو وزير ضياالحسين لنجار سڪيورٽي انتظامن جو جائزو وٺندي

جيڪب آباد ۾ ٽرانسفارمر لاهڻ خلاف رهواسين جو احتجاج، ڌرڻو

جمس اسپتال واري پاڙي جا رهواسي سيپڪو عملدارن خلاف روڊن تي نڪري آيا

رهواسين جو اعلي اختيارين ۽ چونڊيل نمائندن کان فوري نوٽيس وٺي ٽرانسفارمر واپس لڳائڻ جو مطالبو

جيڪب آباد (ڏ ر) جيڪب آباد جي جمس اسپتال واري پاڙي مان سيپڪو عملدارن پاران ٽرانسفارمر لاهي کڻي وڃڻ واري عمل خلاف رهواسين پاران نثار عمراڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڊي سي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڀٽ شاهه: ماتمي جلوس ۾ شريڪ عزادار ماتم ڪري رهيا آهن

ڪراچي: 9 محرم الحرام جي جلوس دوران عزادار نماز ادا ڪري رهيا آهن

چوهڙجمالي ۾ اصغريه آرگنائيزيشن پاران حضرت قاسم ع جي مهندي جو جلسو ڪڍيو ويو

جلوس ۾ سوين جي تعداد ۾ مومن شريڪ ٿيا، وک وک تي پاڻي ۽ شربت جون سبيلون لڳايون ويون

جلوس پرامن نموني پنهنجي منزل تي پهچي اختتام پذير، سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا

چوهڙجمالي (ن ع) اصغريه آرگنائيزيشن چوهڙجمالي طرفان هر سال جيان هن سال به احترام ۽ عقيدت سان حضرت قاسم عليه السلام جي مهنديءَ جو جلوس ڪڍيو ويو جيڪو السادات امام بارگاهه کان برآمد ٿي امام بارگاهه فضل عباس ٿائين پهتو مهنديءَ جي جلوس ۾ سوين جي تعداد ۾ مومن شريڪ ٿيا عزادارن پاران نوحا خواني ۽ سينه زني ڪئي وئي جڏهن ته ڳوٺ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ هندو برادري جو احتجاجي مظاهرو

9 محرم الحرام جي ڏينهن سنگرار ۾ سبيل هلائڻ دوران پراسرار نموني اغوا ٿي وئي هئي

اڄ پنج سال گذري چڪا آهن پر افسوس جو اها اڃا تائين بازياب نه ٿي سگهي آهي: مظاهرين

خيرپور (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

عاشوره تي ٽرينن جي چيڪنگ تي سفر جاري، ريلوي ڪاٽو روڪڻ ۾ ناڪام

سنڌ جي مختلف شهرن مان هزارين ٽرينن جي ... بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

شهرين ۽ سماجي حلقن جو اعلي اختيارين کان ٽرينن ۾ وڌيڪ حفاظتي قدمن کي يقيني بڻائڻ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) ريلوي ڪاٽو ... بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي: 9 محرم الحرام جي جلوس ۾ شريڪ عزادار ماتم ڪري رهيا آهن

سڪرنڊ ۾ قاضي جنيد رضا عطاري ۽ نرمل قاضي جي 12هين ورسي، ذڪر امام حسين ع روحاني اجتماع

جامع مسجد محبوب ۾ ايصال ثواب لاءِ مجلس، مفتي فيض محمد سڪندري ۽ ٻين عالمن جا تفصيلي بيان

مقررن امام حسين ع ۽ امام حسن ع جي فضيلت، صبر ۽ قرباني بابت احاديث نبوي ﷺ تي روشني وڌي

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي جاويد سنائي) سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي جي فرزند قاضي جنيد رضا عطاري ۽ نياڻي نرمل قاضي جي 12 هين ورسي جي موقعي تي سندن ايصال ثواب لاءِ ذڪر امام حسين رضي الله عنه جي عنوان تحت جامع مسجد محبوب ۾ روحاني اجتماع جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مفتي فيض محمد سڪندري بيان ڪندي چيو ته آقا ڪريم بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ محرم دوران صفائي ۽ ڊرينيج نظام ناڪام، ماتمي جلوسن جا رستا خراب

نالن جي صفائي مڪمل نه ٿيڻ سبب شهر ۾ گندو پاڻي روڊن تي بيهي رهيو

ماتمي تنظيمن جو صفائي بهتر ڪرڻ ۽ جلوسن لاءِ رستن کي فوري درست ڪرڻ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) محرم جي ڏينهن ۾ به روڊ خراب آهن نالن ۽ گندي پاڻي جي صفائي مڪمل نه ٿي سگهي، ضلعي انتظاميا ماتمي جلوسن جي رستن کي پڪو ڪرڻ شروع به نه ڪري سگهي، ماتمي جلوسن جي رستن تي ڊرينيج سسٽم خراب آهي، صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن، ماتمي تنظيمن جو مطالبو آهي ته تفصيل موجب محرم جي ڏينهن کان بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سجاول: پ پ اڳواڻ ريڊنو جت جي وارثن سان عاجز ڌامراهه جي تعزيت

شهيد ريڊنو جت پارٽي جو انتهائي وفادار، سرگرم ۽ بهادر ساٿي هو:عاجز ڌامراهه

واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

سجاول (ڏ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي حيدرآباد ڊويزن جي صدر عاجز ڌامراهه ٻيرو ٽالپر پرسان ڳوٺ ڪمال جت پهچي بيدردي سان قتل ٿيل پيپلز پارٽي حيدرآباد ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري شهيد ريڊنو جت جي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي عاجز ڌامراهه چيو ته شهيد ريڊنو جت پارٽي جو انتهائي وفادار بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سجاول: ڊي سي زاهد رند ۽ ايس ايس پي عليفه راڄپر ماتمي جلوس جي رستن جو دورو ڪري رهيا آهن

شهداءِ ڪربلا جي قرباني حق ۽ سچائي جي فتح جو لازوال باب آهي: غلام شبير ٻنيرو

حضرت امام حسين ؑ ۽ ساٿين ظلم آڏو سر نه جهڪائي انسانيت کي صبر، استقامت ۽ قرباني جو درس ڏنو

ڪربلا جي قربانين سبب اسلام جو پيغام دنيا تائين پهتو، ظلم خلاف بيهڻ جو سبق مليو

لکي غلام شاهه(رپورٽ: عبدالرزاق مهر) سنڌ ٻنيرا ويلفيئر ايسوسيئيشن جي باني ۽ سماجي شخصيت غلام شبير ٻنيرو پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته شهداءِ ڪربلا جي عظيم قرباني اسلام جي بقا، حق ۽ سچائي جي فتح جو هڪ لازوال باب آهي حضرت امام حسين ؑ ۽ سندن بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڏوڪري ۾ "ڪربلا جي شهيدن" کي پيشا پيش ڪرڻ لاءِ مڪ ماتمي جلوس برآمد

مرڪزي امام بارگاهه مان زوار وحيد علي، امداد ڪولاچي، منظور جلباڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جلوس نڪتو

شهر جي مين حيدر چوڪ تي ماتمي ڪيو ويو ۽ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي

ڏوڪري (ن ع) ڏوڪري ۾ هر سال وانگر هن سال به "ڪربلا جي شهيدن" کي پيشا پيش ڪرڻ لاءِ 9 محرم الحرام جو مڪيه ماتمي جلوس الحسيني مرڪزي امام بارگاهه مان زوار وحيد علي، امداد علي ڪولاچي، منظور علي جلباڻي آغا فرمان علي قاضي زيب علي ۽ ٻين جي اڳواڻي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

نارو ۾ غيرقانوني وڻن جي ڪٽائي خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو

ڪاٺ سان ڀريل ٽرڪون روزانو ڪراچي ۽ پنجاب روانيون ٿين پيون:مظاهرين

وڻن جي خاتمي سبب گرمي، بيمارين ۽ ماحولياتي مسئلن ۾ واڌ ٿي رهيو آهي

سماجي اڳواڻن جو ڊپٽي ڪمشنر خيرپور کان غيرقانوني ڪٽائي روڪرائڻ جو مطالبو

نارو(رپورٽ:منور ٻنيرو) تعلقي نارو سميت مختلف علائقن مان روزانو غيرقانوني طور ڪاٺ سان ڀريل ٽرڪون ڪراچي ۽ پنجاب ڏانهن روانيون ٿين ٿيون انهن مان ڪيترين ٽي ٽرڪن وٽ نه قانوني اجازت هوندي آهي ۽ نه ئي سندن ڪا موثر جاچ ڪئي ويندي آهي، وڻن ۽ ٻيلن جي تيز سان ڪٽائي، بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سيدارجا: روڊ حادثي جا شڪار ٿيل شخص ۽ تباهه ٿيل ڪار

ڏگهڙي ۾ ميگهواڙ برادري جي تڪراري معاملي جو حل، متاثر خاندان لاءِ گهر ۽ مالي سهائتا جو اعلان

صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر ميگهواڙ برادري جي وفد سان ملاقات بعد اهم فيصلو ڪيو

متاثر خاندان کي ساڳئي پلاٽ تي ٻيهر گهر تعمير ڪرڻ جي اجازت، مالي مدد پڻ فراهم ڪئي ويندي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ ميگهواڙ برادري جي گهر سان لاڳاپيل تڪراري معاملي ۾ صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر متاثر خاندان لاءِ مالي سهائتا جو اعلان ڪندي ساڳئي جاءِ تي ٻيهر گهر تعمير ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي.تفصيل موجب صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر سنڌ اسيمبلي جي اجلاس مان واپسي تي ڪراچي کان ڏگهڙي پهچي پنهنجي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ هاءِ وولٽيج تارون ڪرڻ سبب ٽي مينهون مري ويون، ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڳوٺ پاٽار پرسان 11 هزار وولٽيج جي تارن ڪرڻ ڪري زميندار فيضان قريشي جون ٽي مينهون مري ويون

متاثر جو احتجاجي مظاهرو لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي، حيسڪو خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ٽنڊو محمد خان(ڏ ر) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ پاٽار پرسان بجلي جون هاءِ وولٽيج تارون ڪرڻ سبب ٽي لکين رپين جي ماليت جون مينهون مري ويون.خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ پاٽار ۾ مقامي زميندار فيضان قريشي جون ٽي مينهون 11هزار ولٽيج جي تارن ڪرڻ ڪري ڪرنٽ لڳڻ سبب ٽي مينهون موقعي تي مري ويون مقامي زميندار ڏانهيندي چيو ته مونکي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي مالي وسيلن جو هڪ حصو ٽن سالن لاءِ وفاق حوالي ڪيو ويندو: زين شاهه

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وفاقي ڌرين وچ ۾ ٿيل ملاقات ۾ اهو طئي ڪيو ويو آهي

ان فيصلي کان پوءِ سنڌ جا سرڪاري ادارا مالي بحران جو شڪار ٿي ويندا ۽ صوبي ۾ تباهي جهڙي صورتحال پيدا ٿيندي

مصنوعي طور ڏڪار جهڙا حال پيدا ڪري پوءِ سنڌ جو انتظام وفاق حوالي ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي پئي وڃي

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي پرويز سنائي)ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه سڪرنڊ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳايو آهي ته سنڌ کي ورهائڻ جي سازش تيار ڪئي وئي آهي هن دعوي ڪئي ته بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ اڄ مختلف علائقن مان ذوالجناح، تعزين، علم پاڪ، سيجن، جهولن جا سوين ماتمي پڙ برآمد ٿيندا

قدم گاهه مولا علي ع تان مرڪزي ماتمي جلوس انجمن حيدري جي زيراهتمام برآمد ٿيندو جيڪو دادن شاهه تي اختتام پذير ٿيندو

ٻيو مرڪزي ماتمي جلوس مرڪزي امام بارگاهه گل شاهه رضويه گاڏي کاتو مان انجمن رضويه جي زيراهتمام برآمد ٿيندو

ميرحت جو پڙ ايليڪاٽ جو پڙ جهولي پاڪ وارو پڙ مرحوم يعقوب ڪاسائي جو پڙ نهال شاهه جي پڙ سميت سوين پڙ برآمد ڪيا ويندا

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ هر سال جيان هن سال به دستور موجب يوم عاشور 10 محرم الحرام تي حيدرآباد جي مختلف علائقن مان ذوالجناح، تعزين، علم پاڪ، سيجن، بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت پاران ڏگهڙي ٽائون ڪاميٽي لاءِ او زيڊ ٽي شيئر جا 25.2 ملين رپيا جاري

جولاءِ 2026ع جي فنڊن جي منظوري، بلدياتي خدمتن ۽ ترقياتي ڪمن کي هٿي ملندي

ميرپورخاص ضلعي جي مختلف ٽائون ڪاميٽين لاءِ به ڪروڙين رپين جا فنڊ مختص

ڏگهڙي(ن ع) سنڌ حڪومت بلدياتي ادارن لاءِ آڪٽرائي اينڊ ضلعي ٽيڪس (OZT) شيئر جي مد ۾ جولاءِ 2026ع جا فنڊ جاري ڪري ڇڏيا آهن جن تحت ٽائون ڪاميٽي ڏگهڙي لاءِ 25.200 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن.تفصيل موجب سنڌ حڪومت جي ناڻي کاتي پاران 23 جون 2026ع تي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن تحت صوبي جي مختلف بلدياتي ادارن کي جولاءِ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان نانگ جي ڏنگ سبب 12 ورهين جو نينگر فوت

خيرپورگمبٽ (نمائندن وٽان) خيرپور پرسان ڳوٺ بالا خان بروهي واسي 12 سالن جي نينگر مسعود علي پٽ غلام علي بروهي کي نانگ ڪکي وڌو جنهن کي ڇڪتي جو ڳي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي جسم ۾ زهر ڦهلجڻ ڪري بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سکر: روهڙي سان تڪڙ ٿڻون ذال وارو جلوس پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيو آهي

گمبٽ پرسان قبرستان ۾ ناريجا برادري جو جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، ٻيو زخمي

شيخ طيب قبرستان ۾ ناريجا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو

لٺين ۽ سروٽن جي وار سبب علي داد ناريجو فوت، امداد علي ناريجو سخت زخمي

پوليس موجب تڪرار قبرن جي صفائي واري معاملي تان ٿيو، جاچ جاري، ڪجهه ماڻهو گرفتار

گمبٽ (ن ـ ع) گمبٽ لڳ شيخ طيب قبرستان ۾ ناريجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو هڪ ڄڻو قتل هڪ ڄڻو زخمي تفصيل موجب گمبٽ جي علائقي شيخ طيب قبرستان ۾ 9 محرم بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ امتياز شيخ جو محرم الحرام جي حوالي سان انتظامن جو جائزو

امتياز احمد شيخ جو ٻدو سانحي جي شهيدن جي وارثن لاءِ مالي مدد جي ڪوشش جو اعلان

ڊي سي آفيس ۾ اهم اجلاس، پوليس، صحت ۽ ريسڪيو ادارن کي هاءِ الرٽ رکڻ جون هدايتون

شڪارپور (ڏ ر)آگوٽي صوبائي وزير ۽ ايم پي اي امتياز احمد شيخ چيو آهي ته ٻدو سانحي جي شهيدن جي وارثن جي مالي مدد لاءِ ضلعي انتظاميه ، ٽڪ جي ايم پي اي آغا شهباز خان دراني سان پاڻ گڏجي وزير اعلي سنڌ سان ملاقات ڪئي ويندي رسعي هنن جي وارثن کي مالي مدد ڏي سگهجي محروم الحرام جي سلسلي ۾ انتظاميه طرفان بهتر ڪم ڪيو ويو آهي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: ايم پي اي امتياز شيخ اجلاس ۾ شريڪ آهي

گلاب لغاري: مجلس عزا کي ذاڪر خطاب ڪري رهيو آهي

پنوعاقل پرسان جوابدارن جي حملي ۾ يعقوب چاچڙ کي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال منتقل

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جي ڪچي واري علائقي سڏوجا پرسان ڳوٺ ملان هزارو چاچڙ ۾ جوابدارن مبينا طور حملو ڪري بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

محرابپور ۾ پرڻيل ناري گهرو اڻبڻت تان زهريلي دوا پي خودڪشي ڪري ڇڏي

محرابپور (ٽ ـ ر) محرابپور ۾ وارڊ نمبر هڪ جي رهواسڻ 32 ورهين جي شادي شده ناري مسمات فهميده نوناري ذال جاويد بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

هنگورجا پرسان ڳوٺ گابر خاصخيلي ۾ قديمي مجلس عزا، شهداءِ ڪربلا کي پيشا پيش

عالمن حضرت امام حسينؑ ۽ ساٿين جي لازوال قربانين تي تفصيلي روشني وڌي

مجلس کان پوءِ زنجيرن، ڪرڙن ۽ تلورن سان ماتمداري، ڪيترائي عزادار زخمي

هنگورجا (ن ع) هنگورجا پرسان ڳوٺ گابر خاصخيلي ۾ شهداءِ ڪربلا حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ان جي جانثار جي ڪربلا جي ميدان ۾ ڏنل لازوال قربانين جي ياد ۾ قديمي مجلس عزا ٿي مجلس کي سنڌ جي نالا وارن مولوين خطاب ڪيو علامه قبلا وزير احمد شيخ . قبلا سجاد حسين . مولانا ابراهيم خاڪي ذاڪر سيد رضا بادشاهه ۽ ٻين ذاڪرن حضرت بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سجاول ۾ ضلعي انتظاميا جو محرم الحرام جي انتظامن جو جائزو، سيڪيورٽي سخت

ڊپٽي ڪمشنر زاهد حسين رند ۽ ايس ايس پي عليفه راڄپر جو مختلف شهرن، امام بارگاهن ۽ جلوسن جي رستن جو دورو

سيڪيورٽي، صفائي، پاڻي، بجلي ۽ طبي سهولتن بابت انتظامن جو تفصيلي جائزو لاڳاپيل کاتن کي هدايتون

امن امان جي قيام ۽ عزادارن کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ فول پروف انتظام ڪيا ويا

سجاول (ڏ ر) محرم الحرام جي انتظامن جو جائزو ، ضلعي انتظاميه ۽ پوليس متحرڪ محرم الحرام جي پرامن انعقاد کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر سجاول زاهد حسين رند ، ايس ايس پي عليفه راڄپر ، رينجرز ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن سان گڏ ضلعي جي مختلف شهرن جو دورو ڪيو ان موقعي تي امام بارگاهه ، ماتمي جلوسن بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سامارو ۾ هريش ڪمار مهيشوري جي مبينا اغوا خلاف احتجاجي ريلي

مهيشوري برادري، واپارين ۽ سياسي سماجي اڳواڻ ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

صدر، وزيراعظم، وڏي وزير سنڌ نوٽيس وٺي هريش ڪمار کي فوري طور بازياب ڪرائي:مظاهرين

سامارو (ن ع)نئوڪوٽ جي مشهور نوجوان واپاري ۽ زميندار هريش ڪمار مهيشوري جي مبينا اغوا خلاف سامارو روڊ ۾ مهيشوري برادري جي مک ڊاڪٽر سرڻ ڪمار راٺي جي اڳواڻي ۾ پرامن احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ شهر جي واپاري، سماجي ۽ سياسي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو، ريلي ۾ سيٺ هوتچند راٺي سيٺ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

13 ڪلو ميٽر ڊگهو پيادل ماتمي قافلو گولاڙچي پهچي ويو

ڳوٺ بادل خان چانديو مان نڪتل قافلي ۾ وڏي انگ ۾ عزادارن جي شرڪت

شهيد فاضل راهو چوڪ تي روزو افطار، چاقن ۽ زنجيرن سان ماتمداري ۽ سينہ زني

گولاڙچي(ت ر) حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندن جان نثارن جي عظيم قرباني جي ياد ۾ ڳوٺ بادل خان چانديو مان نڪتل 13 ڪلو ميٽر ڊگهو پيادل ماتمي قافلو گولاڙچي پهچي ويو قافلي ۾ وڏي انگ ۾ عزادارن شرڪت ڪئي جڏهن ته رستي ۾ سوين عقيدتمندن پاران نياز ۽ سبيلن جو سلسلو جاري رهيو ماتمي قافلو شهيد فاضل راهو چوڪ تي پهتو جتي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: فوت ٿيل نينگر جو لاش پيل آهي

خانپورمهر ڳاڙهي پٽ قبرستان جي مالڪي تان ڳاٽاٽي ۽ ملڪ برادري وچ ۾ جهيڙو 4 ڄڻا زخمي، احتجاج

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳاڙهي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ هٿيابند ڦورن هٿان ٻه نوجوان يرغمال، روڪ رقم ۽ موبائيل فونون ڦر

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سول لائين ٿاڻي جي حد گهنٽي ڦاٽڪ واري بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: صوبائي وزير طارق ٽالپر سان ميگهواڙ برادري جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

جيڪب آباد ۾ نائين ۽ ڏهين محرم الحرام جي موقعي تي سيڪيورٽي انتظام سخت

شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن کي سيل ڪري عزادارن جي روٽن کي ڪنڊيدار تارن سان محفوظ بڻايو ويو

مختلف امام بارگاهن سميت حساس هنڌن تي پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن کي الرٽ ڪري بيهاريو ويو

ضلعي اندر 4 هزار کان وڌيڪ پوليس ۽ رينجرز جي عملدارن کي هاءِ الرٽ ڪيو ويو آهي، 33 اضافي چيڪ پوسٽون قائم ڪيون آهن:ايس ايس پي

جيڪب آباد (ڏ ر) جيڪب آباد ۾ نائين ۽ ڏهين محرم الحرام جي موقعي تي ضلعي انتظاميه پاران سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا آهن شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن کي سيل ڪري عزادارن جي روٽن کي ڪنڊيدار تارن سان محفوظ بڻايو ويو آهي جڏهن ته مختلف امام بارگاهن سميت حساس هنڌن تي پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن کي الرٽ ڪري بيهاريو ويو آهي. 9 محرم الحرام جي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان ۾ ڪربلا جي شهيد جي ياد ۾ هر طرف ياحسين ع جون صدائون بلند

شهر جي ننڍن وڏن ڀڙن تان سوين ماتمي جلوس پريا، عزادارن پاران ڪربلا جي شهيدن کي پيشا پيش

علامه شفقت عباس قمي ڪربلا جي شهيدن جي اسلام لاءِ ڏنل قربانين تي روشني وڌي

ٽنڊومحمدخان (ڏ ر) ٽنڊومحمدخان ۾ ڪربلا جي شهيد جي ياد ۾ هر طرف ياحسين ياحسين جون صدائون بلند شهر ۽ آس پاس وارن علائقن ۾ ماتمي جلوسن ۽ مجلسن عزادارين جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته شهر جي ننڍن وڏن ڀڙن تان سوين ماتمي جلوس پريا ڪيا ويا آهن جنهن ۾ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ منشيات جو وڌندڙ استعمال، نوجوان نسل جي مستقبل لاءِ وڏو خطرو بڻيل

آئس، شراب، آفيم، چرس ۽ ٻين نشي آور شين جي استعمال سبب ڪيترائي خاندان متاثر

شهرين والدين ۽ سماجي حلقن پاران منشيات جي وڌندڙ رجحان تي سخت ڳڻتي جو اظهار

گمبٽ (ن ـ ع) گمبٽ ۽ ان جي آسپاس وارن علائقن ۾ خطرناڪ منشيات آئس، شراب ،نشي آور سپاريون ،ڪچو شراب ،آفيم ۽ چرس جو استعمال ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي، جنهن سبب ڪيترائي خاندان معاشي سماجي ۽ اخلاقي تباهي جو شڪار بڻجي ويا آهن گمبٽ جي شهرين، والدين ۽ سماجي حلقن سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي ته گمبٽ هر قسيم جو بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ڊي سي شهزاد ساهي جمس اسپتال جو دورو ڪري رهيو آهي

سکر ضلعي ۾ اڄ يوم عاشور مذهبي جوش عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو

سکر (بيورو رپورٽ) ملڪ جي ٻين حصن وانگي سکر ضلعي ۾ سڀاڻي (اڄ) يوم عاشور مذهبي جوش عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو سيڪيورٽي جا انتظام بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: قتل ٿيلن جا وارث لاءِ رکي احتجاج ڪري رهيا آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.